# ڪاهوڙين ڪِٺي، ساجھرُ ٻَڌا سَندِرا

[متو مهيري،
هڪ نفيس ۽ جاکوڙي شخصيت]



مُرتب
**رفيق جعفري**

ڪاهوڙين ڪِٺي، ساجھرُ ٻَڌا سَندِرا
[متو مهيري،
هڪ نفيس ۽ جاکوڙي شخصيت]
رفيق جعفري
سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر

## متو مهيري

متي مهيريءَ تي لکڻ يا ان سان تعلق ۽ ٻانداپي کي بيان ڪرڻ هڪ دور جي تاريخ کي درج ڪرڻ آهي. دور بہ اهو جيڪو سنڌ جي سماجي، سياسي، ادبي ۽ ذهني اوسر ۽ اٿل پٿل جي عروج جو عڪاس آهي. متو مهيري گهڻ پاسائين ۽ گهڻ رخي شخصيت هو. هن جو هڪڙو پاسو سياسي هو،سندس سياسي پرورش عوامي تحريڪ جي درس گاهہ ۾ ٿي. عوامي تحريڪ جيڪا پنهنجي وقت ۾ سنڌ جي اندر سڀ کان زياده سياسي سوچ سمجهہ ۽ مطالعي وارن ڪارڪنن جو هڪ وسيع حلقو رکندڙ تنظيم هئي، جنهن جو ايڪو، ٻڌي ۽ ضابطو پڻ بي مثال هو. هونئن تہ عوامي تحريڪ جا ڪيترائي پاسا هئا، جيڪي ڪارڪنن ۽ عوام لاءِ ڪشش جو سبب بڻيا هئا پر خاص طرح ان جي قيادت مان سڀ کان وڌيڪ متحرڪ ۽ پر اثر ڪردار رسول بخش پليجو ۽ شهيد محمد فاضل راهو هئا. ٻنهي وٽ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۽ پنهنجي طرف ڇڪڻ جا الڳ الڳ هنر ۽ انداز هئا.

متو مهيري، شهيد فاضل راهو جو سياسي همسفر رهيو. ان مسافت ۾ هن جيل بہ ڪاٽيو تہ ضيائي آمريت جا ڦٽڪا بہ کاڌا. ڏکين ۽ مشڪل حالتن ۾ بہ هو ثابت قدميءَ سان شهيد فاضل جي ساٿ ۾ شامل رهيو. متو مهيري ، شهيد فاضل جو رڳو پوئلڳ ۽ ساٿي ڪونہ هو پر هن جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿيندو هو جيڪي شهيد فاضل جا عشق جي حد تائين عقيدتمند هئا. ان عقيدت ۽ عشق کي متي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين نڀايو. محفل ڪهڙي بہ هجي، ڪچهري ۽ ماحول ڇا بہ هجي پر جتي متو هجي تہ اتي شهيد فاضل جو ذڪر اٽتر هوندو هو. متو جن ماڻهن سان رهيو، جن جي صحبت ۾ هن زندگي گذاري، جن کان هن پرايو، سکيو ۽ هڙ ۾ ڪجهہ حاصل ڪيو هو، انهن سڀني کي متو مختلف وقتن تي ياد ڪندو هو پر شهيد کي ياد ڪندي، ان جي متعلق ڳالهائيندي، ان جي باري ۾ پڙهندي يا ان جا گيت ڳائيندي هو بي انتها جذباتي ٿي ويندو هو. شهيد فاضل ۽ ادا صديق مرحوم کان وٺي اسان سڀني سان متي ۽ ان جي پوري ڪٽنب جو تعلق ايترو تہ ويجهو ۽ گهرو آهي جو اسين سڀ پنهنجو پاڻ کي هڪبئي جي گهر جا ڀاتي سمجهندا آهيون. (هلندڙ صفحو نمبر 13)

**محمد اسماعيل راهو**

سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر
ISBN 978-627-7569-14-3
9 786277 569143

Parkash Karmwani

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ڪاھوڙيُن ڪِٽِي، ساجُھرُ ٻَڌا سَندرا

(متو مهيري هڪ نفيس ۽ جاڪوڙي شخصيت)

مُرتب

**رفيق جعفري**

سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر
2023ع

ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا
”متو مهيري يادگار ڪاميٽي“ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: ڪاھوڙيُن ڪِٽِي، ساجُھرُ ٻَڌا سَندرا
موضوع: شخصيت-ڪالم-مضمون
مُرتب: رفيق جعفري
ڇاپو: پھريون
سال: آڪٽوبر- 2023ع
ڪاپيون: 1000
ٽائيٽل/لي آئوٽ: پرڪاش ڪرمواڻي
ايڊيٽنگ-پروف ريڊنگ: علي حسن چانڊيو
ڪمپوزنگ: علي محمد ميمڻ
ڇپائيندڙ: متو مهيري يادگار ڪاميٽي
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
03333173584_03413386907

قيمت: 500 روپيا

KAHORYUN KHANI SAJHUR BADHA SANDRA
[Columns-Articles]
Compiled By: Rafique Jaffri

Edition: First
Quantity: 1000
Year: 2023
Published By: Samroti Publication, Tharparkar
03333173584_03413386907
Price Rs. 500-00

### — اسٽاڪسٽ —

ٿر ڪتاب گھر، مٺي- ڪنول-سمبارا ڪتاب گھر، حيدرآباد- ڪويتا ڪتاب گھر، حيدرآباد-پيٽائي ڪتاب گھر،
گاڏي ڪاتو حيدرآباد-ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد-شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاھ-
ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي-رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو-مهراڻ ڪتاب، ڪپرو-
العزيز ڪتاب گھر، عمرڪوٽ-المدينہ ڪتاب گھر، ڇاڇرو-ڪنگري بوڪ شاپ،
اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص-المهراڻ ڪتاب گھر، سانگھڙ-
مرچولال بڪ ڊيپو، بدين-سوجھرو ڪتاب گھر، بدين-
مهراڻ بڪ سينٽر، سکر-وسيم ڪتاب گھر شڪارپور-
سارنگ ڪتاب گھر ڪنڊيارو

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ارپنا

سنڌ ڌرتيءَ جي نانءُ

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران سنڌ جي هڪ جاکوڙي ڪردار منو مهيريءَ جي شخصيت بابت لکيل تاثراتن، مضمونن ۽ منو مهيريءَ جي لکيل مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل ڪتاب **”ڪاهوڙين ڪٽي ساجهر ٻڌا سندرا“** اوهان اڳيان حاضر آهي.
ڪتاب جو مرتب **رفيق جعفري** آهي
منو مهيري لطيف جو پارکو، سنڌي شاعريءَ کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪندڙ، هڪ جاکوڙي سياسي ڪارڪن رهيو، جنهن جيل ڪاٽيا ۽ ڦٽڪا کاڌا، پر ثابت قدم رهيو هي ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي پهرين حصي ۾ منو مهيريءَ جي فن، شخصيت، سياسي، سماجي ۽ ادبي سفر بابت ۽ سندس اوچتي لاڏاڻي تي لکيل تاثراتي مضمون، ڪالم ۽ مقالا شامل آهن ٻئي حصي ۾ منو مهيريءَ جي لکيل مقالن، ڪالمن ۽ مضمونن کي سهيڙيو ويو آهي
هي ڪتاب سامروتي پبليڪيشن، ٿرپارڪر پاران آڪٽوبر 2023ع ۾ ڇپايو ويو آهي، جنهن جي ڪمپوز ڪاپي پرڪاش ڪرمواڻيءَ جي سهڪار سان پيش ڪجي ٿي

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | رفيق احمد جعفري | 09 |
| مِٺي مهيريءَ جي شخصيت | محمد اسماعيل راهو | 13 |
| پُوربِيا پُوري وِيا، آسَڻ آڏيءَ راتِ | ڊاڪٽر شير مهراڻي | 16 |
| پنهنجي ذات کان آجو انسان | ميرحسن آريسر | 19 |
| هڪ اميد سحر جي نغماگر جي موڪلاڻي | پروفيسر عبدالله ملاح | 24 |
| منو مهيري ، ماڪي جهڙو منو ماڻهو! | حسين بخش ناريجو | 27 |
| منهنجو ياءُ منو مهيري | ادريس ميراڻي | 29 |
| منو مهيري، لطيف شناس | ڊاڪٽر مسرت حسين خواجه | 33 |
| منو مهيري، گلڙن جو گلدستو | هدايت بلوچ | 42 |
| منو مهيري : جنهن جهنگ ۾ شهر پڙهيا | حفيظ ڪنير | 45 |
| مٺي جون مٺيون يادگيريون | ويرجي ڪولهي | 49 |
| چاچا مٺي پچاڻا! | سڪندر مهيري | 55 |
| نئين ڪاڪ جو راڻو منو مهيري | علي احمد جوڪيو | 58 |
| منو مهيري: تاريخ جو مترنم آواز ! | علي اظهار | 63 |
| منو مهيري هڪ منو ماڻهو ! | خادم ٽالپر | 66 |
| سر سارنگ جي بيت جهڙو ڪڪر! | ايوب گل | 68 |
| لطيف جو وڏو پارکُو: منو مهيري | خليل ڪُنڀار | 71 |
| خوشين ۾ مسڪراهٽن جي مٺيءَ مان ٺهيل انسان | وشنو مل | 78 |
| دلبر دوست ۽ هر دلعزيز منو مهيري | ادا محمد ميمڻ | 83 |
| مٺي مهيريءَ سان سياحت ۽ ٽر ياترا | نانڪ رام ڪيمناڻي | 85 |
| رئان رت مجٺ، هاڻ تن پرين ڪي | عبدالرزاق مهيري | 87 |
| ساٿي نہ پسان سي! | مرتضيٰ منو مهيري | 93 |
| تو ۾ ديرو دوست جو | مصطفيٰ اياز مهيري | 97 |
| مٺي جون يادون ۽ دلبريون | ساگر سميجو | 100 |
| منهنجو ادا منو مهيري | عبدالعلي شيخ | 102 |
| منو مهيري: انقلابي ڪلاڪار | امير آزاد پنهور | 103 |
| دبيءَ جو دادلو | ڊاڪٽر خليل قاضي | 105 |
| مٺي ۾ فاضل ۽ منشيءَ جي خوشبوءِ! | طارق ابراهيم منشي | 109 |


## مِٺي مهيريءَ جا مضمون، ڪالم


- ڪارو ٽنين ڪي، جيڪس وه وري ويو 113
- بدين کان مدين تائين 117
- اچو تہ ٿل ڪئنال خلاف گڏجي هڪ ٿيون ! 121
- ڏک جهڙي ڳالهہ آ ڙي.... 126
- شهيد فاضل قومي تحريڪ جو سچو سپاهي 130
- سماج سڌارڪ اعظم سرڪيءَ جو ڪمهلو وڇوڙو 135
- شاعري جو ڪنول ڪوماڻو 135
- حيدرآباد جي رام ڪهاڻي 137
- جتي پرتا پاڻ ۾ کهاڙو ۽ ڪنڌ! 140
- ٿل ڪئنال مسئلي تي پيپلز پارٽي، متحده جو ساٿ ڏيندي ؟ 142
- هڪ دانهن، هڪ ميار 146
- ڏيئي موت ڪي مات، منشي مئاسين ! 151
- سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ڇو ٿا ٿين ؟ 155

# مهاڳ



رفيق جعفري

ڪاهوڙيُنِ ڪَٽِي، ساجُهرُ ٻَڌا سَنڌِرا؛
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، ڪَيائُون پاڻُ پَٽِي؛
ڏَڪنِ ڏِيلُ هَٽِي، ڇيهُ لَڌائُون ڇَپَرين.
(شاهه)

16 جولاءِ 2017ع تي واشنگٽن جي هڪ خوبصورت هوٽل فيئر فيڪس ۾ مٺو مهيري ۽ آئون ترسيل هئاسين. اها واشنگٽن ۾ اسان جي آخري رات هئي جو ٻئي ڏينهن تي ڪراچيءَ جي فلائيٽ هئي. اسان گذريل ويهن ڏينهن ۾ آمريڪا جي مختلف شهرن لاس اينجلس، لاس ويگاس، نيويارڪ ۽ سان فرانسسڪو کان ٿيندا واشنگٽن پهتا هئاسين. هوٽل خوبصورت جاءِ تي هئي، آسپاس مختلف ملڪن جا سفارتخانا هئا ۽ هوٽل کان ٿوري فاصلي تي هڪ سرسبز ۽ وڏي گولائيءَ ۾ واڪنگ ٽريڪ ٺهيل هو، جنهن تي اسان شام جو هلندي ڦرندي ڪچهري ڪندا رهياسين. ان کان اڳ اسان ڏينهن جو واشنگٽن شهر ۾ ڪافي ميوزيم يا عجائب گهر به گهمياسين. هڪ عجائب گهر جيڪو ميوزيم آف نيچرل سائنسز جي نالي سان هو، مٺو ان ۾ ڊارون (Darwin) جي، انساني زندگيءَ جي ارتقا جي نظرئي کي غور سان ڏسندو ۽ ان جي مختلف مرحلن تي بحث به ڪندو پئي هليو. هن کي انهيءَ بابت مطالعو ۽ معلومات اڳ ۾ ئي هئي.

شام جو هو انساني زندگيءَ جي ارتقا جي نظرين سان گڏ انساني زندگيءَ جي آخري مرحلن تي به ڳالهائيندو پئي هليو ۽ اها ڳالهه ٻول هوٽل ٻاهران ذڪر ڪيل پارڪ ۾ هلڻ دوران پئي ٿي. سندس سوچ هئي ته اسان





پنهنجي زندگي سٺي انداز ۾ گذاري چڪا آهيون ۽ انساني زندگيءَ جي ارتقا جي مرحلن وانگر هاڻ حياتيءَ جي پڇاڙيءَ وارن مرحلن ۾ آهيون.

مٺو اڪثر موت ۽ زندگيءَ جي فلسفي تي ڳالهائيندو رهندو هو. باوجود انهيءَ جي جو هو پنهنجي صحت بابت محتاط هوندو هو پر موت جو خوف هن جي ذهن ۾ نه هوندو هو، البت اها سوچ ضرور رکندو هو ته زندگي جا سلسلا هلندي گهمندي پڇاڙيءَ تي پهچڻ گهرجن ته بهتر آهي. ڪجهه عرصي کانپوءِ سندس دل جو ٻاءِ پاس آپريشن ٿيو جنهن کان پوءِ هن جو گهٽو گهمڻ ڦرڻ محدود ٿي ويو. آمريڪا کان پوءِ يورپ ياترا جي تياري ڪئي سين پر عين روانگيءَ جي انتظامن هلندي پنهنجي طبيعت جو حوالو ڏيندي نه هلي سگهيو ۽ اسان سڄي يورپ جي شهرن جي مسافريءَ ۾ مٺي جي کوٽ محسوس ڪئي. ٻاءِ پاس کان پوءِ هو فقط هڪ ڀيرو ترڪيءَ جي سفر ۾ ساٿ ڏيئي سگهيو ۽ پوءِ ساڳئي دل جي ٿيل آپريشن بعد هو وري دل جي ڌڙڪي ۽ ساهه جي تڪليف جي شڪايت ڪري ڊاڪٽرن سان رابطي ۾ رهندو آيو ۽ نيٺ ڪراچيءَ جي هڪ نالي واري پرائيويٽ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي مشوري تحت 31 آڪٽوبر 2022ع تي هڪ ننڍي سرجيڪل پروسيجر لاءِ داخل ڪيو ويو جتي هن جي ساهن جو سلسلو اڳتي نه هلي سگهيو ۽ ان ڏينهن هن جو وڇوڙو اسان سڀني لاءِ هڪ درد ڀريو خال پيدا ڪري ويو.

سندس يادن کي سهيڙيندي ضروري آهي ته مٺي جي زندگيءَ جو مختصر تعارف مهاڳ ۾ شامل ڪجي:

مٺو مهيري ولد مير خان مهيري تعلقي گولاڙچي ضلع بدين جي ڳوٺ چاڪر مهيريءَ ۾ جنوري 1952ع ۾ جنم ورتو. سندس وڏا مالوند ماڻهو هئا جيڪي چوپائي مال، خاص طور اٺن جي پالنا سان گڏ زمينداري پيشي سان وابسته هئا. مٺي مهيري به پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ مليل چوپائي مال ۽ زمينداريءَ سان وابستگي رکي ۽ بعد ۾ هن آسپاس جي شهرن ۾ واپار توڙي سيڙپڪاريءَ جو ڪم پڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ ڀراڙيءَ جي ماحول سبب

هو باقاعده ڪنهن تدريسي عمل جو حصو نہ بڻيو پر پنهنجي وڏن ۽ گهرو ماحول جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪان متاثر رهيو، مٺي لاءِ لطيفي ڄاڻ ۽ اڳتي وري سنڌس مطالعاتي سلسلن جو سبب بڻيو. هن جنهن وقت هوش سنڀاليو تہ سنڌن پسگردائيءَ ۾ شهيد فاضل راهو سياسي طور هڪ مضبوط عوامي اڳواڻ طور تحرڪ ۾ هو. مٺي جي خانداني وابستگي ۽ سنڌس مطالعاتي شعور ڪيس ان وقت جي هلندڙ سياسي ۽ سماجي عمل جو حصو بنايو، جنهن هن جي ذهني اوسر ۽ مطالعي جي شوق ۾ واڌارو آندو. شهيد فاضل راهوءَ سان سنڌس وابستگي ڪيس رسول بخش پليجي ۽ اهڙين شخصيتن سان وابستہ ڪري رکيو جنهن ڪري هو سياسي ۽ سماجي تحريڪن جو حصو بڻجي ويو.

مٺو مهيري هڪ سياسي ۽ سماجي ڪارڪن طور ايترو تہ متحرڪ ٿي ويو، جو هن ضيائي آمريت جي دور ۾ سنڌ ۾ هلندڙ سياسي هلچل دوران ڏگهو عرصو جيل ڀوڳيا ۽ سنڌ ۾ پهرين سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ ڦٽڪا پڻ کلندي ۽ نعرا هڻندي برداشت ڪيا. پاڻ ڏگهو عرصو سنڌ ۾ سياسي جاڳرتا ۽ جدوجهد خاطر جاکوڙيندڙ تنظيمن جو حصو رهيو. هو لطيف، اياز، سرويچ، ابراهيم منشي، شمشيرالحيدري توڙي ٻين شاعرن جي ڪلام جو حافظ هو، خاص طور لطيف جي ڪلام تي هن کي ڀرپور دسترس حاصل هئي. اهوئي سبب آهي جو هو مختلف ٽي وي چئنلن تي اڪثر مهمان اسپيڪر طور نمايان نظر ايندو هو. قدرت هن کي مٺي آواز سان نوازيو هو، هو اڪثر محفلن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، شيخ اياز، شمشيرالحيدري، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي ۽ ٻين انقلابي توڙي رومانوي شاعرن جا ڪلام جهونگاريندو رهندو هو. ملڪي توڙي بين الاقوامي ادب جي مطالعي ۽ دنيا جي سفرنامن هن جي ذهن ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي سياحت جو شوق پيدا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن تمام گهڻا ڏيهي ۽ پرڏيهي سفر ڪيا. آمريڪا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جي سياحت ڪئي ۽ 2017ع ۾





آمريڪا جي شهر لاس اينجلس ۾ منعقد ٿيل سانا جي سالياني ڪنوينشن ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

اوهان جي هٿن ۾ موجود ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ ڪان اڳ منهنجي خواهش هئي تہ مٺي بابت مڪمل ڪتاب ساٿس وابستگيءَ ۽ يادن تي پاڻ ئي لکي شايع ڪرايان، پر پوءِ اها سوچ آئي تہ ڪيترائي ساٿي آهن، جن جي ذهنن ۾ سنڌس يادون محفوظ آهن ۽ ڪيترائي ساٿس جيل ۾ پڻ گڏ رهيا، جن آمريت جي دور ۾ گڏ ڦٽڪا پڻ برداشت ڪيا. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيترا دوست آهن جيڪي هن سان مختلف مرحلن ۾ سفر ڪندا رهيا، ان جي ذات برادريءَ جا ماڻهو جن هن کي ننڍي لاڪون ويجهڙائيءَ ڪان ڏٺو ۽ پڙهو، تہ بهتر سمجهيم تہ اهڙا جيڪي بہ لکندڙ آهن، رابطو ڪري انهن وٽ محفوظ سنڌس يادون سهيڙي وٺجن. آئون ٿورائتو آهيان انهن سڀني مهربانن جو جن منهنجي رابطي جي موٽ ڏني ۽ مٺي بابت محفوظ يادون، مختلف مضمونن توڙي تاثرات جي صورت ۾ مون تائين پهچايون جن کي ترتيب ڏئي هن ڪتاب جي صورت ۾ آندو ويو. جيئن تہ مٺو پاڻ بہ پنهنجي مطالعي آڌار لکڻ جي سلسلي ۾ پاڻ بہ تخليقي صلاحيت رکندو هو ۽ سنڌس مضمون ۽ ڪالم اڪثر مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا، جن مان هٿ آيل سنڌس ڪجهه لکڻيون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب کي سهيڙڻ ۾ مٺي مهيري جو پٽ غلام مرتضيٰ مهيري مسلسل رابطي ۾ رهيو ان ڪان علاوه ڪتاب جي انتظامن (ايڊيٽنگ، ڪمپوزنگ ۽ قيمتي فني مشورن لاءِ) علي حسن چانڊيو، علي محمد ميمڻ جس لهڻن.

هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ واري ڪم ۾ مٺي مهيري جي حوالي سان ڪجهه اهڙا بہ مهربان هئا جن پنهنجا مضمون ۽ تاثرات لکي ڏيڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري هئي پر وقت سر سنڌن لکتون نہ پهچڻ ڪري اهي ڪتاب ۾ شامل نہ ٿي سگهيون آهن جنهن لاءِ معذرت. پڙهندڙن کي گذارش هوندي تہ هو هن ڪتاب بابت پنهنجن قيمتي راءِ ڪان ضرور آگاهہ ڪن تہ مهرباني ٿيندي.

# منو مهيريءَ جي شخصيت



محمد اسماعيل راهو

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي پڙهڻ، اچارڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جيترو ڏکيو آهي اوترو شايد بر صغير جو ڪو ٻيو شاعر هجي. منو مهيري ان ذات سان خوب نوازيل هو. گهڻي ڀاڱي ڪيس سڄو رسالو برزبان ياد هو. لطيف جي شاعريءَ کي صحيح تلفظ سان ۽ روانيءَ سان ٻڌائڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو. شاهه سائينءَ جا استعمال ڪيل ڪيترائي ڏکيا لفظ جن جي معنيٰ ڪيترن ئي ڪاتبن جي مرتب ڪيل رسالن ۾ به ڳولي حاصل نه ٿيندي هئي پر منو کان ملي ويندي هئي. بنا شڪ جي سنڌس شمار لطيف جي تمام وڏن پارکن ۽ تحقيق ڪندڙن ۾ ڪري سگهجي ٿو. اها اسان جي بدقسمتي آهي جو هن جو اهو ڪيل ڪم ڪنهن ڪتابي شڪل ۾ موجود نه آهي. منو مهيريءَ کي لطيف تي جيترو عبور حاصل هو يا جيڪو هن حاصل ڪيو هو، اهو جيڪڏهن لکيت ۾ آڻي ها ته ڪيترن ئي تحقيق ڪندڙن ۽ ڀٽائيءَ جو ذوق رکندڙن جي لاءِ رهنمائي جو سبب ٿئي ها .

منو مهيريءَ جو ٽيو پاسو شاعر وارو هو. هنکي ٻڌندڙن جي گهڻائي ڪيس شاعر سمجهندي هئي، جيتوڻيڪ منو ڪڏهن شاعريءَ جي هڪ سٽ به ڪونه لکي پر هو سُٺن انقلابي، عوامي ۽ ڪلاسڪي شاعرن جو حافظ هو. شاعري جوڙيندڙ شاعرن کي سندن تخليق وسري ويندي هئي پر منو کي ڪي ياد هوندي هئي. ڪيس غير معمولي يادداشت حاصل هئي. لطيف، شيخ اياز، سرويچ سجاولي، منشي ابراهيم، فيض احمد فيض، حبيب جالب،



books.sindhsalamat.com

شمشير الحيدري، حافظ نظاماڻي، آڪاش انصاري ۽ ٻين ڪيترن جي شاعري جن ۾ ڪلام ۽ گانا به شامل هئا ڪيس حفظ ٿيل هئا. سنڌس تيز حافظو، بهترين آواز، ردم ۽ آواز جي ڊليوري جي مهارت سبب ٻڌڻ وارن کي ايترو ته متاثر ڪندو هو جو اڪثر شاعر به سنڌس شاعري ڳائي نه ڪري سگهندا هئا. مختلف شاعرن جي شاعري کي ٻڌڻ، پڙهڻ، ياد ڪرڻ ۽ ڳائڻ ته هن جو پسنديده مشغلو هو پر ادب جي ٻين صنفن کان به هو لاتعلق نه رهيو: ناول، ڪهاڻين، مضمون، تاريخ، فلسفي ۽ سياسي لٽريچر جو به ڪيس وڏو مطالعو هو. ڪيترن ئي ناولن ۽ ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ ڊائلاگ ڪيس برزبان ياد هوندا هئا، جن کي ادا ڪندي سنڌس اداڪاريءَ جي حس به جاڳي پوندي هئي .

منو اسٽيج پروگرامن جو به روح روان ۽ سونهن هوندو هو. ميڙاڪو سياسي هجي، سماجي هجي، ادبي يا ڪو ٻيو، منو آيو ته محفل مچي ويندي هئي. اجتماع ۾ ميڙاڪو ڪهڙو به هجي، ڪهڙي قسم جي سوچ ۽ طبيعت جا ماڻهو موجود آهن ۽ هو ڇا ٿا ٻڌڻ چاهين ان کان منو پلي پيت واقف هوندو هو. ماڻهن جي ان نفسيات مطابق اسٽيج تي پرفارم ڪري، بلڪل ٻي جان هجوم کي به زندهه ڪري ڇڏيندو هو.

منو مهيري ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ محفلن جو مور هو پر هيئن چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته منو خود محفل هوندو هو. منو آيو ۽ جتي به ڦهتو پوءِ اها پنجن جي ڪچهري هجي يا پنجاهه جي، ازخود محفل جو روپ اختيار ڪري وٺندي هئي. منو ان کي پنهنجي رنگ ۾ رنگڻ جي خوب صلاحيت رکندو هو. منو مهيريءَ جي هڪ ٻي خوبي به هئي جيڪا ڪيس الڳ حيثيت ڏيندي هئي ته هو هڪ خوش مزاج ۽ زنده دل شخص هو ، هميشه کل خوشي ۾ گذاريندو هو، پوڳ چرچا سنڌس گفتگوءَ جو لازم حصو هوندا هئا. منو هڪ حساس طبيعت رکندڙ شخص هو، يقينن هن تي حالات ۽ ماحول اثرانداز ٿيندا هئا، ان جي باوجود سنڌس زنده دلي هن تي حاوي هوندي



sindhsalamat.com

هئي، ماڻهو کهڙي به ماحول ۾ هجي پرجي مٽي جي ڪچهري رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو ته هڪ وار ته ماڻهو پنهنجا ڏک، سور، غم ۽ پريشانيون سڀ ڪجهه وساري ڇڏيندو، پورو ماحول ۽ ان ۾ موجود ماڻهن جي ذهني ڪيفيت ئي تبديل ٿي ويندي هئي. هو حاضرين کي هڪ جهان مان ٻي جهان ۾ ڪٽي ايندو هو.

مٽي مهيريءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت موجود هئي جيڪا خاصيت تمام گهٽ ماڻهن کي حاصل هوندي آهي. هن جي شخصيت ۾ ايتري Diversityڏسي ماڻهو دنگ رهجي ويندو هو. مٺو جتي ماحول ۽ ڪيفيت کي بدلائڻ جو هنر ڄاڻندو هو ته اتي سامهون ويٺل ماڻهن مطابق پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ جو فن به رکندو هو. مٺو جهڙي ماڻهوءَ سان سامهون مخاطب ٿيندو هو، اهڙو پاڻ ٿي پوندو هو. سياسي شخصيت سان ويهه يا ڪنهن اديب ۽ دانشور سان، ڪنهن شهري بابوءَ سان يا ڳوٺاڻي سان، هاري، مزدور، ڪيبن واري، گاڏي واري، ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ، مطلب ته جنهن قسم جي ماڻهوءَ سان ويٺو يا مخاطب ٿيو ته هو ان جهڙو ٿي پوندو هو. انهن جي ٻولي، انهن جو لهجو ۽ گفتا، ان حد تائين جو هن جي چهري جا تاثر ۽ باڊي لينگوئيج به اهڙي ٿي پوندي هئي، ماڻهو سمجهندو هو ته مٺو آهي ئي انهن مان ۽ انهن جهڙو ۽ انهن جي ڪميونٽي مان. مٺي مهيريءَ جا اهي رنگ، ڍنگ ۽ انگ ڪيس مڃيل فنڪار واري حيثيت ڏيندا هئا.

مٺو مهيري هڪ اڻ وسرندڙ شخص آهي. جيڪو تاحياتي زندگيءَ جي هر وک تي ياد ايندو رهندو، سندس شخصيت تي لکيل هي ڪتاب نه رڳو مٺو مهيري جي ڪم ۽ ان جي يادن کي تازو ڪندو رهندو پر ادب ۾ به هڪ نئين تخليق جو اضافو ثابت ٿيندو.



books.sindhsalamat.com



# پُوربيا پُوري وِيا، آسَڻ آڏيءَ راتِ

ڊاڪٽر شير مهراڻي

مٺي مهيريءَ سان منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات ڪڏهن ٿي؟ ڪجهه به ياد نٿو اچي پر ايترو ته ساهه جي هر تند ۾ ساريل آهي ته جڏهن به ملندو هو؛ پنهنجن پيارن گفتن ۽ شعرن سان مرجهايل مُکن تي مُرڪن جا پوپٽ پکيڙي ڇڏيندو هو. ڳالهائڻ جو اهڙو ڪروء ۽ چٽو جو ويهي ڪيس ٻڌجي. لاڙي لهجي ۾ لطيف سائينءَ جا بيت اهڙي تلفظ سان پڙهندو جو جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي معنيٰ نه به ايندي هوندي ته مٺي جي لهجي مان ان لفظ جي معنيٰ جرڪندي نظر ايندي. تلفظ جي چٽائي، لهجي ۾ خوداعتمادي، اکين ۾ ڄاڻ جو سمونڊ، باڊي لئنگويج پُراعتماد. سندس ڳالهائڻ ته ڳالهائڻ؛ پر سندس خاموشي به پُراسرار گفتگو لڳندي هئي. اڪثر سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي پروگرامن ۾ گڏبا هئاسين. گهڻا ئي پيرا صلاحيائين ته ڪا نويڪلي ڪچهري ڪريون؛ پر ساڻس نويڪلي ڪچهري ڪانه ٿي سگهي، جنهن جو افسوس سموري زندگي رهندو. هو مون کي اڪثر چوندو هو ته ”لطيف سائينءَ کي درست تلفظ سان پڙهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانهي؛ مون کي خوشي ٿيندي آهي ته تون بهتر پڙهندو آهين.“ لطيف سائينءَ جو لاڙي لهجو مون مٺو مهيريءَ کان وڌيڪ خوبصورت ڪنهن جي به واتان ڪونه ٻڌو. هو لطيف سائينءَ جو عاشق هو. عاشق به اهڙو جيڪو جذباتي به هو. ڪٿي جيڪڏهن ڪو لطيف سائينءَ جو بيت غلط پڙهندو هو ته هو ته، وڏي آواز سان ان بيت کي درست ڪري اُچاريندو هو. اڳيون ماڻهو پلي لائوڊ اسپيڪر تي پڙهندو هجي؛ مٺي کي ڪنهن به اسپيڪر جي



sindhsalamat.com

ضرورت ڪانہ پوندي هئي. هن جي آواز جي پِچ قدرتي طور تي ئي تمام وڏي هئي. نہ رڳو سندس آواز جي پِچ پر سندس آواز ۾ موجود ڪن رس ڪنهن موسيقيءَ کان گهٽ ڪونہ هو. هو شاهہ سائينءَ جي وائي پڙهي يا شيخ اياز جو ڪو ڪلام، ٻڌندڙن کي صفا موهي ڇڏيندو هو.

اهو سندس زندگيءَ جو هڪ پاسو هو، سندس زندگيءَ جو ٻيو پاسو اهو هو تہ منو مهيري هڪ سياسي ۽ سماجي ڪارڪن بہ هو. هن آمريت جي دور ۾ سنڌ ۾ هلندڙ سياسي هلچل دوران اهم ڪردار ادا ڪيو. نتيجي طور ڪيس قيد ڪيو ويو. هن ڌرتيءَ جي عشق ۾ پنهنجن پٺن تي ڦٽڪا ۽ سٽڪا بہ سٺا تہ ٻيون عقوبتون بہ برداشت ڪيون ۽ ڦٽڪا پڻ ڪلندي ڪلندي ۽ نعرا هڻندي برداشت ڪيا. هو هر ان ماڻهوءَ جو پرجهلو ٿيو، جنهن ڌرتيءَ سان نينهن نڀائڻ جو وچن ڪيو. منو مهيري بظاهر تہ هڪ عام سنڌي ماڻهو هو، جيڪو ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي ڪم ٻيو ايندو هو پر حقيقت ۾ هو عملي طور ڪم ڪري ڌرتي ۽ ڌرتي واسين لاءِ خاص ٿي ويو هو. منو مهيري هڪ متحرڪ ڪردار هو، جنهن ڪي سماج جي اڳهائيءَ جو احساس هو. هو اڻوجهہ سنڌين کي سڀوجهہ ڏسڻ جي خواهش رکندڙ هڪ اهڙو روح هو، جنهن شايد ميثاق مهل ئي مٽيءَ سان محبت جو وچن ڪيو هو. هو دوستن سان ڪچهرين ۾ ڳالهين توڙي گيتن، واين، نغمن ۽ شعرن توڙي بيتن وسيلي روح گرمائي ڇڏيندو هو. انقلابي، رومانوي ۽ جمالياتي شاعريءَ جا دفتر ڪيس برزبان ياد هئا. هو شاهہ لطيف کان ويندي شيخ اياز، استاد بخاري، حليم باغي، آڪاش انصاري، حسن درس ۽ جمن دربدر جي شاعريءَ سان منڊل محفلن ۾ جڻ تہ اسرافيل جو صور ڦوڪي ڇڏيندو هو. هو شعرن ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندو هو بلڪل "گم هوڪي ويک نظارا" جي مصداق! آئون حيران ٿيندو هوس تہ هڪ عام ماڻهو شاعريءَ سان ايڏو عشق ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ ان سوال جو جواب مون کي منهنجي ئي اندر مان ملي ويندو هو تہ جيڪو ماڻهو لطيف سائينءَ ۽ سنڌ سان محبت ڪندو هوندو ان کي تہ



اهڙي شاعري ازبر ياد هوندي.

مٺي جي ڪمهلي وڇوڙي سچ تہ جيءُ جهوري وڌو. سال 2022 جي آڪٽوبر مهيني جي آخري ڏينهن تي67 سالن جي ڄمارِ ۾ هو اسان کان موڪلائي هليو ويو.

سگا جي سالگرهہ جي موقعي تي لطيف سائين ۽ سنڌي ادب تي ڪم ڪرڻ واري منهنجي پورهئي کي جڏهن مڃتا ملي ۽ پياري سائينءَ رفيق جعفري پاران منو مهيريءَ جو اسپانسر ڪيل ايوارڊ مون کي ڏنو ويو تہ مون کي ٻيڻي خوشي ٿي. هڪ تہ لطيف سائينءَ جي نالي جو ايوارڊ، ٻيو لطيف سائينءَ جي عاشق مٺي مهيريءَ سان منسوب ٿيل ايوارڊ! منهنجي لاءِ ٻئي ڳالهيون ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ هيون. آئون سگا جي سموري سٿ جو تہ ٿورائتو آهيان ئي آهيان پر ان کان بہ وڌيڪ ٿورائتو پياري سائين رفيق جعفريءَ جو آهيان، جنهن فون ڪري منو مهيريءَ جي شخصيت بابت ڪر اکر لکڻ لاءِ چيو.

منو تہ ان پورب پار هليو ويو آهي، جيڏانهن اسان سڀني کي هلڻو آهي، ۽ وڃي وري ناهي موٽڻو پر محبت مان لکيل هي ٻہ چار سٽون شال قبول پون!

پُوربِيا پُوري وِيا، آسَڻ آڏيءَ راتِ،
سُيِمِ نَہ سَناسِيَنِ جُون، پَچارُوَن پِرِياتَ،
ڪا جا جوڳِي ذاتِ، مِٺَ نَہ مَعذورن جا.

(شاهہ)



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پنهنجي ذات
# جي قيد کان آجو انسان



مير حسن آريسر

هي ان زماني جو قصو آهي جڏهن موبائل فون جي سهولت اجا عام نہ ٿي هئي، تڏهن تحريڪ رسالي جي گهربل مواد لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن جون مسافريون ڪرڻ اسان جو معمول هو. 2001ع جي سياري جي هڪ سرد شام جو حفيظ ڪنير مون کي ڇڪي وڃي ڪڙئي گهنور مان ڪڍيو. حفيظ جي اتي وڏي هاڪ هئي. اسين بس مان لهي هڪڙي هوٽل تي وڃي ويٺاسين تہ حفيظ جي مداحن جو چڱو تعداد چانهہ پيارڻ لاءِ اچي گڏ ٿيو. اسان اڃا چانهہ پيتي ئي پئي تہ مصطفيٰ اياز مهيري بہ اتي اچي جُتي چنبڙي. ٿوري دير ڪچهري ڪرڻ کانپوءِ مصطفيٰ اسان ٻنهي کي موٽر سائيڪل تي سوار ڪري پنهنجي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو. واٽ ۾ سيءُ اسان سان جيڪو حشر ڪيو اهو تہ مئي وسرندو پر رب جا شڪرانا اهي ٿيا جو اسين ساهہ بچائي ڳوٺ جي اوطاق تي وڃي ٿانيڪا ٿياسين، جتي پياري مصطفيٰ پاران سيءُ کا بچاءُ جو معقول اهتمام ٿيل هو. ڪچهريءَ دوران حفيظ وقفي وقفي سان پئي پڇيو تہ هن چرياڻ جي خبر ونو تہ هو ڪيڏانهن منهن ڪري ويو؟

نيٺ مصطفيٰ ڳالهہ ٽوڙيندي چيو تہ، ”ڏينهن جو، ڪڙئي ۾ ڏس هو، پر شام ڌاري ڪيڏانهن نڪري ويو آهي، هڪڙي پڪ سمجهو تہ اڄ رات واپس ڪونہ ورندو، هاڻي سڀاڻي جون ڳالهيون سڀاڻي سان.“ اهو ذڪر اذڪار ان مٺي مهيريءَ جو ٿي رهيو هو، جنهن کي تيستائين مون نہ ڏٺو ءِ نہ ئي ٻڌو هو.



ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن جي انتظار ۾ تڙڪول تي ويٺي حفيظ کان پڇيم، ”مٺو مهيري اديب آهي، شاعر آهي، ڳائڻو آهي، سياسي ڪارڪن آهي يا سندس ٻي سڃاڻپ آهي ڪهڙي؟ ۽ اڃا بہ اهم ڳالهہ تہ آئون ڪائنس اڻ واقف ڇو آهيان؟“ حفيظ ٺهڪ ڏيندي وراڻيو تہ ، ”يار! هو اديب ، شاعر ۽ ڳائڻو هجڻ بدران انهن جو بہ بابو آهي پر ويو ڪيڏانهن منهن ڪري، ان ڪري پنهنجي ملاقات مشڪل ٿئي ۽ هن جو تعارف هن جي ملاقات سان مشروط آهي. هن جي پرپٺ آئون توکي ڇا ٻڌايان تہ مٺو مهيري ڪهڙي فلم جو نالو آهي؟“

قصو مختصر تہ مٺي مهيريءَ سان ملاقات واري اها پهرين چڙهائي تہ وئي ناڪام پر پوءِ هڪڙي ڏينهن عوامي هائوس واري نمبر تي هن مون سان ڳالهايو. فون تي ٿيل اها پهرين ڪچهري هاڻ جيتوڻيڪ مون کي جيئن جو تيئن ياد ناهي پر ايترو ياد اٿم تہ ، هڪٻئي جا ڏٺل وائٺل نہ هئڻ جي باوجود بہ هن جي ڳالهين جي بي تڪلفي ۽ پنهنجائپ مون لاءِ حيرت انگيز هئي. پوءِ ڪڏهن ۽ ڪٿي ملياسين؟ اهو وسري وڃڻ جي باوجود سندس محبتون زندگيءَ جي آخري ساهہ تائين بہ وساري نہ سگهبيون.

هڪڙي پيري وسڪاري جي موسم ۾ گهٽي سنگت سان گڏ ٿر مان وريو هو. فون ڪري ڇيائين تہ، تنهنجو جواب يقينن اهو هوندو تہ آئون فيلڊ ۾ آهيان، پر مون کي ٽون ڪلاڪ جي اندر عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ڪپين، ڪنهن بہ گشي پٽي جي ڪار ڪونهي. اتفاق سان آئون ڪجهہ مهمان دوستن کي قلعو گهمائڻ لاءِ اتي ئي موجود هئس. اڌ مني ڪلاڪ ۾ هڪڙي وڏي گاڏيءَ جي ٺڙاڪ سان ڪليل دروازي مان عالي مرتبت جناب مٺو مهيري جلوه افروز ٿيو. آئون مودبانہ نموني پيش اچڻ جي ڪوشش ڪندي خوش خير عافيت جا رسمي ڪلمات ان ڪري ادا ڪرڻ لڳس جو جهڙي ريت هن سان گڏ آيل سنگت منهنجي لاءِ اڻ واقف هئي بلڪل اهڙي ريت مون سان گڏ موجود سنگت مٺي مهيريءَ کي بہ نٿي سڃاتو - پر هن يار لاءِ جهڙيون سٺ



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

تهڙيون ٿي ويهون، ان ڪري منهنجي ٻنهي ٻڌل هٿن کي هڪڙي جهڙپ سان هيٺ ڪندي چوڻ لڳو ”يار! ڏيگهه کي هڻ بندوق، اسان کي ٻنل موسم جي بک برباد ڪري ڇڏيو آهي.“ مون کيس عرض ڪيو ته، ”جيئندا قبلا! سج وڃي وچين لاڙ ٿيو آهي، اڳي پوءِ رات واري ٻوڃڻ جو انتظام ڪجي؟“

منهنجي ان سگهاري دليل نه رڳو هن جي رعب کي ڪافور ڪري ڇڏيو پر سندس چهري تي ڦهليل مايوسيءَ کي ڏسي منهنجي کل روڪڻ مشڪل پئي ٿي. ان وقت هو ڇاڪاڻ ته مڪمل طرح دفاعي پوزيشن ۾ هو، تنهن ڪري مون اڳرائي ڪندي کيس حڪميه لهجي ۾ چيو ته ”مٿي قلعي جي ٿل تي ويهي جهڙالي سج لهڻ جو منظر ٿا ڏسون.“ جيئن مٿي وڃي ويٺا سون ته ساٿس گڏ آيل هڪڙي دوست ڪانئس فرمائش ڪئي ته سائين، ”هڪ مند ڇري آهي، وارو ڪلام ته ٻڌايو!“

هن پنهنجي ٻنهي هٿن جا ڪليل چنبا پنهنجي منهن تي هٽندي چيو، ”اڙي !! مون کي بک برباد ڪري ڇڏيو آهي، تو کي وري اڇي مند وٺي آهي.“

سڄي سنگت کل ۾ کيري هئي ته ايتري ۾ سندس پسند جو ڪوسو ڪوسو فاسٽ فوڊ چانهه سميت اچي پهتو، جيڪو کلندي کائي هن گيت ٻڌائڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ رات جي ڪچهري ختم ڪري سمهڻ تائين هن جنهن محبت ۽ سرمستيءَ سان ڳايو ۽ سنگت کي کلايو اهو سڀ ڪجهه اڻ وسرندڙ آهي. اهڙين راتين کي سارڻ لاءِ حسن درس جو سهارو وٺڻو ٿو پوي ته،

اها رات تو سان گذاريم جا سنگ، سنگ
هزارين قصا هئي ، هزارين ڪهاڻيون.

هو اسان جي زماني کان اڳ ئي پنهنجي سياسي محور کان ٿڪي رڇ منهن ڪري ڇڪو هو پر هن جي من ۾ پڇتاءُ جي هڪڙي چيٽ هميشه


books.sindhsalamat.com

چپيندي رهندي هئي. هو پنهنجي وڳر کي وساري نه سگهيو هو ۽ هن جي من ۾ جڏهن پراڻن سياسي ساٿين جي سڪ ڪر موڙيندي هئي ته هو پنهنجي من ۾ سور جي اهڙي سٽ محسوس ڪندو هو جهڙي ضيائي آمريت واري دور ۾ هن ڦٽڪا کائيندي محسوس ڪئي هئي. مشرفي مارشل لا جي شروعاتي سالن ۾ جديد سنڌ جي دولهه درياخان شهيد فاضل راهو جي پٽن تي سختيءَ جا ڏينهن ان ڪري آيل هئا جو انهن جي تڏهوڪي اڳواڻ نواز شريف جو تختو تازو ئي اونڌو ڪيو ويو هو.

هڪ ڏينهن پليجي صاحب سندس گهر تي موجود سراج سيال، نور نبي راهوجي، حڪيم هاليپوٽي ۽ ڪجهه ٻين پارٽي ساٿين سان گڏ مون کي به حڪم ڪيو ته پاڻ کي اڄ ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيندڙ لکاني ڀراٽيءَ جي ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ هلڻو آهي. لکاني ڀراٽيءَ جي ورسيءَ تي هلڻ وارو پليجي صاحب جو حڪم اڪين تي رکندي به اتي موجود دوست جڏهن حيرت مان هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳاسين ته پليجي صاحب چيو، ”اوهين ضرور حيران ٿيا هوندا پر لکاني جي پٽ کي مون اهو سوچي شرڪت جي پڪ ڏئي ڇڏي هئي ته، پاڻ کي البته لکانو ڇڏي ويو هو پر ان جو اولاد ته پنهنجي گهر جو ڀاتي آهي نه؟“

اسين ڪچڙي منجهند ويلي پروگرام ۾ پهتاسين. اچانڪ منهنجي نظر مٿي مهيريءَ تي پئي جنهن وڏي محبت مان اچي پليجي صاحب جي گاڏيءَ جو دروازو کوليو. پنڊال ۾ اسماعيل راهو سميت سڄي پراڻي سنگت موجود هئي. پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ مٿي مهيري مون کي ٻاهر سڏ ڪري ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ شروع ڪيو ته، آئون پليجي صاحب سان اها ڳالهه چوريان ته هو پنهنجي تقرير ۾ پراڻي سنگت کي واپس اچڻ جو اشارو ڏي.

مون کيس ذاتي دوستيءَ واري حجت سان چيو ته ، ”مٺا !! فرض ڪري ٿا ونون ته جيڪڏهن پليجو صاحب اهڙي ڳالهه ڪري به وجهي ته تو واري سنگت ان نظرياتي ڪمنٽمنٽ سان واپس ايندي؟“


sindhsalamat.com

چيائين : ”اهو مشڪل آهي.“

چيم : ”پوءِ پليجي صاحب کان اهڙي ڳالهه ڪرائڻ جي معنيٰ رڳو سياسي اڪيلائپ مان نڪرڻ آهي؟“

چيائين : ”ذري گهٽ ايئن ئي آهي...“ ۽ پوءِ پيار ۽ شفقت مان پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي ڳلن تي رکي چيائين، ”مون ايئن چاهيو پئي پر تون منهنجو ننڍڙو ڀاءُ ۽ هڪڙو ذميوار سياسي ڪارڪن آهين، توکي پنهنجي قائد سان اهڙي ڳالهه نه ڇورڻ گهرجي.“

ان وقت مون شدت سان محسوس ڪيو ته، منو مهيري ذاتي دوستيءَ ۾ پنهنجن دوستن جي عزت ۽ وقار جو ڪيڏو نه پاسدار ماڻهو هو.

هو ذاتي ڪچهريءَ ۾ هجي يا ڪڙئي گهنور جي بازار ۾ ڪنهن مجذوب سان مشڪريون ڪندو هجي، ڪنهن ادبي پروگرام ۾ اياز ۽ منشيءَ جا گيت جهونگاريندو هجي يا سياسي بحث مباحثن ۾ مصروف هجي پر هن ڪڏهن به اهو نه سوچيو ته هو پنهنجي علائقي جو سفيد پوش ۽ سڪيو ستابو شخص آهي، تنهن ڪري هن کي عام وڏيرن وانگر زندگي نه گذارڻ جي صورت ۾ ڪلڻ هاب ٽيٽو پوندو! هن لاءِ پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ رڳو ان ڪري ممڪن ٿي سگهيو هو جو هو پنهنجي ذات جي قيد کان آزاد انسان هو.

جنهن به آزاد گذاريو آهي تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي ...





# هڪ اميدِ سحر جي نغماگر شخص جي موڪلاڻي

پروفيسر عبدالله ملاح

سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن جي کوٽ ناهي. ڪجهه سياسي ڪارڪن پارٽين اندر پنهنجا ڪي معاشي، سماجي مفاد حاصل ڪرڻ خاطر سرگرم رهيا آهن. ڪن سياسي ڪارڪنن کي ڪجهه اڳواڻن سياسي اهميت ڏئي اڳيان آندو، ڪي سياسي عمل کي هڪ بهتر ڪم سمجهي اڳيان آيا. ڪجهه سياسي ڪارڪن خاص حالتن ۾ وقتي سياسي اڀار کان ذهني ۽ دلي طور تي متاثر ٿي پارٽين ۾ شامل ٿيا، اهو سياسي اڀار ختم ٿيو ته گس متائي روزي روٽيءَ کي لڳي ويا پر اهڙا سياسي ڪارڪن تمام گهٽ نظر آيا آهن جن سياست سان، سياسي نظرين سان ۽ سياسي نظرياتي ڪم سان عشق ڪيا ۽ خاص مقصدن ۽ منزلن جا اکين ۽ دلين ۾ خواب سجائي عمر ڀر منزلون حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي ميدان تي پنهنجي عشق ۽ ايمان جي سلامتي ۽ مان شان سان بيٺا رهيا. اسان جو ساٿي محمد منو مهيري انهن دلربا، بهادر ۽ ذهين سياسي ڪارڪنن مان هو. هن سنڌ ۾ پورهيت انقلاب لاءِ وڙهندڙ سمورين انقلابي سياسي پارٽين جي سياسي جدوجهدن ۾ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ايمانداري ۽ عاشقيءَ سان نڀايو.

منو مهيري پنهنجي سموري شعور، فڪر ۽ جدوجهد جي حوالي سان عوامي تحريڪ، شهيد فاضل ۽ رسول بخش پليجي صاحب جي فڪري اڳواڻيءَ ۾ سرگرم رهيو ۽ هنن شخصيتن جو عمر ڀر پوئلڳ رهيو. هن پنهنجي اڳواڻن ۽ پارٽيءَ سان نڀائيندي ڪوڙا کاڌا، جيل ڪٽيا ۽ سنڌ جي گلي گليءَ ۾ انقلاب ۽ آزاديءَ جا گيت ڳاتا. شهيد فاضل جي ياد ۾



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿيندڙن سمورين ورسين ۾ ادبي سيمينارن ۾ پاڻ ڏٺي تي فرض نڀايا. هو بهترين مقرر، اسٽيج جو سينگار ۽ دلين ۾ ڪاٽ هڻندڙ آواز جو ڏڻي هو. پنهنجي خوابن، منزلن ۽ عشقن جي اظهار لاءِ هن ڪڏهن بہ ڪنهن خاص انتظام جي طلب نہ ڪئي، جتي بہ ماڻهو مليا، قومي ڪچهريءَ جا مچ مچائي ڇڏيندو هو. ڪهڙو بہ ماحول هجي، منو ان ماحول کي لطيف جي بيتن، منشي، سرويچ، اياز، احمد ملاح جي شاعريءَ جي ورڪا ۾ مهڪ واري قومي رنگ ۾ رڱي ڇڏيندو هو. وڏن وڏن جلسن کان وٺي سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي ڳوٺن جي اوطاقن، پنين، ڪرن تائين سندس آواز جي گونج هوندي هئي. هن عمر ڀر انسان دوستي، پورهيت نوازي ۽ روشن خياليءَ جي مشعل مان هٿ نہ ڪڍيو. سندس ذاتي، علمي ادبي، سياسي، سماجي تعلقاتن جي سرحد وسيع ۽ وڏي هئي؛ بشير هاليپوٽو، شوڪت شورو، شمشير الحيدري، رفيق جعفري، ڊاڪٽر بيڪا رام، آڪاش انصاري، اسماعيل راهو، اسلم راهو سان گڏ وڏ سندس دوستيءَ جي دلنواز دائري ۾ سوين اديب، شاعر، سياستدان، سماجي خدمت گذار پڻ شامل هئا. دودو مهيري، موسيٰ جوکيو، ڪشو واٽيو، سرويچ سجاولي، منشي ابراهيم سندس ساٿي ۽ دوست هئا. انهن مان ڪجهہ آهن، ڪي هي دنيا ڇڏي ويا پر انهن حوالن سان مٺي جون محبتون، ملاقاتون، وفائون پٽن ۾ پيون ڳائجن.

منو مهيري انهن سياسي ڪارڪنن مان هو جن جون وفائون رڳو پنهنجي پارٽي اڳواڻن سان نہ هيون ۽ جن جي دلين جا هار رڳو پارٽي اڳواڻ نہ هئا پر ٻين پارٽين جي ڪارڪنن سان بہ سندن تعلقات هئا. سڀني سان وفائون هيون، سڀني سان دل لڳيون هيون، سڀني لاءِ عزتون هيون. مٺي مهيري هميشہ عوامي تحريڪ جي عام ڪارڪنن کي عزتون ڏنيون ۽ انهن جي ڏک سک ۾ دل سان پير پريا. گهٽو شاهاڻي، ڪپڙ چانگ، غلام علي سمون، محمد بخش نوتڪاڻي، جمعو نوحاڻي، بچايو شڪاري، موسيٰ ماڇي، ڪامريڊ جبل، جمن ترڪ، اسماعيل مهيري، اسماعيل اداسي، جمن



books.sindhsalamat.com

سولنگي، يوسف سولنگي، حسن لوهار، جعفر جاکري، خادم ٽالپر، محمد پرڳڙي ۽ نور محمد پنهور پارن سياسي ڪارڪنن سان سندس روح جا رشتا هئا، ساڻن سوين شناسايون هيون. منو مهيري انهن سياسي ڪارڪنن مان هو جيڪي رڳو اليڪشني جلسن جا سينگار نہ هئا، فقط اڳواڻن اڳيان سندن شان ۾ نعرا هڻڻ ۽ سندن شان ۾ گيت چوندڙ نہ هئا، بلڪ وڏا پڙهيا لکيا انسان هئا.

مٺي کي ملڪ جي سياسي تاريخ، سنڌ جي سياسي تاريخ ۽ سموري دنيا ۾ آيل انقلابن جي سموري تاريخ تي ڪمال جو عبور هوندو هو. شاهہ لطيف جي بيتن جي تشريح ڪندو هو تہ عقل دنگ رهجي ويندو هو. شاهہ جي شاعريءَ جو وڏو شارح ۽ ياد حافظ هو. موقعي مهل موجب گفتگو ڪرڻ جو شاهہ ڪاريگر هو. ڪل پوڳ ڪندو هو تہ جنهن ماڻهوءَ کي چرچو هڻندو هو اهو پاڻ ڪل ۾ پڌو پيو هوندو هو. ڪارلائل چيو هو تہ ”دل لڀائيندڙ چرچو پوڳ فقط ڀڳل دلين جا ڏٺي ڪري سگهن ٿا، سکين دلين جا مالڪ هن طنز مزاح جي هنر کان محروم هوندا آهن.“ مٺي مهيريءَ کي ڪو اهڙو نينهن هو ڪو اهڙو نرالو عشق هو، ڪو اهڙو زندگي بخش ڳاهءُ هو ، جنهن جي ڪري سندس ڪل پوڳ ۽ سندس چرچي ۾ لطف ۽ قرار جا درياهہ پالوٽ ڪندا ويندا هئا تہ علم ۽ تجربي جا خزانا بہ ورڪا ڪندا ويندا هئا.

آه! مٺي جي وڇوڙي کان پوءِ سندس ڳوٺ، سندس شهر ۽ سندس ساٿ مان انهن ڳالهين، نغمن جي گونج پڻ موڪلائي وئي آهي ۽ هر طرف سندس يادن ۽ آوازن جا پڙاڏا گونجي رهيا آهن.



sindhsalamat.com

# منو مهيري، ماڪيءَ جهڙو منو ماڻهو!



حسين بخش ناريجو

هي جو ڏوئرن ڏيهه، مليو مون کي ڏاج ۾
اهڙو آئون ساٿيهه، پانئيان نه پونءِ تي!
(شيخ اياز)

منو مهيري جهڙو سندس ماڪيءَ جهڙو منو نالو، تهڙو متير مڙس هو. ملڪ ۾ جنرل ضياء آمريت قائم ڪري ڀٽي صاحب کي بي رحميءَ سان سخت ترين سزا ڏئي ملڪ تي راڪاس ٿي ويهي رهيو. ڪوبه سندس سامهون اچڻ جي همت نه ساري سگهيو. بيگم نصرت ڀٽو صاحبه ۽ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جيل ۾ بند هيون. عوامي تحريڪ ملڪ جي واحد پارٽي هئي، جنهن 9 آڪٽوبر 1979 تي راهوڪيءَ ۾ هاري ڪاميٽيءَ جو جلسو ڪري ملڪ جي مارشل لا کي چئلينج ڪيو. ضيائي آمريت 16 آڪٽوبر تي مارشل لا تحت سخت سزائون ڏيڻ وارو قانون پاس ڪري منو مهيري، گل چانگ، ادريس ميراڻي ۽ حسين بخش ناريجي کي قيد ۽ ڦٽڪن جون سزائون ٻڌائي ڇڏيون، جنهن تي عملدرآمد ڪندي ڪين بدين جي قاضيه واهه چوڪ تي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهي ڦٽڪا هنيا ويا.

منو مهيريءَ جو شمار سنڌ جي سدا ملوڪ اديبن ۾ ڪيو ويندو هو. منو مهيري، ڀٽائيءَ جي رسالي جو وڏو شارح ۽ سڄي رسالي جو برزبان ياد حافظ سڏيو ويندو هو. سنڌ جي عظيم شاعرن سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي ۽ محمد خان مجيديءَ جي جڳهه منو مهيري والاري. منو مهيري امر جليل جي سڀني افسانن ۽ ڪهاڻين جو پارکو هو ۽ هن کي اهي سمورا ڪتاب برزبان ياد هوندا هئا. جيتوڻيڪ هو سنڌيءَ جا ٽي درجا ئي مس پڙهيل هو. منو مهيري فاضل راهو جو دوست هجڻ جي ناتي عوامي تحريڪ جو نمائندو ٿي ضرور هلندو هو پر سندس رڳ رڳ ۾ قوم ۽ هاري، مزدور جو نظريو شامل هو. سنڌ جي مزاحمتي شاعرن وانگر منو مهيري به آزاد خيال هو. هو ڪنهن ضابطي، ڏاوڻ، پڪڙ، وڪڙ يا ونگ ۾ ونگجي نه سگهندو هو. جيل ۾ جڏهن رات جو باريڪ (بئريڪ) ۾ واڙجي مچرن جي حملي هيٺ هوندا هئاسين ته پليجو صاحب ۽ منو مهيري ڀٽائيءَ جا بيت اچاري اهي تڪليفن واريون راتيون ۽ ڏکيا ڏينهن گذارڻ ۾ مددگار ٿيندا هئا.

منو مهيري تمام گهڻو خوش ذوق، کلڻ ۽ کلائڻ وارو ماڻهو هوندو هو. هو ادريس ميراڻي ۽ مون کي تنگ ڪرڻ لاءِ هڪ ڳالهه ضرور ورجائي کلائيندو هو ته اترادي سنڌي لهجو ڪيڏو سخت ۽ خوشبوئي انداز ڪان ڪيڏو نه پري آهي. ڪتا جڏهن هڏي تي وڙهندا آهن ته هڪڙئي کي چوندا آهن ته "هي هڏو ڪاٿئون آندئي، ڪاٿئون آندئي؟" ته ٻيو چوندو ته "جاٿئون ڪاٿئون، جاٿئون ڪاٿئون." يقينن، منو مهيري لازوال انسان هو، قوم جي خاص اديبن ۽ شاعرن کي جيڪر ڳڻيو ويندو ته يقينن، انهن ۾ منو مهيريءَ کي به سڄي سنڌ ياد ڪندي رهندي.


books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com

# منهنجو ياءُ منو مهيري



ادريس ميراڻي

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن
سنڌي سڪ پرين، لوڪ ڏني نہ لهي !

(لطيف)

مني مهيريءَ سان اسان جي سڃاڻپ حيدرآباد سينٽرل جيل جي اسپيشل وارڊ ۾ ٿي. ٿيو ائين جو هاري ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير جي ڪري مارشل لا جي ملٽري ڪورٽ جي فيصلي تحت ڦٽڪن ۽ هڪ سال جي سزا جي ڏوهہ ۾ واڙيا وياسين. جيل اندر ويهہ پنجويهہ قيدي هئا، انهن ۾ اسان جو رهبر فاضل راهو شهيد بہ گڏ هو. هر ماڻهو پنهنجي طبيعت جو مالڪ هو پر انهن سمورن دوستن ۾ ياءُ مني مهيريءَ جي طبيعت ۽ مزاج بلڪل مختلف هو. مني کي مان پهريون ڀيرو ان وقت ڏٺو جڏهن حسين بخش ناريجي ۽ مون کي ضياء جي آمراڻي دور ۾ ملٽري ڪورٽ مان ڪوڙن ۽ قيد بامشقت جي سزا ڏني وئي.

بدين شهر جي چوراهي تي هيٺ وهاريا وياسين، تہ ان وقت اسان ڏٺو تہ ٻہ ٻيا دوست بہ ان روڊ تي ويٺل هئا. اسان جي سامهون پيل ٽڪٽڪيءَ تي اسان کي ٻڌي سرعام واري واري سان ڦٽڪا هنيا ويا. ان ڪانپوءِ اسان کي فوجي ڪئمپ تي ڪٽي ويا، اتي بہ اسان تي تشدد ڪيو ويو ۽ پوءِ حيدرآباد جيل موڪليا وياسين.



منو ادب جو پارکو ۽ سنڌ جي تاريخ جو ڄاڻو هو. هو شاعري، افساني، ڊرامي ۽ ناول جو پڻ ڄاڻو هو. هو جڏهن شاعري ٻڌائيندو هو تہ اهڙي انداز سان جو ماحول ان جاءِ تي بيهجي ويندو هو. ڪهاڻيون ۽ افسانا اهڙي نموني ياد هوندا هئس جو هو روانيءَ سان برزبان ٻڌائيندو ويندو هو. اها پڻ دلچسپ ڳالهہ آهي تہ هو لطيف سائينءَ جي ڪلام جو بہ حافظ هو. هر شاعر جي شاعري ڏاڍي دلچسپ انداز سان ٻڌائيندو هو. منو نہ رڳو سنڌي ادب ۽ شاعري پڙهندو هو پر اردو ادب جو مطالعو پڻ ڪندو هو. جيل اندر پليجي صاحب ۽ مني مهيريءَ ۾ لطيف جي شاعري ٻڌائڻ لاءِ مقابلو ٿيو جيڪو اڌ ڪلاڪ هليو، جنهن ۾ منو برابر هڪ جهڙي شاعري ٻڌائيندو رهيو.

مني جي اندر هڪ فنڪار موجود هو. مزاح بہ هڪ فن آهي جنهن جو هو مالڪ هو. منو انتهائي خوددار ماڻهو هو ۽ هو ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندو هو، بنا رک رکاءَ سچ چئي ڇڏيندو هو. سچو ايترو جو پاڻ لاءِ بہ ڪا خامي يا ڪسائي يا ڪوتاهي هوندي هيس تہ اهڙي نموني ٻڌائي ڇڏيندو هو.

مني پنهنجي والد لاءِ ٻڌايو تہ اهو پڙهيل نہ هو، اٺ چاريندو هو. مني سان ٻہ سال جيل کان علاوه ٻاهر رات ڏينهن گڏ رهڻ دوران ڪڏهن بہ هن کي ڪاوڙ نہ ڏٺي، وڏو خوش مزاج هو. منو پڙهڻ جو ايترو شوقين هو جو رات جو ڪوبہ ڪتاب پڙهي پوءِ سمهندو هو. جڏهن مان ڳوٺ هوندو هوس تہ هو فون ڪري ٻڌائيندو هو تہ فلاڻو نئون ڪتاب آيو آهي، خريد ڪري ضرور پڙهجو. مني ٻڌايو تہ، شادين جي موقعي تي عورتن سان پنهنجي گهر ۾ گڏ سهرا ۽ لاڏا چوندو هو. مني کي شاديءَ جو نڪاح بہ برزبان ياد هوندو هو. سنڌ جي تاريخ جو بہ تمام گهڻو ڄاڻو هو.

مني مهيريءَ جي حوالي سان ڪيترائي دلچسپ واقعا پڻ آهن، ڊاڪٽرمنان پيتو ۽ جاپاني ڇوڪري اسان وٽ گڏجي گهمڻ آيا. ڪينجهر تي وياسين. ٻيڙيءَ تي چڙهي نوريءَ جي قبر ڏانهن وياسين پئي تہ ڇوڪري وٺي ڪيڪون ۽ رڙيون ڪيون. جاپاني ڇوڪريءَ کي ڊپ اچي ورايو ۽ هوءَ



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مٺي کي چنبڙي وئي. نيٺ مٺي پنهنجي حالت کي درست ڪري جاپاني چوڪريءَ کي دلداري ۽ تسلي ڏئي سندس خوف گهٽايو. جڏهن جڏهن به مٺي سان گڏ رهڻ ٿيندو هو، ته صبح مهل جاڳ مٺي جي سرهي آواز سان ٿيندي هئي، جنهن ۾ هو پيتائي ۽ اياز جي شاعري جهونگاريندو هو.

راٽيپور ۾ ايم آر ڊي جو جلسو رکيل هو، اسين مٺي ۽ شهيد فاضل سان گڏجي وياسين. هن جلسي ۾ هزارين ماڻهو موجود هئا. مٺي جلسي ۾ گيت ڳايو: "پيتا صاحب، تون جنت ۾ هوندين، حورون هندورن ۾ لوڏينديون هونديئي، گلن جا هار پاتل هونديئي... " هن گيت ڳائي بس ڪئي ته اسٽيج تي وينل راٽيپور جو گادي نشين مٺي جي منهن کي چمندو رهيو. گيت، غزل يا ڪافي شاعري سر ۾ ڳائيندو هو ته مٺي جي آواز جو اثر تمام لاجواب هوندو هو. مٺو آزاد خيال، ترقي پسند ۽ باصلاحيت هو. حيدرآباد ۽ آس پاس جي شهرن ۾ ڪافي ڪچهري هجي يا جلسو هجي، هو ضرور شريڪ ٿيندو هو. مٺي دل جي بيماريءَ سبب بائي پاس آپريشن ڪرايو هو، سندس طبيعت پڇڻ لاءِ اسين لاڙڪاڻي کان حيدرآباد وياسين. مون سان گڏ سردار علي نواز جلباڻي صاحب ۽ اسدالله پيتو صاحب هئا. اسين حيدرآباد پهتاسين. مٺي سان ڏاڍي خوب ڪچهري ٿي جيڪا منهنجي روبرو آخري ملاقات هئي. چئن ڪلاڪن جي هن ڊگهي ڪچهريءَ ۾ علم، ادب، سياست ۽ سندس قومي گيت ۽ غزلن جي جهونگار اسان کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ پوءِ مٺي کان موڪلائي لاڙڪاڻي لاءِ واپس موٽياسين. حيدرآباد کان لاڙڪاڻي تائين اسان سڀني دوستن جي ڪچهريءَ جو موضوع مٺو رهيو، ان بعد ساڻس فون تي ڳالهه ٻول ضرور ٿيندي رهندي هئي.

هو رفيق جعفري صاحب سان اڪثر ملڪ کان ٻاهر گهمڻ لاءِ ويندو هو ۽ ان ۾ مون کي سدائين ٻاهر گهمڻ لاءِ چوندو هو. هڪ دفعي هن کي اسلام آباد ۽ ڪوهه مري گهمڻ وڃڻو هو. جهاز جي ٽڪيٽ هٿ ۾ ڏيئي چيائين ته هاڻي ضرور هلڻو اٿئي پر مان وري به بهانو ڪري جان ڇڏائي پر



منهنجي نالي واري ٽڪيٽ تي هڪ ٻئي دوست کي هلڻ لاءِ تيار ڪيو ويو ۽ ان کي جهاز ۾ ويهڻ وقت چيائون ته تون پنهنجو نالو ادريس ميراڻي ٻڌائيندين. هي دوست ديوان هو ۽ ان معاملي تي ڏاڍو پريشان ٿي ويو. مٺي جي آخري فون آغا خان اسپتال مان آئي ته اڄ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن کي طبيعت ڏيکاري پوءِ حال احوال ڪنداسين.

اڄ مٺو اسان ۾ موجود ناهي ۽ سندس لاڏاڻي تي يقين ئي نٿو اچي. جنهن وقت به مٺي جو خيال اچي ٿو ته ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ هو زنده سلامت سامهون ويٺو آهي. هو ڪنهن به ريت وسري نٿو سگهي. آخري دعا لاءِ مٺي جي تڏي تي آياسين. مون سان گڏ سيٺ اعجاز احمد آگاڻي هو. مٺو لاڙڪاڻي جڏهن به مون وٽ ايندو هو ته ميزباني سيٺ اعجاز احمد آگاڻي ڪندو هو.

دلبر دوست، مٺي مهيري جي سهڻي ۽ من موهڻي شخصيت ۽ ذات جي اپٽار لاءِ ڪهڙن به لفظن جو سهارو وٺجي پر مٺو انهن ۾ نٿو ماپجي. يقينن، مٺو سنڌ هو. مٺي جو لاڏاڻو سنڌ جو وڏو نقصان آهي. سراج ميمڻ ، فقير محمد لاشاريءَ جي وفات تي چيو هو ته، ڪنهن سان عذر خواهي ڪريان، فقير محمد جي پونئيرن سان ڪريان يا پنهنجو پاڻ سان ڪريان. مٺو به اهڙي شخصيت جو مالڪ هو، مٺي جي پونئيرن ۾ مان پاڻ کي به شامل سمجهان ٿو.

ويا وڳ وهي، هئا ڪرهي قرب جن سين
تن کان ڏار رهي، چانگي ڇنو ڪين ڪي!

(لطيف)



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# منو مهيري، لطيف شناس



ڊاڪٽر مسرت حسين خواجه

منو مهيريءَ سان منهنجو ناتو ٽيهن سالن کان رهيو ۽ مختلف سماجي ۽ سياسي ميڙاڪن ۾ ملاقات ٿيندي رهندي هئي پر سانا جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ۽ آمريڪا جي مختلف شهرن جي ياترا جا اهي ويهه ڏينهن وسرڻ جوڳا نه آهن جڏهن هڪ ئي ڪمري ۾ رفيق جعفري، منو مهيري ۽ آئون گڏ رهياسين. گهڻن ئي سالن کان هر سال جولاءِ مهيني ۾ آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جا ڪنوينشن منعقد ٿيندا رهندا آهن. سال 2017 ع ۾ پڻ لاس اينجلس ۾ سانا جو ڪنوينشن هو. منو مهيري، رفيق جعفري ۽ آئون انهيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ لاس اينجلس ويا هئاسين. جيئن ته اسان جون فلائٽس مختلف هيون، منو ۽ رفيق جعفري صاحب هڪ ڏينهن اڳ پهتا ۽ آئون ٻئي ڏينهن پهتس. هوٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان ئي مني جي اکين ۾ چمڪ ڏسڻ ۾ آئي ۽ هن لطيف سائينءَ جي بيت سان استقبال ڪيو:

الله اچڻ اوءِ جن آئي من سرهو ٿئي...

لاس اينجلس ۾ ڇهه ڏينهن رهڻ دوران خوب سير سپاٽا ڪياسين. لاس اينجلس جنهن کي ڏسڻ لاءِ سالن کان اکيون آتيون هيون ۽ اسان اتي بس ٽوئر ورتو. بس شهر جي مُک ماڳن کان علاوه ”بيورلي هل“ وٺي ويئي جتي ”هاليووڊ“ جي اداڪارن جا گهر آهن. بس جي گائيڊ ٻڌائيندي رهي ته هي مائيڪل جيڪسن جو گهر آهي، هي فلاڻي اداڪاره يا اداڪار جو گهر آهي، وغيره. بيوري هل لاس اينجلس ۾ هڪ خوبصورت علائقو آهي جتي تمام گهڻي وڏڪاري ٿيل آهي ۽ ارب پتي ماڻهو رهن ٿا. ٽوئر بس مختلف تاريخي ماڳ ڏيکاريندي رهي ۽ آخري منزل لانگ بيچ هئي، جتي سمنڊ جي تازي هوا ۾ ساهه کنيوسين ۽ گهٽيون ئي ”پوپٽيون“ سمنڊ ڪناري ”سن باٿ“ وٺي رهيون هيون. منو اتي به پنهنجي آواز ۾ جهونگاريندو رهيو ۽ ڪلي چيائين ته جيڪڏهن اهي سهولتون ڪراچي جي سمنڊ کي به مليل هجن ته ملڪ جي روينيو ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو. مون وراڻيو ته اهو ناممڪن آهي ۽ اسان ”اسلام جو قلعو“ آهيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته گهڻن ئي اسلامي ملڪن ۾ لاس اينجلس جي بيچ کان وڌيڪ آزادي آهي. دبئيءَ جي جميرا بيچ جو مثال ڪافي آهي. جنهن سمنڊ ڪناري پلاسٽڪ جون ٿيلهيون، مڪئي جا چوڙا، سگريٽ ۽ جوس جا خالي پيڪيٽ ۽ ٻيو به گند هجي، گڏوگڏ ڪي ايف سي جي پرسان سمنڊ ڪناري، ڪراچيءَ جي گٽرن جو گندو پاڻي ڇوڙ ٿئي ۽ چمڙي جي بيمارين جو خدشو هجي، اتي ڪهڙي سولائيزڊ ملڪ جا سياح گهمڻ ايندا؟ خير! بس وري نوان ماڳ گهمي واپس شام جو هوٽل تي پهتاسين. جيئن ته لاس اينجلس جي هر ماڳ جي هڪ الڳ ڪهاڻي آهي، جيڪڏهن انهن تي لکبو ته قصو ڊگهو ٿي ويندو. ٿڪاوٽ سبب ”جَو جو پاڻي“ پيئڻ ضروري هو ۽ پوءِ اسان مني جي مڌر آواز ۽ آلاپ تي جهومي رهيا هئاسين.

ٻي رات سانا جي ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿياسين جتي دوستن سان ملاقات ٿي. سان فرانسسڪو جي دوست نثار مهر، نيويارڪ جي علي خاصخيلي، واشنگٽن جي مشتاق راڄپر ۽ نيوجرسيءَ جي علي حسن پٽو طرفان پليڪار چئي ويئي. سانا جي محفل متل هئي پر اسان ٿئي وائرل انفيڪشن ۾ ورتل هئاسين ۽ ٺيڪ طرح سان ان محفل کي انجواءِ نه ڪري سگهياسين. رات اُتي ئي ترسياسين ۽ ٻئي ڏينهن پنهنجي هوٽل تي هليا آياسين. چوٿين ڏينهن اهو شاهڪار ڏسڻ جو شوق هو، جنهن جي باري ۾



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

نِنڊپٽ ڪان وٺي ذهن ۾ هڪ اميج ٺهيل هو. اهو هو "هاليووڊ يونيورسل اسٽوڊيو" جتي اڪثر فلمون ٺهنديون رهنديون آهن. هوٽل واري کي چيوسين تہ ڪا ٽئڪسي گهرائي ڏيو هاليووڊ وڃڻو آهي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هڪ "لموزاين" وڏي ڪار هوٽل ۾ داخل ٿي ۽ اسان ٽيئي هاليووڊ ڏانهن روانا ٿياسين. اهو مفاصلو هوٽل کان 25 منٽن جو هو ۽ ٽئڪسي ڊرائيور سئو ڊالر ڪرايو ورتو. يونيورسل اسٽوڊيو ۾ پهچڻ کان پوءِ ٿڪاوٽ لهي ويئي ۽ اسان سان گڏ ويهارو ڪن خوبصورت "سندريون" ريڊڪارپٽ تي هيون. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ انهيءَ ڏينهن دنيا جون حسين عورتون اتي موجود آهن ۽ "مٺي جي مٺاس" چکڻ چاهين ٿيون. گڏوگڏ ڪجهہ گهرن تي نظر پئي جن جي ٻاهران لکيل هو تہ هن گهر ۾ پرٽي وومين فلم جي شوٽنگ ٿي هئي، هن ۾ ڦلو پيٽرا ۽ هن ۾ فلاڻي فلم وغيره جي شوٽنگ ٿي. اسان اتي Live Shooting بہ ڏٺي ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ واقعي ڪنهن نئين فلم جي شوٽنگ ٿي رهي آهي.

يونيورسل اسٽوڊيو ايترو تہ وڏو آهي جو گهمڻ لاءِ ٻہ ڏينهن گهرجن. ٿڪاوٽ سبب مٺو ۽ آئون برگر اسپاٽ اندر ويناسين ۽ رفيق جعفري برگر وٺي رهيو هو. اسان جي پر ۾ ٻہ خوبصورت "سندريون" بہ ويٺل هيون، جنهن تي مٺي مهيريءَ چيو تہ جيڪڏهن اڄ شيخ اياز هتي هجي ها تہ هنن جي سونهن تي شاعري ڪري ها. واقعي هيون بہ تمام خوبصورت. اتي مون مٺي کي چيو تہ جيڪڏهن شيخ اياز ناهي تہ آئون ئي سندن حسن جي تعريف ڪريان ٿو. مون انهن جي حسن جي تعريف ڪرڻ شروع ڪئي ۽ خاص طور هڪ سندريءَ جي زلفن جي، اهي خوش ٿيون ۽ چيائون تہ زلفن جي باري ۾ تنهنجي ڄاڻ سٺي آهي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ اهي "ٻاءِ" ڪري هلي ويون. مٺي چيو تہ، جيڪڏهن اها تعريف سنڌ ۾ ڪريون ها تہ "ڪارو ڪاري" ۾ ماريا وڃون ها. خير، ايتري ۾ رفيق جعفري برگر وٺي آيو ۽ پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ ان کي سندرين سان ڪچهريءَ بابت ٻڌايوسين. مٺو مهيري کي



books.sindhsalamat.com

شُڪر هئي ۽ ڪيس ٻُڪ گهٽي لڳندي هئي. هوٽل جي ٻاهر صبح 8 وڳي هڪ موبائيل بس بيهندي هئي جنهن ۾ ڪائڻ پيئڻ جو بندوبست هوندو هو. مٺو ننڊ مان اٿاري چوندو هو تہ ڊاڪٽر هل هنن سان "انگريڇي" ۾ ڳالهائي تہ ناشتو وٺون. هڪ ڏينهن صبح 8 وڳي اها بس نہ پهتي ۽ ڪافي انتظار ڪانپوءِ مون مٺي کي چيو تہ اڄ "ڪڙيو گهنور" واري بس روٽ بدلائي ڪورواهہ هلي ويئي آهي، جنهن تي هو ڏاڍو ڪليو هو. خير، پوءِ اسان 7/24 تان کائڻ پيئڻ جون شيون وٺي آياسين.

لاس اينجلس کان پوءِ اسان کي لاس ويگاس بہ وڃڻو هو پر جيئن تہ بس جو ٽڪيٽ بُڪ نہ ٿيل هو ۽ بس ڪافي دير کان پوءِ وڃڻي هئي، تنهن ڪري ٽئڪسي ڪئي سين. جيڪڏهن بس ۾ وڃون ها تہ ٽنهي جو ٽڪيٽ 90 ڊالرن جو هو پر ٽئڪسي ڊرائيور ڇهہ سئو ڊالرن مان چار سئو ڊالرن تي راضي ٿيو. شايد ان ٽئڪسي ڊرائيور کي خبر پئجي چڪي هئي تہ آئون ۽ رفيق صاحب "پرنس آف ڪڙيو گهنور" سان گڏ آهيون، تنهن ڪري ڊالرن جي ڪا ڪمي ناهي ۽ اسان جلد بازيءَ ۾ ٽي سئو ڊالر وڌيڪ ڀريا. لاس ويگاس جنهن کي روشنين جو شهر چيو وڃي ٿو ۽ دنيا جي وڏي جوا بہ اتي جي ڪيسينو ۾ ٿئي ٿي. لاس ويگاس جي "ايڪسڪليبر ڪيسينو" ۾ اسان جو ڪمرو محترم مشتاق راڄپر بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو. ان هوٽل ڪيسينو جا چار هزار ڪمرا هئا ۽ خوبصورت هوٽلن مان هئي. اندر گهڙڻ سان ئي "اکين جي روشني" وڃي ويئي. ڪمري ۾ سامان رکڻ کان پوءِ فريش ٿي هيٺ آياسين ۽ ڪيسينو جو جائزو وٺڻ لڳاسين. ان ڪيسينو ۾ ڀرين ٻن ڏينهن جو ڪرايو 160 ڊالر هو ۽ اها بُڪنگ ٻن ڏينهن جي هئي پر ٽئين ڏينهن Weekend هو ۽ هوٽل انتظاميا چيو تہ هاڻي ڪرايو 300 ڊالر ٿيندو ڇو جو توهان جي بُڪنگ ٻن راتين جي هئي. 300 ڊالر هڪ رات جو مطلب تہ ان وقت پنجاهہ هزار رپيا. پر جيئن تہ "پرنس مٺو" جو فرمان هو تہ "ڪٿي ٽئڪسي ڪري دربدر ٿينداسين، ڳالهہ ساڳي ٿي



sindhsalamat.com

ويندي، هتي ئي رهون ٿا.“ ان رات اسان هڪ ٻئي ڪيسينو ۾ ”سندرين جي خوبصورت آرٽ“ کي بہ ڏٺو ۽ داد ڏني. لاس ويگاس خوبصورت شهر آهي پر گرمي سبب، جيڪب آباد ۽ سکر کان بہ پيٽي ٿيندي. جڏهن ٻاهر نڪرندا هئاسين تہ گرم هوا برداشت ڪرڻ مشڪل هئي ۽ جلد ئي پرواري ڪيسينو ۾ هليا ويندا هئاسين جتي يخ ٿڌ هوندي هئي.

لاس ويگاس ڪانپوءِ اڳتي منزل سان فرانسسڪو جي هئي ۽ هوائي جهاز جو ٽڪيٽ هڪ ماڻهوءَ جو 120 ڊالر هو ۽ اها فلائيٽ سوا ڪلاڪ جي هئي. هالي ڊي ان هوٽل، دوست علي خاصخيلي اڳ ئي بُڪ ڪرائي ڇڏي هئي. ايئرپورٽ کان هوٽل پهتاسون. ٻئي ڏينهن بس ٽوئر وٺي سان فرانسسڪو کي گهولڻ لاءِ لهي پياسين. بس ٽوئر جو ٽڪيٽ في ماڻهو جو 50 ڊالر هو. بس خوبصورت نظارا ڏيکاريندي آخر ۾ گولڊن گيٽ برج پهتي جتي دنيا جا سياح ان پُل کي ڏسڻ ايندا آهن ۽ پنهنجي اک جي ڪيمرا ۾ محفوظ ڪندا آهن. سان فرانسسڪو جي موسم لاس اينجلس ۽ لاس ويگاس کان مختلف آهي. هتي سردي هئي ۽ اسان سيءَ ۾ ڏڪي رهيا هئاسين. هن خوبصورت پُل تي جوڙا پيار ڪرڻ جو وچن بہ ڪري رهيا هئا.

منو انهن جوڙن کي ڏسڻ کان پوءِ سُر سهڻيءَ جون ڪجھ سٽون چيون تہ:

ڏِٺي جن هيڪار، صُورت سَاهَڙَ جامَ جي،
سُک تي سُتيون ڪينڪي، پِري ساڻ پِتارَ،
گهڙيون گهڙِئان ڏارَ، ڪاهي پيون ڪُنن ۾.

سان فرانسسڪو ڪيليفورنيا رياست ۾ آهي ۽ اها آمريڪا جي رياستن ۾ خوبصورت ۽ مهانگي رياست آهي. چوطرف پهاڙ ۽ وچ ۾ سمنڊ سبب هن جي خوبصورتي پنهنجو مَٽَ پاڻ آهي. ٻئي ڏينهن منو مهيري، رفيق احمد جعفري ۽ آئون ٽئڪسي ڪري رهيل ماڳن کي ڏسڻ وياسين جنهن ۾


books.sindhsalamat.com

لومبارٽ اسٽريٽ، اها وروڪڙن واري اسٽريٽ آهي ۽ چوطرف گلن سان سينگاريل آهي. پيئر 39، يونين اسڪوائر جتان اچ بہ شهر جي مختلف علائقن ۾ ترام هلي ٿي ۽ سياح شوق سان ان ۾ سفر ڪندا آهن. چائنا ٽائون ۽ فشرمين هارف. هتي هڪ ڳالھ ٻڌائڻ لازمي آهي تہ لاس ويگاس ۽ لاس اينجلس ۾ برگر ڪائي ڪائي بُک مري ويا هئاسين پر يونين اسڪوائر تي پاڪستاني ۽ انڊين هوٽل ڳولي لڌي سون، جنهن ۾ نان بہ هئا، چانور، مرغي ۽ دال بہ هئي. ايئن ڪٽي ڇئجي تہ ماني ڪائي ورهين جي بُک وسائي ۽ پوءِ روز اتي ئي ماني کائڻ ويندا هئاسين. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اسان ٽنهي جا چهرا ٻهڪي اٿيا هئا. رات جو اجا سمهڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين تہ دلبر دوست محترم نثار مهر هوٽل جو دروازو وڄايو. سندس هٿن ۾”آبريشم شربت جو وڏو ڪنگ سائيز شيشو“ ڊرائي فروٽ ۽ بار بي ڪيو هو ۽ چيائين تہ هلو توهان کي سان فرانسسڪو ڏيکاريان ۽ پوءِ رات جو 5 وڳي تائين من مستيون ڪندا رهياسين ۽ واپس هوٽل تي ڇڏيائين. نثار مهر جو پيار هميشہ ياد رهندو.

سان فرانسسڪو کان پوءِ ٻي منزل نيويارڪ هئي. منهنجي فلائيٽ منو ۽ رفيق کان ٽي ڪلاڪ اڳ هئي پر اسان ايئرپورٽ گڏ پهتاسين. نيويارڪ جي ميريٽ هوٽل دوست علي خاصخيلي بُک ڪرائي ڇڏي هئي. هوٽل پهچڻ کان پوءِ هڪ سين ٿيو، جيڪو ٻئي ڪنهن وقت لکبو. اسان ٽيئي انهيءَ کي محسوس ڪندي ڪلي رهيا هئاسين. تہ اها غلطي ڪنهن کان ٿي؟ نيويارڪ ۾ پاڪستاني ماني ڏؤ ڪري ڪاڏي سين، جيئن تہ آئون اڳ بہ نيويارڪ تي دفعا وڃي چڪو هوس ۽ مون کي خبر هئي تہ پاڪستاني ماني ڪٿي ملندي آهي. جڏهن پينسلوينيا هوٽل جي پر واري گهٽيءَ ۾ پاڪستاني هوٽل تي پهتاسين تہ ايئن محسوس ٿيو تہ اسان برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ پهچي چڪا آهيون. پوءِ جيترا ڏينهن نيويارڪ ۾ هئاسين، انهيءَ هوٽل تي ماني کائڻ ويندا هئاسين ۽ منو دعائون ڪندو رهندو هو ۽ چوندو


sindhsalamat.com

هو ته ”يار ساڳيو ڳوٺ واري مانيءَ جو سواد آهي.“

نيويارڪ، مادام تُساؤ ميڻ جي ميوزيم ۾ هاليووڊ ۽ باليووڊ جي اداڪارن جا مجسما رکيل آهن. مٺي اميتاڀ بچن، ايشوريا راءِ، ماڌوري، ٽام ڪروز ۽ گهڻن ٻئي هاليووڊ جي اداڪارن سان فوٽو ڪڍرايا. اسان بروڪلن برج، واشنگٽن برج جي ياترا به ڪئي، جتي اڪثر باليووڊ جون فلمون فلمايون وينديون آهن. ٽائيم اسڪوائر جي خوبصورتيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، شام جو هزارين ”ٽتليون“ جلوه افروز ٿينديون آهن. منو به انهن ٽتلين جي وچ ۾ ”سوٽيڊ بوٽيڊ“ وينل هوندو هو ۽ سندس اکين ۾ ”شرارت“ هوندي هئي. اسان جيترا ڏينهن هئاسين، ٽائيم اسڪوائر ضرور ويندا هئاسين. ”Statue of Liberty“ جو ٽوئر به شاندار هو. اهو ٻاٽيءَ جي جهاز وسيلي هو ۽ ان ٽائين پهچڻ ۾ ”مين هٽن“ کان اڌ ڪلاڪ لڳيو وڃي. ٻاٽيءَ جي جهاز ۾ مٺي سان ادبي ۽ سياسي ڪچهري به ٿي، جنهن ۾ خاص طور بدين جي سياست، شهيد فاضل راهو ۽ محترم رسول بخش پليجي سان سندس سالن تي محيط ويجهڙائپ، جنرل ضياءَ جي مارشل لا دوران هاري تحريڪ جي جدوجهد ۾ محترم حسين بخش ناريجي سان گڏ بدين ۾ ڦٽڪا کائڻ، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي حفظ ڪرڻ ۽ صحيح اچار جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻول ٿيندي رهي ۽ اهو سفر به وسرڻ جوڳو نه آهي.

نيويارڪ ۾ کائڻ پيئڻ حوالي سان ڪجهه شيون مشهور آهن جنهن ۾ جائيرو ڏوئنرو به آهي. منهنجو دوست نواب دين اسان کي هوٽل تان کڻڻ آيو، شهر جو گشت ڪرايائين ۽ ريور هڊسن (River Hudson) جو اهو حصو به ڏيکاريائين جتي ڪجهه سال اڳ ايمرجنسيءَ دوران هوائي جهاز ان نديءَ ۾ لينڊنگ ڪئي هئي ۽ مسافر محفوظ رهيا. پوءِ اهو ڏوئنرو به کاڌوسين، جيڪو تمام گهڻو لذيذ هو.

نيويارڪ مان روانگيءَ کان هڪ رات اڳ پياري دوست علي خاصخيلي ۽ ذاڪر بلو، اسان ٽنهي جي اعزاز ۾ ڪوئينز واري علائقي ۾



هڪ دعوت رکي، جنهن ۾ محبوب عباسي، اشفاق آذر، انعام سيال، شير محمد، راجا اسد ۽ تنوير شيخ موجود هئا. ان محفل ۾ ساڻا ۽ سنڌ جي سياست تي به بحث مباحثو ٿيو پر ”جَو جي پاٽي“ پيئڻ کان پوءِ جڏهن مٺي لطيف، اياز، سرويچ، منشي ۽ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کي پنهنجي خوبصورت آواز ۾ ڳايو ته هر ڪو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو. نيويارڪ مان واپس سنڌ آيس، منو ۽ رفيق واشنگٽن لاءِ روانا ٿي ويا جتي هنن وائيٽ هائوس، ايئرو ناٽيڪل ميوزيم، لنڪن ميموريل، نيشنل مال، نيشنل گئلري آف آرٽ، ڪيپيٽال هِل ۽ ٻيا به خوبصورت ماڳ ڏٺا.

مٺي سان ڪچهرين جون گهڻيون ئي يادون نه لکي سگهيو آهيان. ڪڏهن سفرنامو لکڻ جو موقعو مليو ته ضرور لکندس. مٺي سان ڪچهرين ۽ سفر جي ”چاشنيءَ جو سرور“ اجا ذهن تان لٿو ئي ڪين هو ته اوچتو اطلاع مليو ته منو هي جهان ڇڏي ابدي جهان لاءِ روانو ٿي چڪو آهي. مون رفيق کي فون ڪيو جيڪو حيدرآباد کان ڪراچي اچي رهيو هو، تنهن پڻ تصديق ڪئي. مٺي جي موت جي خبر جڻ وڄ ڪرڻ وانگر هئي. آئون ۽ رفيق جڏهن آغا خان اسپتال پهتاسين ته اتي صوبائي وزير محترم محمد اسماعيل راهو ۽ ادا محمد ميمڻ موجود هئا. ادا محمد ميمڻ جو چوڻ ته پروسيجر واري ڏينهن اهي محترم ڪشو مل جي فليٽ تي ترسيل هئا ۽ منو هشاش بشاش هو ۽ کيس ڪابه تڪليف نه هئي. صبح جو 6 بجي منو چانهه کڻي آيو ۽ چيائين ته ادا اهڙي چانهه تو فائيو اسٽار هوٽل ۾ به نه پيتي هوندي ۽ مذاق ڪندو رهيو. منو ڏهين بجي، پروسيجر ليب کلندي کلندي ويو. پر ڪلاڪن ڪانپوءِ ڊاڪٽر پريشاني واري حالت ۾ ٻاهر نڪتو ۽ چيائين ته کيس وينٽيليٽر جي ضرورت پوندي. ادا محمد جو چوڻ ته توهان بهتر سمجهو ٿا. وري ڊاڪٽر ڪلاڪ کن کان پوءِ آپريشن ٿيٽر مان ٻاهر آيو، جنهن جي هٿن جي گلووز تي رت جا نشان هئا ۽ وڌيڪ پريشان هو ۽ چيائين ته منو جو هيموگلوبن گهٽجي ويو آهي ۽ پوءِ اهو ٻڌايو ويو ته هو هاڻ



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

هن دنيا ۾ ناهي رهيو. پروسيجر جي ڪوتاهين تي آئون اڳ بہ لکي چڪو آهيان تہ مٺي جو موت ”ڊاڪٽرن جي لاپرواهي“ جو نتيجو هو، جنهن جي اسان ڇنڊڇاڻ نہ ڪرائي سگهياسين. رات جو هڪ وڳي مٺي جو لاش ڪٽائي ڳوٺ پهتاسين ۽ صبح جو سندس هزارين چاهيندڙن ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو. مٺو، اڄ اسان وٽ جسماني طور تہ موجود ناهي پر سندس آواز ۽ ٺهڪن جا پڙاڏا ڪارونجهر کان ڪينجهر ۽ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين سدا گونجندا رهندا.





# مٺو مهيري، گلڙن جو گلدستو !

هدايت بلوچ

اسان جي جي سنڌ سموري سون آهي جنهن ۾ هر جاءِ تي سهڻا ۽ مڻيادار ماڻهو هميشہ موجود رهيا آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪو علائقو ۽ تر انهن گوهرن کان خالي ناهي هيو. سنڌ جي ماڻڪ موتي ۽ مڻيادار علائقن ۾ لاڙ کي هڪ وڏو مقام حاصل آهي، جنهن جي هاڻوڪي سياسي ۽ ادبي شخصيتن ۽ اڪابرن ۾ فاضل راهو، رسول بخش پليجو، شمشير الحيدري، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي ۽ انهن هستين جي صحبت ۽ محبت سان رچي ريٽو ٿيندڙ شخصيتن ۾ فاضل ۽ مانائتي ماڻهو مٺي مهيري تمام گهڻي مشهوري ماڻي. هو منهنجي سرپرست ۽ دوست شمشير الحيدري جي ويجهي حلقي ۾ شامل هو. مٺي مهيريءَ سان منهنجيون ڪجهہ يادگار ملاقاتون ۽ محفلون ٿيون. مٺي سان ملاقاتون گهڻو ڪري شمشير الحيدريءَ جي محفل ۾ ٿينديون هيون. هڪ يادگار ملاقات اسان جي پراڻي رهائش گاهہ پاڪستان ڪوارٽرز ۾ منهنجي گهر تي بہ ٿي، جنهن ۾ شمشير الحيدري، منهنجو وڏو ڀاءُ عنايت بلوچ ۽ رفيق جعفري موجود هئا. محفل ۾ مٺي مهيريءَ کان ڀٽائي سرڪار جي ڪلام ۽ ان جي شاعريءَ جي شرح ٻڌڻ جو موقعو مليو، جنهن مان سندس شاهہ لطيف بابت ڄاڻ ۽ سندس ڪمال حافظي جو انداز لڳائي سگهجي ٿو. هن يادگار محفل ۾ هن پنهنجيون جيڪي روح رچنديون پيش ڪيون انهن سموري محفل ۾ ڪلام، آواز ۽ سرن جي سرهاڻ پکيڙي ڇڏي. يقينن، مٺو مهيري پنهنجي



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

آواز، آلاپ، فن ۽ هنر جي بلندين تي نظر آيو.

مني مهيريءَ سان ٻي يادگار ملاقات فاضل راهو شهيد جي پهرين ورسيءَ تي راهوڪي ۾ ڪوٽايل ميڙاڪي ڪان ڪجهه مفاصلي تي موجود شهر گولاڙچيءَ ۾ ٿي جنهن جي ميزباني خود مني پاڻ ڪئي، جنهن ۾ شمشير الحيدري، عبدالغفار تبسم، رفيق احمد جعفري، سرويچ سجاولي ۽ ٻيون سياسي ۽ ادبي شخصيتون پڻ موجود هيون. هن موقعي تي ٿيل پرتڪلف محفل ۾ سموري رات سپني جاڳي گذاري ۽ ڪلام، فن ۽ هنر جي پالوت ٿيندي رهي. هن محفل ۾ پڻ منو مهيري پنهنجي ڪيف ۽ سرمستيءَ ۾ بلندين تي نظر آيو. جڏهن ٻئي ڏينهن راهوڪيءَ ۾ فاضل راهو شهيد جي ورسي جي اجتماع ۾ پهتاسين ته، منو ورسيءَ جي انتظامن ۾ ڪجهه دير لاءِ مصروف رهيو ۽ ان بعد جڏهن ورسي وارو اجتماع، تقريرون ۽ انقلابي شاعري ۽ ڪلام وارا رنگ شروع ٿيا ته اتي پڻ منو مهيري اسٽيج جي منتظم ۽ مهندار جي روپ ۾ نظر آيو. قدرت ڪيس حافظو به ڪمال جو عطا ڪيو هو، ٿيو ايئن جو مون جيڪا شاعري راهوڪيءَ ۾ پڙهي اهي ڪاغذ ئي مون کان ڪٿي رهجي ويا. وري ورهين کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ مليو ته منهنجي اتي پڙهيل شاعري پڙهي ٻڌايائين جنهن مان هڪ شعر هن ريت هو ته،

"دل اڏمو ڪائي رات چيو هل يار هدايت راهوڪي
مون مرڪي تنهن کي موٽ ڏني
واهه جي ڳالهه ڪئي ٿئي ناهوڪي"

فاضل جي ورسيءَ ۾ سموري سنڌ کان آيل مهمانن جي دلين ۽ روحن جون تارون ڪا شخصيت ڇيڙي، ڪلائي ۽ روئاڙي رهي هئي ته اها هستي به مني مهيري جي ئي هئي. شاهه لطيف جو فضائن تي حڪمراني ڪندڙ ڪلام هجي يا شيخ اياز جي انقلابي شاعري جي ڪنوڻ ۽ گجگوڙ هجي؛ منو مهيري جڻ ته ان ڪلام جي روح کي پنهنجي پرسوز آواز ۾ ڳائي اجتماع کي پرجوش ڪري محفل ۾ لهرون پيدا ڪري رهيو هو.



شمشيرالحيدري ادبي محفل جي صدارت ڪئي، جڏهن ته سرويچ سجاولي ، ابراهيم منشي، عبدالغفار تبسم ۽ اسان پنهنجي شاعري پيش ڪئي ۽ اها هڪ يادگار ادبي محفل طور ياد رهندي. هن تقريب جي خاص ڳالهه ته منو مهيري انهيءَ سڄي تقريب جي خوبصورت انداز سان ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو. هو اسان جي محفلن ۽ يادن ۾ پنهنجا سر ۽ خوشبوءِ باقي ڇڏي هليو ويو. سنڌس يادون سنڌس پيار ۽ پنهنجائپ جي منفرد انداز سان سدائين ياد رهنديون.

منا ته ماڻهو گهڻا ئي ليڪن منو گهٽو هو منو مهيري
خيالن ۾ ڪا هئي خوشبوءِ، جڻ هو ڪا گلن جي ڍيري

(هدايت بلوچ)



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# منو مهيري:
# جنهن جهنگ ۾ شهر پڙهيا



حفيظ ڪنير

مني مهيريءَ سان پنهنجي پهرين ڪچهريءَ جو سال ياد ڪونهي ۽ آخري پيرو سندس آواز فون تي دبئي ۾ ٻڌو هئم. پهرين ملاقات تي آئون جيئن سندس اوطاق تي پهتس تہ هي آيو ۽ مون کي ابراهيم منشيءَ جو ڪلام:

اسان عشق تنهنجي ۾ اڙجي وياسين
جيئن چانور ٿا چڙجن تيئن چڙجي وياسين

ٻڌائي پليڪار ڏني، پوءِ اسان "ڪڙو منجهہ ڪڙي" تي وياسين، منهنجا يار هن جا يار ۽ هن جا دوست منهنجا دوست ٿيندا ويا. هونئن اسان جا ساڳيا دوست تہ اڳي ئي ڪافي هئا ۽ پوءِ اهو ڀائراٽا لاڳاپا ايترا تہ وڌي ويا جو اسان هڪٻئي جي گهر جا ڀاتي ٿي وياسين . اسان سنگت ۾ ساٿ ۾ ننڍا وڏا سڀ گڏ هئاسين. منوءِ آئون ٿر بر، ڳوٺ شهر گڏ پئي گهمياسون ۽ رلياسون. سال 2003 يا 2004 ع جي ڳالهہ آهي، مون کي اوچتو ڊپريشن اچي ورتو. ذهن تي خوف ئي خوف طاري ۽ جسم ۾ ڏکٽي الڳ هئي. منو اوچتو ڪاليج اچي نڪتو، حال احوال ونندي چيائين تہ "مون کي تون ٺيڪ نہ پيو لڳين، خير تہ آهي؟ "چيم" شديد ڊپريشن ۾ آهيان. گهر کان ڪاليج پهچندي ڪئين اوٿارا ٿا اچن. شديد خوف مان پيو گذران......" ۽ پوءِ هن مون کي وڏي اچي ٻانهن مان ورتو. چيائين "اٿي مٺي! تنهنجو ڊپريشن ٿو ختم ڪريان هل مون سان...!" آئون ڪائنس جيستائين پڇان ڪيڏانهن



ٿا هلون؟ تيستائين مون کي گاڏيءَ ۾ ويهاري ڪانٽو 80 تي ڪٽي ڇڪي رکيائين. گاڏي حيدرآباد ڇڏي، پراڻ جي پٽن مان ٿيندي پٽن جو پر جهلي اچي مٺي شهر ۾ بريڪ هنيو.

مون لاءِ مني مهيريءَ جي انهيءَ صحت جي بحالي واري مهم يا سندس پاران محبتن ذريعي علاج ڪرڻ واري سفر جو پهريون پڙاءُ مٺيءَ ۾ ٿيو. رات اتي هئاسين ستار بلوچ وٽ، جيڪو اتي ايڪسائيز کاتي ۾ انسپيڪٽر هو. ان وقت ننگرپارڪر جو روڊ مڪمل نہ ٿيو هو. گاڏيون ان پاسي گهٽ وينديون هيون. ڪوسٽر خاص مقرر ٽائم تي ننگر پارڪر ويندا هئا. ستار صاحب اسان لاءِ سيٽن جو بندبست ڪيو . اسان شام واري ڪوسٽر ۾ چڙهي رات جو ننگر شهر لٿاسين اتي اسان لاءِ ڪولهي دوست انتظار ۾ هئا، جن وٽ رهڻ جو بندوبست هو. ٻئي ڏينهن وسڪاري واري من موهيندڙ موسم ۾ اسان ٻئي ڪولهي گائيڊ سان گڏ ڇهچ سائو ڪارونجهر پئي گهمياسين. نديون پئي ڏٺيون سين ۽ مورن جا ٽهوڪا پئي ٻڌاسين. ايئن جبل جي لاهين چاڙهين جا پئي لطف ورتاسين . ننگر پارڪر کان اسان سان ٽيون همسفر هڪ بئنڪ مئنيجر ڪنير صاحب ٿيو ۽ ڪجهہ سفر طئي ڪرڻ بعد ڪاسبي پهتاسين. هتي بہ برساتن جي خوبصورت نظارن مان لطف اندوز ٿيندا رهياسين. ڪاسبي ۾ رات ڊاڪٽر شنڪر وٽ ترسياسين ايئن ٻن ڏينهن ۽ راتين جو من موهيندڙ مختصر ٽوئر ڪرائي اسان واپس مٺي آياسين واپسي تي هن مون کي گهر ڇڏيو. هيڏي سفر ڪانپوءِ منهنجو اعتماد بحال ٿيو. ڪيڏانهن ويو ڊپريشن، ڪيڏانهن ويو خوف! آئون صفا نئونبو اٺ ڪور ٺيڪ ٿي ويس. اها هئي مٺي جي ڊاڪٽري.

منو مهيري انهن خوشنصيب ماڻهن مان هو جن جي تربيت فاضل راهو صاحب ڪئي، فاضل ۽ پليجي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ هو جهرجهنگ هليو. راڄ، ٿر، ڳوٺ، شهر، ريل، جيل ۽ جبل هن هڪ سياسي ڪارڪن طور



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جهاڳيا ۾ پڇي راس ٿيو. هن جي سورهيائي ۽ ڏسڻ وٽان هئي. هن کي ظالم ضياء سرڪار سامهون ٿيڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو ۽ جيلن جون سختيون سٺيون ۽ ملٽري ڪورٽ ۾ هن مٿان ڪيس هليو ۽ اتان ٻڌايل قيد جي سزا ۽ ڦٽڪا برداشت ڪيائين. هو روشن دل دماغ رکندڙ شخصيت هو. آخري وقت تائين توهم پرستيءَ کان پري رهيو ۽ روشن خيال فڪر سان سلهاڙيل رهيو. هن جي عوامي رنگ کي سنڌ وارن هميشہ انجواءِ ڪيو. هن زندگيءَ جي گهاٽي ۾ ڀڄندڙ ڳڻتي ورتل ماڻهن کي پنهنجي بي حجاب کل مذاق، يوڳ سان کلايو. پنهنجي حاضر جوابي ۽ گفتن سان ڏکويل خلق جي چپن تي مرڪون ڪيريون هو هڪ Laughter Therapist به هو ته مٺي مهيريءَ ۾ هڪ اهڙو اداڪار لڪل هو جو هلندي هلندي يا گلي گهٽيءَ ۾ اڪيلو پرفارم ڪري ويندو هو. هو لطيف جي شاعريءَ سان گڏ سنڌ جي مزاحمتي شاعرن جو حافظ هو. هن لطيف جو ڪلام سدائين خود تي طاري ڪري رکيو هو. هو بيخوديءَ ۾ اچي لطيف کي ايئن پڙهندو، معنائون ٻڌائيندو، تشريح ڪندو ويندو هو جو لٽريچر جا پروفيسر به هن کي ڏسندا رهجي ويندا هئا. هن ۾ اهم ڳالهه اها هئي جو هن جي، لطيف طرف سوچ ۽ سمجهه سگهڻ واري وڙائتي سوچ نه هئي. هو لطيف جي شعر جو لفظ لفظ ڪري سمجهائيندو هو. مون کي ياد آهي ته نظاماڻين جي هڪ ڳوٺ مان هڪ پروگرام ۾ شرڪت ڪري اسان ڪڙيو گهنور پئي آياسين ته هن لطيف جو بيت سر مارئيءَ مان پڙهيو. جنهن جي هڪ سٽ هئي:

”پائر ڏنيون پنيون، ننڊين نوراپن“

مون ڪان هن ”نوراپن“ لفظ جي معنيٰ پڇي، مون چيو ته ”مون کي خبر ناهي“ چيائين اڳتي تو سمجهايان. ٿورو اڳتي هلياسون ته ٻڪرين جو ڌڻ پئي ويو، هن پاسي تي گاڏي بيهاري. هڪ ننڍي ڇيلي ڏانهن اشارو ڪري چيائين، ”نوراپو اهو اٿئي جنهن جا ڪُر اجا ڪچا هجن ان کي نوراپو چئبو آهي.“ مون لطيف جا ڪيئن اهڙا لفظ هن کان سمجهيا جيڪي سالن تائين



مون کي نٿي آيا. رڳو شاعري نه پر هن جو نثر ۾ به حافظو ڪمال جو هو. هو هندستاني سنڌي اديبن کان وٺي شيخ اياز جي نثر جا ٽڪرن جا ٽڪرا برزبان ٻڌائيندو ويندو هو. هي جهنگ جو ماڻهو جهنگ به پڙهيو ويٺو هو ته شهر به پڙهيو ويٺو هو. ماڻهو به پڙهيو ويٺو هو ته جانور پکي پکڻ، فصل پوکون به پڙهيو ويٺو هو. هن جي پيرن ۾ پنڌ هئا، هو ٻاهريان، ملڪ به گهمي آيو ۽ اتان جي سفرن جون هن وٽ دلچسپ خبرون هيون.

منو مهيري ان سنڌ جي گواهي ۽ علامت هو جنهن سنڌ کي لطيف پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ بيتن ۾ چٽيو. هن جو سياسي سفر هڪ وڏو داستان هو. هو سياسي طور ڪٿي به هو پر هن وري به سماجي طور اديبن، شاعرن، ليکڪن سان گڏ انهن ساٿين سنگتين سان به خود کي سلهاڙي رکيو. هن ڪافي شيون رڪارڊ ڪيون هونديون. هن مون کي پنهنجي لئبريري ۾ ناياب ڪتاب ڏيکاريا ۽ ڊائريءَ جو ذڪر به ڪيو هو. مٺي جي هڪ خواهش هئي ته انگريزي پڙهان. انگريزي ته نه پڙهي سگهيو پر ڪيترن ئي انگريزي پڙهيلن کان هن سٺو پڙهيو هو. اسان جي ملڪ جي Elite ڪاموري قلمڪار يا اي سي بيڊ روم واري رائٽر، ريڊر، دانشور جي اڳيان جڏهن منا مهيري ڳالهائين ٿا ته ڪائنڻ حيرت ۾ بي اختيار نڪري وڃي ٿو ته ”ڇا سنڌ جي ڳوٺن ۾ هي ماڻهو به آهن جن جي گهرن ۾ لئبريريون رکيون آهن؟“ مٺي جي بيماريءَ لاءِ آئون سڀني دوستن جيان فڪرمند رهندو هئس. ملڪ ۾ هجان يا ٻاهر، رابطو رهندو هو. آخري رابطو ان ڏينهن ٿيو جنهن ڏينهن منو مهيري نه لطيف پئي پڙهي سگهيو، نه جهونگاري پئي سگهيو، نه ماحول خوشگوار بڻائي پئي سگهيو، هن ڏينهن تي هو سڀني کي ڏکارو ڪري ويو ۽ هزارين ماڻهو هن جون ڳالهيون سارينديءَ ڏٻي طرف قبرستان وڃي رهيا هئا.

ساٿي نه پسان سي، جي هئم هيئين ٺوٺيون
هاٽي ڪنين ڪي، وڃيو اڱڻ اُيهان...



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com



# مني جون منيون يادگيريون

ويرجي ڪولهي

ڪجھ ڏينهن اڳ پياري رفيق جعفريءَ فون ڪيو تہ هو مني مهيريءَ بابت ڪو ڪتاب ترتيب ڏئي رهيو آهي. ان لاءِ سندس ويجهن دوستن جا رايا، خيال ۽ يادگيريون شامل ڪرڻ چاهي ٿو. مون کي دلي خوشي ٿي هئي، پر گڏوگڏ حيران بہ ٿيس تہ جعفري صاحب کي منهنجي ڪيئن سُڌ پئي تہ آئون مني مهيريءَ تي لکان! جو تہ منهنجيون جعفري صاحب سان ايتريون خاص ملاقاتون ڪونہ آهن. پوءِ اندازو لڳايم ۽ ياد آيو تہ مني مهيريءَ سان منهنجي آخري ملاقات ۾ هو ساڻس گڏ هو. اسان جي اها ملاقات ڪراچي ايئرپورٽ تي ٿي هئي. آئون اسلام آباد وڃي رهيو هوس. هو بہ ڪٿي وڃي رهيو هو. ساڻس هڪ دوست گڏ هو، جنهن جو هن رفيق جعفري طور تعارف ڪرايو هو. منهنجو بہ ساڻس تعارف خوبصورت نموني ڪرايو هئائين. مني جو منفرد انداز هوندو هو. منهنجي هڪڙي تعارف ۾ ئي پياري رفيق کي اندازو ٿي چڪو هو تہ منو مون سان ڪيترو پيار ڪندو هو. شايد ان ڪري رفيق جعفريءَ کي لڳو هجي تہ آئون مني بابت ڪجھ يادون لکي ڪيس موڪليان.

منو مهيري نظرياتي طور شهيد فاضل راهوءَ جو پيروڪار هو. ان ڪري هارين، مزدورن، ڪڙمين سان بنا ڪنهن فرق جي هڪجهڙو ورتاءُ ڪندو هو. ساڻن بيحد پيار ڪندو هو. انهن کي پنهنجو سمجهندو هو. مني مهيريءَ سان ملاقاتن جو سلسلو هونئن تہ 1996ع کان، منهنجي عوامي



books.sindhsalamat.com

تحريڪ سان ويجهڙائي دوران ئي شروع ٿيو هو. عوامي تحريڪ جو هر ڪارڪن مني سان بي انتها پيار ڪندو هو، پر گهرو تعلق سائين حفيظ ڪنڀر جي معرفت جڙيو، جڏهن اسين پهريون ڀيرو گڏجي سندس ڳوٺ ويا هئاسين. ان رات سندس ڳوٺ ۾ يادگار ڪچهري ٿي هئي. پوءِ ساڻس اهو دوستيءَ جو تعلق آخر تائين قائم رهيو. منو مهيري هڪ معتبر ۽ نظرياتي سياسي رهنما هو. ايم آر ڊي تحريڪ جو سچو ڪاهوڙي ڪارڪن هو. ان دور ۾ جيلن ۽ ڦٽڪن ڪان پڇي راس بہ ٿيل هو. هو سڄي ڄمار شهيد فاضل راهو جي نظريي سان سلهاڙيل رهيو. پاڻ خانداني طور زميندار هوندي بہ جڏهن بہ اسين سندس ڳوٺ ملڻ ويندا هئاسين تہ ان دور ۾ يونين ڪائونسل جو چيئرمين هوندي بہ ڪا وڏائي يا ڏيکاءُ وارو لڪاءُ پوڻ نہ ڏيندو هو. هو نج ۽ خالص هڪ عوامي ڪردار هو. هاري ناري، غريب غربي سان هن جو ڪل خوشيءَ وارو تعلق هو.

صادق فقير جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي منيءَ ۾ اسين گڏيا هئاسين. منيءَ ۾ ماني کائي، پوءِ ننگرپارڪر، ڏناگام ويا هئاسين. ان رات بہ هن سان ڪچهري يادگار رهي. مني سان ڪچهري ڪجي ۽ يادگار نہ هجي تہ جهڙو ڪر ڪچهري هئي ئي نہ! سچي ڳوٺ جا نوجوان توڙي ٻيا مني مهيريءَ جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيندا رهيا. هو ڪچهريءَ جو هونئن بہ ڪوڏيو هو. هر طرح جي موضوع تي دلچسپيءَ ۽ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڳالهائڻ جي مهارت رکندو هو. ان دوري ۾ محمد ميمڻ، حاجي ساجن، مصطفيٰ اياز وغيره بہ گڏ هئا. گيت، شاعري، چرچي گفتي، ساروڻين سان سڄي رات ڀرپور ڪچهري هلندي اسان کي صبح ٿي ويو، ڪو بہ ماڻهو ڪچهريءَ مان ڪونہ اُٿيو هو. جڏهن مني جي تاريخ جي وضاحتن ۽ نظرياتي ڳالهين تي ڪچهريءَ جا دوست بور ٿيڻ لڳندا هئا، تہ يڪدم هو ڪٻڙ چانگ جي شاعري پڙهڻ شروع ڪندو هو. ڪٻڙ جي گارين ڀري شاعريءَ تي ٽهڪڙا مچي ويندا هئا. ياد رهي تہ ڪٻڙ چانگ قومي مزاحمتي



sindhsalamat.com

شاعريءَ سان گڏ اردوءَ جي مزاحيہ شاعر مرزا باقر علي چرڪين جيان مزاحيہ ۽ گاريال شاعري بہ ڪئي آهي... اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو اجا تائين مٺي جي ڪچهري ۽ گفتن جي سحر مان نڪري نہ سگهيا آهن.

مٺو، شاهہ لطيف جو ياد حافظ، عالم هئڻ سان گڏ اياز کي سهڻي نموني ڳائيندو هو. پنهي عظيم شاعرن جي ڪيتري ئي شاعري ڪيس برزبان ياد هئي. پارڪر گهمندي جتي هو ٽڪريون، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، وليون، فطري نظارا ڏسندو هو تہ عالماڻي ۽ رومانوي انداز ۾ شاندار نموني تشريح ڪندو هو، جڻ تہ لطيف يا اياز خود شاعريءَ سان گڏ اسان جي سامهون بيٺا هجن ۽ سندن شاعريءَ جو خيال جڻ انهن نظارن ۾ گهمندي اسان ڏسي رهيا هجون. صبح جو سوير ڳوٺ جي وچ ۾ ترائيءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪوهہ مان عورتون پاڻي ڀري رهيون هيون. ڀرسان جبل جي ڪڇ ۾ گهاٽي وڻڪار هئي. مور ۽ ڍيلون ٽولا ٽاهي گهمي رهيا هئا. عورتون ڀيلهڙا ڪٽي ڀرسان وڃي رهيون هيون. اهو نظارو ڏسندي هن شيخ اياز جو غزل وڏي آواز ۾ ڳاتو هو:

تتيءَ ۾ گهڙو ڪا ڀري تي پئي،
ٽري سُونهن چمڪا ڪري تي پئي!

اهو ڪانڌ ڪهڙو، انهيءَ کي ڏسون،
سهاڳڻ تہ ڀهہ ڀهہ ٻري تي پئي!

اُتي جي هوا ۾ ڪنيا مور پر،
ڏُکي ڍيل هر هر ٽري تي پئي!

سکيءَ کي ڏجي ساهہ گهوري "اياز"
مگر ڇا ڪجي جو ڀري تي پئي.


books.sindhsalamat.com

هي غزل مٺي اهڙو تہ منڙي آواز ۾ ڳاتو، جو سموري ماحول تي سحر طاري ٿي ويو. ان وقت مون مٺي سان حجت ڪندي، اهو چيو تہ اوهين اديب شاعر، ڪنهن عام غريب قبيلي جي عورتن کي شاعريءَ ۾ موضوع ڇو بڻائيندا آهيو؟ ڇا سونهن صرف انهن ڪوجهين ريپارٽين، ڪولهين ۾ وڃي بچي آهي؟ ان تي مٺي ڪلندي وراڻيو هو تہ، ان تي توکي ذرو بہ ڏک نہ ٿيڻ کپي، البت ڪاوڙ تہ انهن کي اچڻ گهرجي، جن ڪان وڌيڪ سونهن جي تعريف اِنهن قبيلن جي ڪري ٿو، جنهن جو مطلب اهو بہ نڪري ٿو تہ سندن ذاتين ۾ ايتري سونهن نہ آهي، ان ڪري هو انهن قبيلن جي عورتن کي شاعريءَ ۾ نتا ڳائين! پوءِ لطيفن ۽ کِل ڀوڳن ۾ جبل گهمي، واپس اوطاق پهتا هئاسين.

شهيد فاضل راهوءَ جي ورسيءَ تي جڏهن بہ 17 جنوريءَ تي راهوکي ويندا هئاسين تہ ڀري ڪان مون کي ڏسي ونندو هو ۽ اسپيڪرن جي ڊگهي لسٽ ۾ منهنجو نالو بہ هٽي ڇڏيندو هو. پاڻ گهڻو ڪري اسٽيج سيڪريٽري هوندو هو، ان ڪري مون کي سڏائڻ کان اڳ ۾ ننگرپارڪر، ڪارونجهر، امر روپلي ڪولهيءَ جي تعريف سان خوبصورت تمهيد ٻڌندو هو.

سال2001ع کان 2004ع تائين، حيدرآباد ۾ پڙهائيءَ واري عرصي دوران، اسان امر روپلي جي ساليانی ورسي ملهائڻ شروع ڪئي هئي. حيدرآباد جي سنڌ ميوزيم ۾ ورسيءَ جي تقريب هئي. پاڻ آيو ۽ تقرير ۾ چيائين تہ، "روپلو سڄي سنڌ جو هيرو هو، اوهين جهڙيءَ ريت هن جي ڪولهي هجڻ تي فخر محسوس ڪريو ٿا، تيئن آئون بہ روپلي کي پنهنجو مائٽ سمجهان ٿو. ان ڪري منتظمين کي گذارش ٿو ڪريان تہ آئينده حيدرآباد کان ننگرپارڪر تائين جتي بہ روپلي جي ورسي ملهائي وڃي، مون کي اطلاع ڪجو، آئون اڪيون ٻير ڪري اچي حاضر ٿيندس. مون کي اتي پهچڻ ۾ خوشي ٿيندي."

مون سان مٺو جتي بہ ملندو هو، تہ ڀري ڪان ئي ڪجهي ميواسي ڳاڙ


sindhsalamat.com

پارڪريءَ ۾ ڳالهائي ملندو هو ”... مارو منو آيو ڇي...“ سندس لهجو دل کي وڻندڙ هوندو هو. پاڻ جڏهن به حيدرآباد ايندو هو ته مون کي فون ڪري ملڻ ايندو هو. پوءِ سانجهي ٿيندي هئي ته گلاس سجائي ڪچهريءَ جا ڳوٺ اڏيندا هئاسين. اڪثر ڪري سائين حفيظ ڪنڀر به گڏ هوندو هو، جتي سماج، ادب، شاعري ۽ لوڪ ڪردارن ڪان ويندي وچ وچ ۾ پتائيءَ جا بيت پڙهي ڪچهريءَ کي وڌيڪ خوبصورتي بخشيندو هو. چوندو هو ته تو وٽ دل کولي ڪچهري ڪرڻ وارو پرسڪون ۽ محفوظ ماحول آهي، ان ڪري ايندو آهيان ۽ دل سان ڳالهائيندو آهيان، ۽ آئون وري دل جي ڪنن سان ڪيس ٻڌندو هوس.

هڪ ڀيرو آئون، سائين حفيظ ڪنڀر ۽ ٻيا ڪجهه دوست مٺي وٽ ڪڙئي گهنور ويا هئاسين. ان ڏينهن ڪڙئي جي وچ بازار ۾ مٺي جو هڪ قمبراٽي دوست مليو، جيڪو سندس همعمر هئڻ سان گڏ دلبر يار پڻ هو. پورهيت مزدور هو. مٺي جي پورهيتن، هارين، مزدورن سان محبت هوندي هئي. گاڏيءَ مان لهي، هٿ جون آڱريون کولي، گهروڙي قمبراٽي مزدور جي نڪ تي زور سان ٻُجو رکيائين. پريان ڪان به اهڙي ئي موٽ مليس. اهي ڪل پوڳ، گاريون، هڪ ٻئي تي لفظن جا تير، نڪ تي ٻُجا رکڻ واريون تصويرون سائين حفيظ چڪي ورتيون هيون، جيڪي پوءِ سوشل ميڊيا تي تمام گهڻيون مشهور ٿيون هيون. اسين گاڏيءَ ۾ ويهي اهو نظارو ڏسي کلي رهيا هئاسين. بازار سڄيءَ جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. سڀ کلي کلي واپس وريا هئا. ائين مٺو هلندي هلندي بازار ۾ مرڪون ۽ ٽهڪ ورهائيندو ويندو هو.

آئون حيدرآباد مان پنڌ ڪري ڪيئي ڀيرا پنهنجي پياري دوست ۽ منهنجي گهر واري ڀاڳونتيءَ جي راڪي ٻَڌل ڀاءُ مصطفيٰ اياز مهيريءَ سان ملڻ ويندو هوس، پر مصطفيٰ توڙي مهيري خاندان جو وڏو مٺو مهيري هوندو هو. جڏهن هو اوطاق تي اچي ويهندو هو ته مصطفيٰ احترامن ڪچهري ڇڏي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳي ويندو هو. پوءِ مٺو پنهنجي ذات جي خوشبو



پکيڙيندو هو ۽ ڪچهريءَ کي جاري رکندو هو. آخري ڀيرو، ٻه ٽي سال ڪن اڳ، سائين حفيظ ڪنڀر ۽ سندس گهر واري (ڀيڻ ڊاڪٽر فوزيه) سان گڏ سندس ڳوٺ ڪڙئي گهنور ويا هئاسين. جيئن ئي اوطاق تي پهتاسين ته مٺي اسان کي اوطاق تي لهڻ نه ڏنو. پاڻ گاڏيءَ جي اڳيان تيز تيز پيادل هلندو رهيو، اسان پويان گاڏيءَ ۾ ويٺا رهياسين ۽ سڌو گهر جي ٿلهي ڀرسان گاڏي بيهاري. سڀني گهر وارن سان ملرائي، چانهن پياري، پوءِ اوطاق تي وٺي آيو هو. اوطاق هونئن ئي مهمانن جو پسنديده مسڪن آهي، جتي ڪچهريءَ ۾ حفيظ ۽ مٺي سڄي تاريخ ۽ ڏاهپ کي اسان جي اڳيان پيش ڪيو هو. بيشڪ مٺو مهيري هڪ بهترين دوست، محبوب سياسي رهنما، پورهيت، انسان دوست ۽ يار ويس شخصيت هو. اهڙن ماڻهن تي ديس ۽ ڌرتي به رشڪ ڪن ٿا . هاڻ به هو اسان جي دلين ۾ پنهنجي آواز، ڪچهرين، يادن جي صورت ۾ زنده آهي ۽ رهندو.

ڀڳت ڪبير اهڙن ماڻهن لاءِ ڪيڏو نه شاندار چيو آهي:

جب آئي جگت ۾، لوڪ هنسي، تم روئي،
اب ايسي ڪرني ڪر چلو، تم هنسو، جگ روئي!



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# چاچا مٺي پچاٽا !



سڪندر مهيري

ڪي ڪي ماڻهو پنهنجي ذات ۾ انجمن ۽ مڪمل محفل هوندا آهن، هو هلندا آهن تہ پاڻ سان جهان ويڙهي ڪٺي هلندا آهن، چاچا مٺو مهيري بہ انهن ماڻهن ۾ شامل آهي. ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجي ذات ۾ سمورين خوبين کي شامل ڪرڻ لاءِ هر شيءِ ٺهيل ملندي آهي تہ ڪجهہ وري لطيف جي لفظن ۾، ”ٻري جن ٻاري، آئون نہ جيئندي ان ري“ جي مصداق پاڻ کي ٻاري ۽ ساڙي ان وسعت کي پهچندا آهن. چاچا مٺي جو تعلق ان پوئين نسل سان آهي جنهن جي زندگيءَ ۾ ”م“ لفظ جو وڏو دخل رهيو. هن پنهنجي سمورن پٽن جا نالا بہ ”م“ سان رکيا. هن محبت ۽ موسيقيءَ کي بہ پنهنجي روح جي راحت بڻايو ۽ سموري حياتي ساڳي محبت ڪتابن سان بہ ڪئي. هو ڪيڏانهن بہ وڃي تہ اتان ڪتاب ضرور وٺيو اچي ۽ وري ان ڪتاب واري ماڻهو کي ڳولي لهي ۽ ان کي ڪتاب بابت ڳالهيون ٻڌائي ۽ ٻڌي.

اڄ جي هن بيزاري ۽ سوشل ميڊيا جي بوريت واري دور ۾ جڏهن هر نسل اداس آهي تہ، لڳندو هو تہ چاچا مٺو آخري خوش نسل جو فرد آهي، جيڪو پنهنجي دوستن ۽ واسطيدارن لاءِ ”اينٽي ڊپريشن ٽانڪ“ هو. چاڪاڻ جو محفل هجي ۽ اها محفل ڪهڙي جنهن ۾ چاچا مٺو مهيري هجي تہ اتي چرچا پوڳ نہ هجن: هر پاسي ڪل، ٺهڪن جي ٺهڪار ۽ خوشين جي هٻڪار پکڙيل هوندي هئي. هن وٽ خاموشي ۽ مايوسي ڄڻ گناهہ هو. هو زندگيءَ جو ٻيو نالو هو، زندگي بہ اها جيڪا ڀرپور جيئجي پر اها نہ جنهن ۾ رڳو ساهہ هلندا آهن. گيت هجن، غزل هجن يا وايون هجن؛ هو جڏهن بہ جهونگاريندو هو تہ اتي ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. مون مٿي ڳالهہ ڪئي تہ هو پاڻ هڪ محفل هو، هو جتي هوندو اتي محفل برپا ٿي ويندي هئي، پوءِ اهو صحرا هجي يا سمنڊ، درياهہ هجي يا ڌرتيءَ جي ڪا بہ ڪنڊ هجي. هو سموري سياسي قيادت ۽ سياستدانن جو احترام ڪندڙ هو. سندس ٻين خوبين سان گڏ سڀ کان وڏيڪ اتم خوبي هئي تہ هو ڀٽائي سرڪار جي ”جارڳن“ تي دسترس رکندو هو. اهي لفظ، اهي بيت هو جڏهن تحت اللفظ پڙهندو هو تہ، ماڻهن کي انهن بيتن سان عشق ٿي ويندو هو. مون کي اهو اعتراف آهي تہ لطيف جا جيڪي بہ بيت مون هن جي واتان ٻڌا، انهن بيتن مون کي پڙهڻ ۾ اهو سرور نہ ڏنو جيڪو سندن سمجهاڻي ۽ پڙهڻيءَ ڏنو. ڪراچي پيلي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هجي پر سنڌ جي ادبي گاديءَ جو هنڌ وري بہ حيدرآباد ئي آهي. ان حيدرآباد ۾ هوندي هو هر ادبي محفل ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندو هو.

هُن وٽ بي حساب ڳالهيون هيون ۽ مهڪارون هيون. هو پنهنجو پاڻ تي بہ ڪلي سگهندو هو. سندس هڪ وڏي خوبي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي جلدي پرکي وٺڻ هوندو هو. مون کي ياد آهي تہ هاسٽل نہ ملڻ ڪري اسين ٻہ ٽي مهينا ساٽس فليٽ تي رهياسين. ان دوران مون کي سڌي ڏکي لغت وارا ڪتاب پڙهائيندو هو تہ ڏس صحيح پڙهي سگهين ٿو. سرويچ جو نظم پڙهي يا منشيءَ جو گيت ٻڌائي؛ هو ان دوران سوال ڪندو هو تہ ٻڌاءِ! سنڌ جو ڪيڏارو ڪنهن ڪنهن لکيو آهي؟ پوءِ پاڻ ئي وري خليفي نبي بخش جا بيت ٻڌائيندو هو. آئون جڏهن ڪميشن جو امتحان پاس ڪري آفيسر مقرر ٿيو هوس تڏهن بہ هو مون کي ڳوٺان ڪٽڻ آيو هو. هن ان ڏينهن گهڻي ڪچهري ڪئي هئي. هن بابا سان سندس ويجهڙائي ۽ پرائيويٽ ڳالهيون پڻ ٻڌايون هيون. انهيءَ ملاقات ۾ هن لطيف جي هڪڙي سٽ ٻڌائي هئي ۽ اها منهنجي روح تي لکجي وئي:





books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com

”سسئي ساماڻي، لٿي چنتا چارڻين…“

هن سٺ سمجهائي بہ هئي ۽ سمجهاڻيءَ سان مون تي آشڪار بہ ٿي هئي تہ وچ ڪيڏي نہ خوبصورت سٺ هئي تہ هڪڙي ماڻهوءَ جي مثبت سجاڳپ سان باقي ماڻهن جي پريشاني بہ لهي ويندي آهي. هن سان وڏي هئڻ جي ناتي احترام وارو رشتو تہ هوئي پر اسان هن ڪان لهرائيندا هئاسين. مهراڻ سان گڏ يا مرتضيٰ سان سرٻاڻن يا اشارن ۾ پڇا ڪبي هئي تہ ڏي خبر چاچا ڪٿي آهي ؟… ۽ ڪڏهن ڪسڪي بہ وڃبو هو. مون ڪي خبر ناهي تہ هن پيري هن ڪانسواءِ راهوڪي وارو اسٽيج ڪيترو اداس آهي؟ پر هن پيري عيد تي ڳوٺ وڃڻ دوران مهراڻ ۽ مرتضيٰ ڪان اهو نہ پڇيو تہ وڏو ڪٿي آهي؟ چاڪاڻ جو خبر هئي تہ هو ملان واري قبرستان جي مٿاهين واري پاسي مٽين مِٽيءَ هيٺ آرامي آهي ۽ اتي بہ پڪ سان ڪا محفل متل هوندي.





# نئين ڪاڪ جو راڻو: مٺو مهيري

علي احمد جوکيو

مٺو مهيري منهنجي وڏي ڀاءُ محمد موسيٰ جو گهاٽو دوست هو. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ عوامي تحريڪ جي ورڪرن، سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل اديبن، شاعرن ۽ نئين ٿهيءَ جي ليکڪن ۽ مختلف سياسي تنظيمن جي ورڪرن جو اسان جي ڳوٺ قابل جوکيو ۾ تمام گهڻو اچڻ وڃڻ هو. مٺو مهيري ۽ خان محمد مهيري گهڻو ڪري جڏهن بہ بدين ايندا هئا تہ اسان جي ڳوٺ ضرور ايندا هئا. سنڌ جي عوامي شاعرن شمشير الحيدري، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي، عبدالمبين پنائيءَ جو بہ اسان جي ڳوٺ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو. ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ سياسي سمجهہ ۽ ادب سان ذوق رکندڙ ماڻهن جون محفلون، سياسي بحث مباحثا، شعر و شاعريءَ جون محفلون ۽ مشاعرا ٿيندا رهندا هئا. مٺي مهيري ۽ رفيق جعفري جو اچڻ وڃڻ بہ هوندو هو. مٺي مهيريءَ سان ڪچهريون ۽ کل مذاق واريون ڳالهيون بابا قابل جوکيو کي گهڻيون پسند هونديون هيون. مٺي مهيريءَ کي بابا بہ پسند ڪندو هو. ۽ چوندو هو تہ مون کي تنهنجي ڪچهري وڻي ٿي، باقي هي اوهان وارا دوست الائي ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪن. انهن جو تہ نڪو دين آهي نہ ايمان. هي الائي ڪهڙي فرقي جا پوئلڳ آهن، انهن جون ڳالهيون منهنجي سمجهہ ڪان مٿي آهن. بابا ڪان علاوه ڳوٺ جا ٻيا عام هاري ناري بہ مٺي جا دوست هوندا هئا. مٺي جو ٻڌي اهي بہ ڪچهريءَ لاءِ اوطاق تي گڏ ٿي ويندا هئا. انهن سان بہ مٺي جي منڊلي الڳ متل هوندي



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هئي. هر ڄمار جي ماڻهوءَ سان منو ان جهڙو ٿي ڪچهري ڪندو هو ۽ ڪل مذاق ۾ سڀ ڪجهه چئي ويندو هو. ڪنهن کي ڪابہ ڳالهہ خراب نہ لڳندي هئي. اهو فن هر ڪنهن ماڻهوءَ کي نہ ايندو آهي.

منو مهيريءَ جي اسڪول مان حاصل ڪيل رسمي تعليم تمام ٿوري هئي، باقي غير رسمي تعليم هن پاڻ حاصل ڪئي هئي. سن 1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ شهيد فاضل جيڪا هاري ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، انهيءَ جي جرم ۾ ضياءَ الحق جي مارشل لا حڪومت رسول بخش پليجي ۽ شهيد فاضل راهو کي قيد ڪيو هو ۽ باقي جيڪي بہ ورڪر قيد ٿيا هئا، انهن مان چئن ڄڻن حسين بخش ناريجي، ادريس ميراڻي، منو مهيري ۽ گل چانگ کي بدين ۾ قاضيہ واهہ جي پُل تي سرعام ڪوڙا هنيا ويا هئا. قيد دوران هن جيل ۾ لکڻ پڙهڻ تي وڏيڪ ڌيان ڏنو ۽ رسول بخش پليجي ۽ فاضل راهو صاحب سان گڏ رهڻ جي ڪري ڪيس تمام سٺا ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو ۽ هو جيل مان مڪمل تعليم يافتہ ٿي نڪتو.

منو مهيري ادا محمد موسيٰ کي استاد ڪري سڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ جيڪڏهن محمد موسيٰ سان منهنجي ملاقات ۽ دوستي نہ ٿئي ها تہ مون ۾ پڙهڻ جو اتساهہ پيدا نہ ٿئي ها. تعليم ۽ مطالعي جو شوق محمد موسيٰ پيدا ڪيو. جديد ادب پڙهڻ جو رجحان محمد موسيٰ جي صحبت جي ڪري پيدا ٿيو. سندس چوڻ هو تہ شروع ۾ محمد موسيٰ جي تعلق جي ڪري ڀراڙيءَ جي ماحول مان نڪري شهري ماحول جو واقف ٿيس ۽ رفيق جعفري مون کي دنيا گهمائي. انهن ٻنهي دوستن جي ڪري منهنجي زندگيءَ ۾ بنيادي تبديلي آئي. انهن سمورن دوستن جو آئون زندگي ڀر احسان مند رهندس.

هر هڪ ماڻهوءَ ۾ پنهنجي مٽيا هوندي آهي. منو مهيريءَ جو حافظو تمام گهڻو تيز هو. امر جليل جون ڪهاڻيون هن کي بر زبان ياد هونديون هيون يا هو جيڪي ڪجهہ نثر يا نظم پڙهندو هو تہ هن کي ياد ٿي ويندو هو.


books.sindhsalamat.com

شاعري تہ هن کي تمام گهڻي ياد هئي. ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، شمشير الحيدري، شيخ اياز جي شاعريءَ جو وڏو حصو منو مهيريءَ کي حفظ ٿيل هوندو هو. هر موقعي محل تي شاعري ترنم سان جهونگاريندو هو. سندس آواز ۾ بہ وڏو سوز هو، ٻڌندڙن کي جهومائي ڇڏيندو هو. جنهن بہ ماڻهو منو مهيريءَ جي محفل هڪ دفعو ٻڌي تہ اهو سندس مداح ٿي ويندو هو.

لاڙ ۾ مالوند ۽ لاڏائو قبيلن جا ماڻهو لطيف سرڪار جي شاعريءَ جا شارح ۽ ياد حافظ رهيا آهن. لطيف سرڪار جي صحبت سيلاني ماڻهن سان وڌيڪ گهري رهي، تنهن ڪري هن جي شاعريءَ جا پارکو بہ انهن قبيلن جي ماڻهو رهيا آهن. مهيري قبيلي جا ماڻهو بہ مالوند ۽ اوٺو مال پاليندڙ رهيا آهن. لطيف سرڪار جي شاعريءَ ۾ سر سسئيءَ جي پنجن سرن ۾ اٺن جو ذڪر ٿيل آهي. لطيف سرڪار انهن سرن ۾ وڏ ڪان وڏ اٺن جي قسمن ۽ نالن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ نسبت سان منو مهيري بہ لطيف سرڪار جو شارح ۽ پارکو هو . لطيف سرڪار جو ڪو ورلي شعر هوندو جيڪو ڪيس ياد نہ هجي ۽ منو مهيري لطيف سرڪار جي شعر جي تشريح نہ ڪري سگهي يا ان شعر جي معنيٰ ٻڌائي نہ سگهي. دنيا جا سڀ خفا ڪجن، زميندار، ڪاروبار، پيٽ گذر بہ ڪجي، سنگت کي وقت ڏجي، ملڪ ۽ دنيا گهمجي ۽ پوءِ بہ پنهنجو شوق برقرار رکجي، مطالعو ۽ حافظو قائم هجي؛ اها هر ڪنهن ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. محفل ڪهڙي بہ هجي اتي اها شاعري بروقت برزبان ياد هجي، اها وڏي ڳالهہ آهي ۽ اها ڳالهہ منو مهيري ڪري ٿي سگهيو، ٻئي ڪنهن جي جاءِ نہ آهي.

منو مهيريءَ جي شهيد فاضل سان محبت عقيدت جي حد تائين هئي. شهيد فاضل سان ساٿ جي ڪري هن جي سوچ جو بہ هو مداح هو. استحصالي طبقي جي خلاف هن جي ذهن ۾ نفرت پيرجي وئي. جيتوڻيڪ هن جو پنهنجي زندگيءَ جو سفر بہ غربت کان آسودگي ڏانهن هو. پاڻ غريب


sindhsalamat.com

ماڻهن جو اولاد، پر ڪان تن ايڪڙن جو زميندار ۽ ڳوٺ ۾ ريزڪي دڪان جو مالڪ هو. اتان ڪان هن محنت ۽ روزگار جي جدوجهد شروع ڪئي ۽ آخر ۾ خوشحال زندگيءَ جو مالڪ ٿي ويو پر شروع ڪان سندس سوچ ۾ جيڪا بيداري آئي، جڏهن ڪان هن جي ذهن ۾ وڏيرڪي نظام خلاف نفرت پيدا ٿي، اها آخر تائين قائم رهي. محفل ڪهڙي به هجي، ڪچهريءَ ۾ ڪهڙي به طبقي جا ماڻهو هجن، منو مهيري موجود هجي ۽ ابراهيم منشي ۽ سرويچ سجاوليءَ جي شاعري پيش نه ٿئي، هارياڻيءَ جو، مزدور جو ۽ بک جو ذڪر نه ٿئي، اهو ناممڪن هو. وڏيرن جي محفلن ۾ انهن جي بنگلن تي محفل جو رنگ ڪهڙو به هجي، ان ۾ منو مهيري موجود هجي ته هو ان محفل ڪي پنهنجي طبيعت جو غلام بنائي ڇڏيندو هو.

منو مهيري دنيا متعلق جيڪو ڪتابن ۾ پڙهيو هو، رفيق جعفري اها دنيا هن ڪي گهمائي ڏيکاري ۽ هي جنهن به ملڪ ۾ ويو، اتي رهندڙ سنڌين سان مليو، انهن سان ڪچهريون ڪيون، انهن ڪي به هن ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ شيخ اياز جي شاعري ٻڌائي. انهن ڪي به هن پنهنجي پرسوز آواز ۾ سنڌ جا درد ٻڌايا ۽ حافظ نظاماڻيءَ جي شهيد فاضل راهو لاءِ چيل شاعري "هو ڪالهه هتي هئو، اڄ ڪيڏانهن ويو" به ٻڌائي. شهيد جي شهادت جو پڙاڏو اڄ به انهن ماڻهن جي دلين ۾ منو مهيريءَ جي پرسوز آواز ۾ گونجي ٿو. ٻاهر رهندڙ سنڌي ماڻهن جي تنظيمن سانا وغيره جي ميڙاڪن ۾ به منو مهيري سنڌ ۽ سنڌ جي سورن ڪي ڳاتو. حافظ نظاماڻيءَ جي شاعري ۽ شهيد فاضل راهو جي شهادت ڪي عالمي طور تي نروار ڪيو. راهوڪيءَ سان، شهيد جي مزار سان، شهيد جي اولاد محمد اسماعيل راهو ۽ محمد اسلم راهو ۽ شهيد جي ساٿ سان هن پنهنجو ناتو زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين نڀايو. شهيد فاضل جي هر ورسيءَ جي ادبي پروگرامن ۾ اسٽيج جو ڏڏي رهيو. سندس هر سرگرمي شاندار رهي.

منو مهيريءَ جي دوستيءَ جو حلقو تمام وسيع هو جنهن ۾ شاعر



اديب، سياستدان، وڏيرا، آفيسر ۽ هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو شامل هئا پر منو مهيريءَ جي دل غريب ماڻهن سان هئي. ڪڙيو گهنور شهر ۾ غريب ، ريڙهي تي ٻاجيون وڪڻڊڙ به منو جا دوست، اتي جيڪڏهن ٻاجي وٺڻ وڃي تڏهن به ان جي گاڏي جي پرسان پيو نچي ۽ ڳائي: "دهل دمامن سان ايندا سين، چاچن مامن سان ايندا سين ..." اها ڪنهن طبقي سان محبت جي انتها آهي. اهو اندر جي احساسن جو اٿاهه طوفان آهي جيڪو ماڻهوءَ ڪي سرِ بازار نچائي ٿو، جتي ماڻهو پاڻ ڪان ۽ دنيا ڪان بي نياز ٿي ٿو وڃي ۽ زماني ڪان لاپرواهه ٿيو وڃي. اها بي پرواهي اُچ شهر ۾ بابي بلهي شاهه ڪي گهنگهرو ٻڌي نچائي ٿي. اها عشق جي انتها آهي جتي زماني جا سڀ قانون ۽ محابا ختم ٿي ٿا وڃن. جتي منصور نٿي جي بازارن ۾ سڀ لاڳاپا لاهي، الف اگهاڙو ٿي اپيچند ڪي ڳولي ٿو ۽ اناالحق جو نعرو هڻي ٿو ۽ انهيءَ ڏوهه ۾ سوليءَ جو سزا وار ٿئي ٿو:

نوان جام جمندا، نئين راهه رمندا
نوان چنگ ڇُرندا، نوان ساز سُرندا

-

نئين ڪاڪ اڏبي، نوان ايندا راڻا
مان هوندس نه هوندس، پاڻا نه جاڻان
نه هونديون حويليون، نه هوندا هي ٽاٽا !



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# منو مهيري
# تاريخ جو مترنم آواز !



علي اظهار

چوندا آهن تہ وڻ جي ڪتجڻ ڪانپوءِ ئي احساس ٿيندو آهي تہ وڻ مان ڦٽندڙ ڇانوَ ڪيڏي اهم هوندي آهي. هن وقت جڏهن آئون مني مهيريءَ تي مضمون لکڻ ويٺو آهيان، تہ مٿي چيل ڳالهہ جو احساس شدت سان ٿي رهيو آهي. سچي ڳالهہ آهي تہ مان سندس شخصيت جي حسناڪين کي سائين محمد موسيٰ جوکيو جي آتم ڪٿا رڪارڊ ۽ ٽرانسڪرائيب ڪرڻ کان اڳ ڄاڻي ئي ڪونہ سگھيو هئس. ساڻس باقاعدي پهرين ملاقات بہ سائين محمد موسيٰ جوکيو جي معرفت شهيد فاضل راهو بابت مرتب ڪيل ڪتاب "ڳالهيون فاضل جون" مضمون رڪارڊ ڪرڻ جي بهاني سندس ڳوٺ ۾ ٿي هئي. ان کان اڳ حيدرآباد جي ٿڌي سڙڪ تي نهيل رور ويو اپارٽمينٽ ۾ گڏ رهندي بہ سلام دعا ئي ٿيندي هئي. پنهنجي طبيعت ۾ رچيل بي نيازيءَ جي ڪري مان بہ پنهنجي دنيا ۾ مگن رهندو هئس. مون کي رڳو اها خبر هئي تہ هو منو مهيري صاحب آهي. هڪ ڏينهن اجنبيت ۽ اوپرائپ جو پردو چيريندي هن مون کي چيو تہ ڪو نئون ڪتاب تہ ڪونہ آيو اٿئي؟ مون وٽ تنهنجا سڀ ڪتاب موجود آهن.

ڪٿا آتو بايوگرافي اڪيڊميءَ جو پهريون پراجيڪٽ "اهي ڏينهن اهي شينهن" تي ڪم ڪندي مون تي اهو راز افشا ٿيو تہ سائين محمد موسيٰ جوکيو وانگر هن جي ذات جو بہ وڏو حصو فاضل راهو شهيد سان جڙيل هو. فاضل صاحب جي زندگي تہ سڄي ڪمال بهادري ۽ ڪارنامن سان ڀريل آهي پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي فوجي آمر ضياءالحق پاران ڦاسي ڏنل ڪانپوءِ عوام جي آواز کي جهڙي ريت دٻايو ويو ۽ ماڻهن تي ڏهڪاءُ وجهي سوچ ۽ آگاهيءَ تي جيڪو راتاهو هنيو ويو هو، انهن حالتن کي ٽوڙڻ ۾ شهيد فاضل راهو جو وڏو ڪردار رهيو. هن 1979ع ڌاري راهوڪيءَ ۾ هاري ڪنوينشن ڪرائي ملڪ تي ظلم ۽ اونداهيون لاڳو ڪندڙن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. ان ڪنوينشن جي ڪارروائي مني مهيري ئي هلائي هئي، جنهن جي سزا ۾ ڪيس قيد ۽ ڦٽڪن جي سزا پڻ ٻڌائي وئي ۽ بدين جي قاضيہ واهہ تي کين سرعام ڦٽڪا هنيا ويا. هن ڦٽڪن کي مسڪرائيندي برداشت ڪيو هو، ڇوتہ هو فاضل جي نظرئي تي هلندڙ سچو سپاهي هو. هو نہ صرف فاضل جو سچو سپاهي هو پر ان جو گهر ڀاتي بہ هو، اها ڳالهہ مون کي ان وقت سمجهہ ۾ آئي جڏهن مون فاضل جي بهادر نياڻي ادي شهناز راهوءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب"جيل جا خط" پڙهيو ۽ اردوءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو، جنهن ۾ هن گهڻن موقعن تي مني مهيري جو ذڪر ڪيو آهي.

سائين محمد موسيٰ مطابق هو تمام گهٽ پڙهيل هئڻ جي باوجود بہ تمام گهڻو پڙهيل هو. ڪتابن سان سندس عشق جو ثبوت سندس تمام وڏي لائبريري آهي. ان حوالي سان هو سائين محمد موسيٰ جوکيو کي پنهنجو استاد چوندو هو. هندستان سوڌو هو اڌ دنيا گهمي چڪو هو، سندس خاص ڳالهہ اها هئي تہ، جڏهن بہ هو فاضل راهو جو ذڪر ڪندو هو تڏهن سندس اکيون ميگهہ ملهار ٿي وينديون هيون. ايئن ڇئجي تہ فاضل سندس رڳن ۾ عشق ٿي ڊوڙندو رهندو هو ۽ ان نسبت سان هن فاضل ۽ سندس خاندان سان ساهہ جي آخري ڏاڪي تائين پنهنجو تعلق قائم رکيو.

مني مهيري صاحب جي شخصيت جو هڪ حوالو سندس منفرد سريلو آواز هو، جيڪو قيامت تائين اسان جي سماعتن ۾ گونجندو رهندو. سندس حافظو بہ ڪمال جو هو. هن کي مولوي احمد ملاح ۽ ابراهيم منشيءَ کان وٺي


books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

جديد دور جي شاعرن جا شعر برزبان ياد هوندا هئا. لطيف تہ سندس رڳن ۾ رت وانگر هلندو هو، جڏهن بہ هو لطيف کي پڙهندو هو تہ ائين لڳندو هو ڄڻ ڪنهن قدرتي آبشار مان شيشي جهڙو شفاف پاڻي جهرڻن جي صورت ۾ ڪرندو هجي. هن کي ٻڌڻ وارا ڄڻ تہ پنڊ پهڻ ٿي ويندا هئا. هو ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ محفلن جو مور هوندو هو. ڪنهن بہ محفل ۾ سندس موجودگي ڏسي ڪنهن شاعر جو هي شعر زبان تي تري ايندو هو:

اتنا تو پرجمال رہے جاذب نظر
محفل میں بیٹھ جائے تو تنہا دکھائی دے!

لطيف سائينءَ کي پڙهڻ جو منو مهيري جو اهو انوکو انداز ڏسي هاڻي اهو خيال ٿو اچي تہ، جيڪر لطيف سرڪار جو سڄو رسالو ڪو ادارو شرح سوڌو رڪارڊ ڪري وٺي ها تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها. اهڙو نفيس، خوبصورت ۽ خوش مزاج ماڻهو ڪجهہ دير اڳ اسان جي وچ ۾ ويهي ڳالهائي رهيو هو، ڳائي رهيو هو ۽ اسين همہ تن گوش ٿي ڪيس ٻڌي رهيا هئاسين. اهو دلبر، اهو وڻجارو، اهو لطيف جو پارکو، اهو ياد حافظ. فاضل جو عاشق اوچتو ڄڻ اتي ڪيڏانهن هليو ويو ۽ اسان جون سماعتون سندس يادگيرين جا ڏيئا ٻاري ڪيس ڳولي رهيون آهن:

زمانہ بڑے شوق سے سن رہا تھا
ہم ہی سو گئے داستاں کہتے کہتے!



books.sindhsalamat.com

# منو مهيري، هڪ منو ماڻهو !



خادم ٽالپر

آئون عوامي تحريڪ ۾ نئون نئون شامل ٿيو هئس. ڊسمبر 1976ع جي هڪ شام هئي، جڏهن مون کي حڪم مليو تہ فاضل راهو جي ڳوٺ راهوڪيءَ جي پِر ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ گڏجاڻي رکيل آهي، تون اتي وڃي انساني ارتقا تي ليڪچر ڏي. آئون شام جو 4 بجي گولاڙچي پهتس، اتي عوامي تحريڪ جا ڪجهہ دوست اڳ ۾ موجود هئا. اسان هڪ واهہ جو ڪپ ڏئي پنڌ ئي پنڌ راهوڪي روانا ٿياسون جتي ڪجهہ ٻيا همراهہ بہ موجود هئا، اسان سڀ مقرر جاءِ تي وڃڻ لاءِ اوطاق کان روانا ٿياسون. اسان کي الهڏني ماڇيءَ جي ڳوٺ پهچڻو هو جيڪو اتان کان اٽڪل 2 ڪلو ميٽر اوپر طرف جهنگ ۾ هو، جتي پهتاسون. رات جو ٽيهہ، چاليهہ ڄڻا ٿي وياسين. مون انساني نسل جي ارتقا ۽ پوءِ سماجن جي ارتقا بابت مختصر طور پن ڪلاڪن جو ليڪچر ڏنو جيڪو ڄڻ تہ ڳالهہ ٻول جي انداز ۾ هو. مون پاڻ سان گڏ ڪافي تصويرون هٿ سان ناهي آنديون هيون جيڪي بہ لائيٽ جي روشنيءَ ۾ ڏيکاريندو ويس. انهن همراهن ۾ هڪ نوجوان مون کان تمام گهڻا سوال ڪيا. انساني ارتقا جي ڪهاڻي سمجهڻ لاءِ ڏاڍو بيتاب هو پر وقفي دوران هڪ سينئر دوست جمن ترڪ ڪيس گيت ٻڌائڻ لاءِ چيو، جنهن چند منٽن ۾ ابراهيم منشيءَ جو شعر "پاپاڻن جا پار پري ۾ ڪير ٻڌائي پرندا ڪيسين" اهڙي تہ ترنم ۾ ٻڌايو جو ابراهيم منشي اتي هجي ها تہ ڪيس ضرور داد ڏئي ها. اهو همراهہ پوءِ منهنجو دوست ٿي ويو جنهن جو نالو هو "منو مهيري".

منو مهيريءَ سان پوءِ ڪوڙ سارين ملاقاتون رهيون ۽ گڏجي محفل



sindhsalamat.com

ڪرڻ، راتين جون راتيون گڏ رهڻ جا موقعا ملندا رهيا. مٺو مهيري زنده دل خوش طبع انسان تہ هو ئي هو پر هو پنهنجي قوم کي بدحاليءَ مان ڪڍي خوشحال بنائڻ لاءِ بہ ڏاڍو بيتاب رهندو هو. جيئن تہ مٺي ۾ ڪيتريون ئي خوبيون هونديون هيون؛ هڪ تہ خود قرباني ڏئي، پنهنجي غريب پاڙيسرين جي مدد ڪرڻ، غريب ڪان غريب ماڻهوءَ کي بہ اهڙو مان مرتبو ڏيڻ جيڪو هو خوشحال، نالي واري، سڪئي ستابي کي پروٽوڪول ڏيندو هو تہ جيئن عام ماڻهوءَ مان احساس محرومي ختم ٿئي. مٺو ڪتابن پڙهڻ جو بہ شوقين هوندو هو. هن ڪڙيو گهنور ۾ بچائي نظاماڻيءَ ڪان ۽ مون ڪان ڪيترائي تاريخي، علمي، ادبي ڪتاب وٺي پڙهيا ۽ اُهي عام ڪچهرين ۾ وڏي چاه سان سمجهائيندو هو ۽ خود بہ ڪتاب خريد ڪندو هو.

مٺي مهيريءَ ۾ هڪ قدرتي ڏات هئي تہ هو ڪو بہ ڪلام يا شعر ڪنهن بہ ڏن ۾ ٻڌندو هو تہ يڪدم ياد ٿي ويندو هئس. وري جڏهن بہ چئبو هئس تہ گيت ٻڌائي تہ يڪدم انقلابي، قومي گيت، لطيف، بخاري، سرويچ ۽ حافظ جا شعر ٻڌائڻ ۽ ڳائڻ شروع ٿي ويندو هو. ان ڪري مٺو مهيري محفل جي روشني ۽ جان هوندو هو. 80 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڳوٺن ۾ عوامي تحريڪ يا هاري ڪميٽيءَ جون گڏ جاڻيون ٿينديون هيون تہ مٺو مهيري اڪثر ڪري فاضل سان گڏ انهن پروگرامن ۾ پهچي ويندو هو. محفل ۾ يا گاڏيءَ ۾ مٺو موجود آهي تہ ڪل پوڳ، مذاق، راڳ ويراڳ ۽ لوڪ ڏاهپ جون ڳالهيون باري هونديون هيون. سڄو ڏينهن ڪيترا بہ ٿڪل هجون، مٺو مهيري مليو تہ ٿڪاوٽ ختم. مٺو هڪ فرد نہ پر هڪ پُرلطف محفل هو. هو هوندو هو تہ زندگيءَ جون سڀ ٿڪاوٽون، مايوسيون ختم. مٺي جي راءِ هڪ تجربيڪار سياسي ڪارڪن واري راءِ هوندي هئي، جيڪو انسان دوست پورهيت دوست سائنسي فڪر جو ڄاڻو ڪارڪن هو، ان جي لاءِ بلڪل وزندار ۽ اهميت واري هئي. مٺو مهيري چوندو هو تہ باعزت زندگي ۽ شاندار موت ڪنهن خوش نصيب کي نصيب ٿين ٿا. سو، مٺي مهيريءَ جي زندگي بلڪل باعزت هئي ۽ سندس موت بہ اچانڪ ٿيو.





# مٺو مهيري: سر سارنگ جي بيت جهڙو ڪکرا!

ايوب گل

اجا رات باقي آهي، آسمان ۾ ڪجهہ تارن جا ڦُل آهن ۽ ٻاهر گلن تي ماڪ پئجي رهي آهي ۽ آئون رات جي هن وقت اڪيلو ڪمري جي دريءَ ڪان ٻاهر ڏسي رهيو آهيان. ٿوري دير ڪان پوءِ فضا ۾ ”الصلوات خير من نوم “ جي صدا گُونجندي پر آئون نماز جي لاءِ نہ اُٿيو آهيان- دراصل ٿوري دير پهرين هڪڙي خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳيو هئس.

مون ڏٺو تہ سنڌ جي آسمان مان سڄ جو ڦُل ڇڻي ڪِري پيو آهي ۽ هر طرف اونده انڌوڪار آهي ۽ ٿورڙا ڪي تارا انهيءَ ڪاري ٻاٽ سان وڙهي رهيا آهن. چنڊ جون ٻڏان ٿو تہ پڇاڙڪيون راتيون آهن، سو انهن ڪجهہ تارن مان ئي ٽانڊاڻي جي ڪنپ جيتري سوجهاڪي جي اميد آهي، سي بہ گل گل ٿي اپ مان ڇڻڻ شروع ڪن ٿا ۽ گهري اونداهي هر شيءِ کي ڳيهي وڃي ٿي ۽ خوف ڪان منهنجي اک ڪلي پئي هئي. تڪڙ ۾ بستر مان اٿي دريءَ جو پردو سيري ٻاهر اُڀ ۾ ڏٺو هئم، جتي اجا ڪي تارڙا اونده سان جهيڙيندي نظر آيا هئا ۽ مون جيڪي خواب ۾ تارا ڇڻي گم ٿيندي ڏٺا هئا، انهن تي سوچيندي نہ ڄاڻ ڇو مون کي ماما جمن ۽ مٺو مهيري شدت سان ياد اچڻ لڳا هئا. اجا ڪالهہ ڪالهوڻي ڳالهہ آهي، مٺي مهيريءَ سان سندس ڳوٺ ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ اها اسان جي هن فاني جڳ ۾ آخري ملاقات هئي!

” پيهار بہ ملنداسين
ڪنهن ڏور ستاري تي
ٽيهار بہ ملنداسين!“



sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

آئون اڪثر ڏک جي وقت هميشہ شاعريءَ جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، بلڪہ اسان مان گهڻا ماڻهو غم جي گهڙين ۾ شاعريءَ جو هٿ پڪڙيندا آهن. مٺو مهيري تہ پنهنجي وجود ۾ سر سارنگ جي ڪنهن بيت جهڙو هڪڙو پريو ڪڪر هو، جيڪو سدائين گلن ۽ خارن تي ساڳي دل سان وسندو رهيو. سندس شخصيت جا ڪيترائي رخ هئا پر مون کي سندس ذات جو شاهہ سائينءَ سان عشق وارو رنگ سڀ کان وڌيڪ وڻندو هو، ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام تي سڀ کان وڌيڪ اثر لاڙ جي ٻولي ۽ لهجي جو رهيو آهي ۽ مٺو مهيري انهيءَ لاڙ جو هڪڙو لائق پٽ هو جنهن ڪري هن جي لطيف جي ڪلام تي دسترس هئي. هو ڀٽائيءَ تي ايئن ڳالهائيندو هو ڄڻ اڳلي جنم ساڻس گڏ ڏِسون ڏورينڌڙ ڪو جوڳي فقير رهيو هجي يا ٻڙ جي ڍوري جو اهو وڻ هجي جنهن جي گهاٽي ڇانوَ ۾ ڪڏهن ڀٽائي گهوٽ ننڊ ڪئي هئي.

جڏهن هڪ عوامي ڪارڪن طور سندس شخصيت جو ڇيد ڪرڻ ويهبو تہ هو جاڳ جو استعارو محسوس ٿيندو ۽ ذاتي ڪچهرين ۾ هن جي هر گفتي ۾ هڪڙو زندگيءَ سان ٽمٽار ٽهڪ ويڙهيل ملندو. آئون جڏهن هِن ماڻهوءَ سان دل جي سڱ جي عمر سنڀالڻ ويهان ٿو تہ منهنجي ٻاهران يادگيرين جو گهاٽو ٻيلو پکڙجي وڃي ٿو. مصطفيٰ اياز مهيريءَ سان اها پهرين ملاقات ۽ پوءِ هُن جي ڳوٺ جا پنڌ ... لاڙ جي ڳاڙهن ڇانورن جون مانيون ... مٺي مهيريءَ جا آلاپ، مرحوم صالح مهيريءَ جا چرچا، علي خان جون ارڏايون ۽ ڏاڏُون سان گارين جا اهي مقابلا ۽ ٽهڪڙا... اهو وقت نہ هو ڄڻ تہ خوشين جو هڪڙو هاڪڙو درياهہ هو جيڪو هاڻ پنهنجن ڪنارن جي وچ ۾ مري ويو آهي. انهن ڏينهنِ ۾ آئون ۽ اختر حفيظ هر مهيني جي پهرين موڪل ڳوٺ چاڪر مهيريءَ ۾ خرچ ڪرڻ ويندا هئاسين ۽ انهيءَ زماني ۾ اسان وٽ خرچ ڪرڻ جي لاءِ رڳو وقت ئي ڪيسي ۾ پيل هوندو هو باقي پئسا خرچڻ لاءِ مصطفيٰ اياز کي ڳوليندا هئاسين. اخباري نوڪريءَ جي انهن بدترين ڏينهنِ جا خوبصورت پل جيڪڏهن ڪي آهن تہ اهي پنهنجي يا مٺي مهيريءَ جي ڳوٺ ۾ گذاريل پل آهن، باقي سڀ ڏينهن شامن جي آزاديءَ کان خالي. ڄڻ آڪاٽين وارا ڪنڊ وڍيل ديوَ هئا جيڪي پنهنجين پيانڪ يادگيرين جو ڪارو دونهون پٺيان ڇڏي گذري ويا آهن. اسان جي مصطفيٰ اياز، علي خان ۽ صالح سان وڌيڪ ويجهڙائي رهي ۽ سائين حفيظ ڪنڀر مٺي سان ويجهو هو. شايد عمر جو تفاوت يا احترام هو جنهن مٺي مهيريءَ کان اسان کي وٿيرڪو رکيو ٿي. هونئن نہ تہ ڪچهرين ۾ هِن شخص ڪڏهن اسان کي ننڍ وڏائيءَ جو احساس ٿيڻ ڏنو ۽ نہ وري روائتي ادب آداب جو قيد وچ ۾ آندائين. اهو ئي سبب هو جنهن ڪچهريءَ ۾ گڏ ويٺو انهيءَ جو محور بڻجي ويو. مون کي سندس سياسي سفر جي تہ گهڻي ڄاڻ ناهي پر ذاتي زندگيءَ بابت جيترو معلوم آهي ان مطابق هو هڪڙو آدرشي عاشق، سنڌ جو گائڪ ۽ وطن پرست هو. اهوئي سبب آهي جو سندس سڏ ۾ سنڌ جي تنوار نمايان رهندي هئي. هو ميرڙن ماڻهن سان پاڪرين ملڻ ۾ عيب محسوس نہ ڪندو هو. ڳالهہ ۽ ڪردار ۾ هڪڙو ڇٽو ۽ کَرو ماڻهو هو يا ايئن چوان تہ هو ڀٽائيءَ جي ڳايل ماڻهن مان هڪڙو ماڻهو هو. سندس ڳالهيون لکڻ کان گهڻيون آهن ۽ رات جي هن اويلي پهر منهنجي دل هُن سميت سنڌ جي آسمان مان ڇڻيل تارڙن جي ڏک سان ڀريل آهي، ان ڪري لکڻ لاءِ لفظ ۽ روئڻ لاءِ اکيون ساٿ نہ پيون ڏين. ڪي چار گونگا لڙڪ اکين جي ڇپڙين ۾ اٽڪي بيٺا آهن- آئون اڌ آلين اکين سان دريءَ کان ٻاهر اونداهي آڪاش ۾ ڏسي رهيو آهيان جنهن ۾ ڪي تارن جا ڦل اجا ٽڙيل آهن- آئون سوچيان ٿو جيڪڏهن مٺو مهيري بہ سنڌ جي آسمان جو هڪڙو تارو هو ۽ اڄوڪيءَ رات پنهنجي ڪير ڌارا مان گم ٿي ويو آهي تہ ڇا ڀاڳ جِي، ڀِي ڪنهن رات هو ڀيهر اڀري نہ ايندو!؟


books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com



# لطيف جو وڏو پارکُو
# مٺو مهيري

خليل ڪُنڀار

مٺو مهيري سنڌ جي آسمان تان هڪ گهڙيءَ لاءِ به گُم نه ٿيو. ضياءَ جي آدم بُو آدم بُو ڪندڙ مارشل لا وارن ڏينهن ۾ هن جيل به ڪاٽيو ته بدين جي مکيه چوڪ تي قاضيه واهه جي ڪناري هن سرعام ڪوڙا به کاڌا ۽ جڏهن نظرياتي ياچ پئي تڏهن به هن نه گيڙو ويس پاتو، نه ئي گهر جهلي ويهي رهيو. هن وستين، واهڻ، جهنگن ۽ جهرن ۾ ڌرتيءَ جا ئي گيت پئي ڳاتا ۽ هڪڙي تر جيتري گهڙيءَ لاءِ به انقلاب جو ويساهه هن جي دل ۾ ماٺو نه ٿيو. سدائين جوان، مست الست، ڳائيندڙ وڄائيندڙ مٺو مهيري، زندگيءَ جي آخري گهڙي آپريشن ٿيٽر ۾ به ڳائيندي وڄائيندي ويو. هي اُهي ننگ ڏڙنگ ماڻهو هئا جيڪي خالي هٿين زندگيءَ کي ڀرپور جيئا ۽ پاڻ وٽ موجود سموريون توانائيون پوين ڏانهن منتقل ڪندا هليا ويا. هي جيڪا اڄ جي سنڌ جنهن ۾ ايرا غيرا نٿُو خيرا مها انقلابي ٿيو پيا هلن، انهيءَ اظهار جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مٺي مهيري جهڙن ماڻهُن ظلم جون ڪاريون راتيون ۽ تتل ڏينهن ڪاٽيا، صعوبتون سٺيون، ڪوڙا کاڌا ۽ ڪڏهن به مايوس نه ٿيا. سدائين زندگي ۽ اميد جي ڳالهه ڪندا رهيا ۽ جهر جهنگ رلي سدائين ماڻهُن کي اهو يقين ۽ احساس ڏياريندا رهيا ته،

زنجير ٽُٽا ڪي ويندا ٽُٽي
انسان ازل کان آجو آ.



مٺو مهيري لطيف ايئن پڙهندو هو جو:

پڙهي ٿو شاهه پٽائيءَ کي
پئي ٿو ساهه پٽائيءَ کي
ڪري ٿو راتڙيون روشن
ڪرها ٿو ڪاڪ ڏانهن ڪاهي،
رڃن ۾ روح جون رڙيون
سُتو ٿو لوڪ جاڳائي
ڍڪڻ تي پير پوچا ۽،
مَٽيئي ڪي سؤ معنائون،
ڪري جي ڳالهه مارئيءَ جي،
وطن جڻ انگ تي اوڍيل،
وطن جڻ ويڙهيل پوتي،
وطن سو جُنگ جکري جي،
هجي جڻ پڳ جو موتي،
وطن سو واءَ اُتر ۾ پيو،
هندورو جڻ ڪائي لوڏا.

هو لطيف جي شاعري پڙهندي وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ شعر جي ڪيفيت مٿس طاري ٿي ويندي هئي. جڏهن به سامونديءَ کي چس وٺي ڳائيندو هو ته بندر تان پڳهه ڇوڙي پنڌ پوندڙ وڻجارا، انهن جُون رُئندڙ ونيون، سياري جي ڊگهين راتين جا انتظار، اتر جي سٽائي واءُ جون دعائون ۽ ڊگهن وڇوڙن جا وڍ، فلم جي ڪنهن منظر جيئن اکين اڳيان گذرڻ لڳندا هئا. ايئن محسوس ٿيندو هو جيئن ڪنهن بندر تي بيٺا آهيون ۽ سڄو وهنوار اکين اڳيان پيو ٿئي.

لاهيندا ئي ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون
آئون جهليندي ڪيترو، آيل ساموندين
پڳهه ڇوڙي جن، وڏا پيڙا ٻار ۾!



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

شعر پڙهندي هو ڳالهائي ٻڌائيندو هو تہ لطيف جيڪو شعر چيو آهي اهو جملي ۾ هيئن چيو ويو هوندو:

وڻجاري جي ماءِ، وڻجارو نہ پلئين

نهن سس کي چئي پئي ”پنهنجي پٽ کي سمجهائي نہ ...“

ايئن چئي پوءِ وري بيت کي سچو ڪندو هو:

آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو وڃڻ وايون ڪري.

هو مرشد لطيف جو سُر سامونڊي پڙهندو ويندو هو ۽ هٿن جي اشارن سان ونجهن جا ور ڪوليندو ويندو هو، ويڙهندو ويندو هو، سڙهہ سبندو ويندو هو، ساڄا ڪندو ويندو هو، ڪوها ڪڻندو ويندو هو. مطلب تہ منو مهيري ڀٽائيءَ جو رڳو ياد حافظ ڪو نہ پر هو ڀٽائيءَ جي بيتن جي ڪيفيت بہ هو.

مرشد لطيف جي سُر سسئيءَ جي هي وائي سدائين ايتري سوز سان ڳائيندو هو جو پاڻ بہ رئندو ويندو هو تہ ٻڌندڙ بہ پيا ڳوڙها اگهندا ۽ پيئندا هئا:

”ڪرهل پائي لڄُ، ڪوهہ نہ وئينءَ اُن سين!“

پڇبو هئس تہ مرشد لطيف اتي ”لڄُ“ ڇا کي ٿو چئي تہ وراڻيندو هو: لڄ ان ڪپڙي کي چئبو آهي، جيڪو اُٺ کي پلاڻڻ کان پهريائين، اُن جي پُٺيءَ تي وجهبو آهي!

سسُئي کي ٿو چئي تہ جڏهن ڏٺُئي تہ جت، پنهونءَ کي ڪٽيو ٿا وڃن، تہ تون ان مهل ئي اُٺ جي پُٺيءَ تي اهو ميرو ڪپڙو رکي، سندن پويان ڇو نہ وئينءَ!

چوري ندوري، نہ ڪو مائٽ مُنڌ جو...



لطيف جي سر سسئيءَ جي بيتن جي تشريح ڪندي جي سسئيءَ تي ڳالهائيندو هو تہ رڻ، رائو، رُڃ، ڪوهہ، ڪيڇي، ڪرها، جت، پنهور، نٻ، ڏوهي گهاٽ، پنهون ۽ ڇپون پير ڇنن جي ڪيفيت پنهنجي پوري شدت سان ٻُڌندڙ جي وجود مان بہ گذرندي ويندي هئي.

سسئي مالڪ سان مخاطب آهي تہ مون ان واعدي تان هٿ ڪنيو جنهن ۾ تو عاشقن کي قيامت جي ڏينهن ملائڻ جو واعدو ڪيو آهي. مون سان اهو واعدو هينئر هتي پورو ڪر:

فردا مُنڌ ڦٽي ڪئي، نقد ڪنيو نار...

ايڏو ڍگهو انتظار آئون نٿي ڪري سگهان، منهنجو سودو هتي روڪڙو ڪر:

فردا مون ڦٽي ڪئي، واعدي ڏي نہ ويهان
صبحا سين نہ سهان، ڪوءِ ميڙئين، ڪوءِ مارئين.

بيت پڙهندي وچان پڇبس ”ادورائي“ معنيٰ؟ تہ اها معني ايئن ٻڌائيندو هو جو ڪنهن تي ڪو ڏُک هوندو هو تہ اُهو ڏُک بہ سهائيندڙ ۽ منو منو سيڪ ٻڻجي ويندو هو. مرڪي چوندو هو ”خليل جون ادورايون منو نہ سهي تہ ڪير سهي، معنيٰ خليل جون ڪاريون منيون منو نہ سهي تہ ڪير سهي.“ ادورائي معنيٰ پنهنجن جون ڪاريون منيون سهڻ ۽ ان معنيٰ سان يارن دوستن ڏانهن رهيل ڏُک سيڪجي ويندا هئا.

لطيف پڙهندي جڏهن مارئيءَ تي ايندو هو تہ هن جي چهري تي آيل رنگ ۾ سرشاري ڏسڻ وٽان هوندي هُئي. چوندو هو تہ لطيف پنهنجن سمورن ڪردارن جون ڪچايون ڦڪايون بيان ڪيون پر مارئيءَ کي ڳائيندي خود لطيف جو انداز ۾ اظهار بہ عقيدتمنداڻو ٿي ٿو وڃي. مارئي اهو واحد ڪردار آهي جنهن لاءِ لطيف چوي ٿو تہ جي مارئي منهنجي دور ۾ هجي ها تہ



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

آئون جيڪو ڪنهن بہ دربار جو سلامي ڪو نہ ٿيس پر مارئيءَ لاءِ آئون پنهنجون سڀ روايتون ۽ سڀ آدرش ڇڏي عمر وٽ هلي وڃان ها ۽ مارئيءَ ڪي ڪنهن بہ قيمت تي ۽ ڪنهن بہ شرط تي آزاد ڪرايان ها:

هتي جي هُئي مارئي، تہ لڏم ڪر ڪيٽاس
عرداسيون عمر ڪي، ويهي هوند وٽاس
ڪي جهلياڻين ڪي ڇڏياڻين، تہ پنهنجو انگ آڇيانس...

اها سٽ پڙهندي ان جي تشريح ڪندو هو "اتي لطيف چئي ٿو: مون ڪي قيد ڪر، هن ڪي ڇڏ. عيوضي ۾ ماڻهُو ڏبو آهي نہ! ايئن لطيف چئي ٿو: آئون مارئيءَ جي عيوض قيد ۾ ويهڻ لاءِ تيار آهيان..."

ڪي جهلياڻين ڪي ڇڏياڻين، پنهنجو انگ آڇيانس
لاهي لوهہ لطيف چئي، هتان هوند هلانس
موڪي ملير سامهين، وٽي هوند وڃانس
رهبر ٿي ريڙهيانس، سونهاري ساٿيهہ ڏي.

... ۽ پوءِ مرڪي مرڪي پيو منظر نگاري ڪندو هو "لطيف چئي ٿو: لوهہ يعني ڪڙا لاهي آزاد ڪرائي، آئون پاڻ هٿ سان وٽي وڃي ڏيهہ پُڄائي شادمانا ڪري پوءِ خيرن سان موٽي اچان ها."

ڪير لهندم ڪر، مارو پاڻ اپاريا...

الا الا! پڇيس: اپاريا معنيٰ، تہ پنهنجي بيان ۾ اپارئي جي اڪيلائي محسوس ڪرائيندو هو. اڪيلو ڏراڙ هڪڙي وڳي وارو جنهن جو ڪو ٻانهن ٻيلي نہ هُجي، مهيني ماس وڳو ڏئارڻ لاءِ پنهنجو مال ٻئي ڏراڙ ڪي پارتي



چوي: اڄ وارو ڏي ۽ پاڻ گهر ۾ گوڏ ٻڌي ويهي وڳي سُڪڻ جو انتظار ڪري تہ ان ڪي چئبو "اپاريو." هاڻ بيت پڙهو:

ڪير لهندم ڪر، مارُو پاڻ اپاريا.

مرشد لطيف جڏهن مارئيءَ ڪي ڳائي ٿو تہ تمثيلون، ترڪيبون، تشبيهون، اصطلاح، زندگيءَ جا ڏُک سک، اڪيلايون ۽ مثال سڀ ڏنارن پنهوارن جي زندگين مان ڪڍي ٿو:

لوءِ وڃي ڪو چوءِ، منهنجي ماروئڙن ڪي
چانگئون چجي چيلڙو، جي ڪنين جو هوءِ
صحيح وڙولجي سوءِ، آئون ڪيئن ويس وسري!

اسين اُهي خوشنصيب ماڻهُو آهيون جن مٺي مهيريءَ ڪان لطيف ٻُڌو. ايئن لڳندو آهي جڻ اسان لطيف جي رسالي جون سڀ ڳليون ۽ ڳوٺ گهمي ڏٺا آهن.

هڪڙي پيري رفعت عباس، سائين علي دوست، اسحاق سميجو، ڊاڪٽر علم الدين انصاري ۽ آئون ڏاڏي گنگا جتڻ جي قبر جي پيراندي ڇُهڻ ٻڙ جي ڊوري وياسين. ڏاڏي گنگا جتڻ جنهن لاءِ مرشد لطيف لکيو:

ڪوءِماڙيون، ٽِن بنگلا، پڪا سندن پن
اُست جا انين جي، مان ڪي رهي من
جيءَ ۾ جت رهن، پي پرڻٽي پاسي ٿي.

مٺو مهيري ۽ موسيٰ جوکيو بہ اتي آيا. مٺي مهيريءَ ڪان سڄي رات لطيف ٻُڌوسين. اکر اکر ۾ سٽ سٽ ۾ ٻڏاسين، ترياسين.



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

لطيف ۽ فاضل راهو مٺي مهيريءَ جو عشق هئا ۽ فاضل جو اولاد ڏوهٽاڻ پوٽاڻ سميت سندس جنازي ۾ شريڪ هئا. سندس جنازي ۾ هر مڪتب فڪر جو ماڻهو ان ڪري بہ شريڪ هو جو هو انهن ماڻهن جي زندگين ۾ سدائين هڪڙي ٽهڪ جيئن موجود رهيو. هُو هاريءَ سان گڏ ٻنيءَ تي وينو هوندو هو، هوٽل واري جي چُلهہ تي ويٺو هوندو هو، رازو چُٽائي پيو ڪندو تہ هي پٽ جي پر ۾ ويٺو هوندو هو. وڏيرا، ڪامريڊ، شاعر وٽس هڪ ئي صف ۾ ويٺا لطيف ٻڌندا هئا.

ادا محمد ميمڻ ۽ آئون مٺي مهيريءَ جي جنازي ۾ ايئن آلين اکين سان پهريون دفعو ملياسين جيئن مٺو مهيري ۽ آئون صادق فقير جي جنازي ۾ مليا هئاسين. هڪ هزار پيرا ادا محمد سان گڏ سمنڊ اندر چاڙ پيٽ وچڻ جا پروگرام ٺهيا ۽ ڊهيا پر قسمت نہ ٿي سگهي. دودي چانڊئي ۽ مون ڪيس رڪارڊ ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو پر سڀ ڪجهہ اڌورو ڇڏي يار هليو ويو.





وشنو مل

# خوشين ۽ مسڪراهٽن جي مٽيءَ مان ٺهيل انسان

زندگي ڌرتي ۽ مظلوم عوام جي باشعور مقصد سان جڙيل هجڻ ڪانسواءِ واريءَ تي ليڪ وانگر هجي ٿي. پوري انساني تاريخ اهڙن بيمثال واقعن، ڪمن، ڪارنامن سان جرڪندي رهي ٿي. تاريخدانن موجب ڌرتيءَ تي پهريون ڪتاب يوناني ليکڪ هيرو ڊوٽس جو لکيل ”دنيا جي عالمي تاريخ“ آهي، ان کان وٺي اڄ تائين ڪروڙين انساني ڪاوشون موجود آهن، جنهن ۾ بهترين انساني سوچون ۽ خيال، تحقيقون ۽ تجربا، ويساهہ ۽ ڪارناما رنگ بہ رنگي جلوا ڪندي نظر اچن ٿا. پوري انساني تاريخ رڳو خوشين جي تاريخ ناهي، پر جنگين، حملن، بي رحم فطري حادثن، الميِن ۽ الميِن سان مقابلي ۽ انهن کي خوشين، حوصلي، اتساهہ، رومانس، شعور، سمجهہ ۾ تبديل ڪرڻ جي تاريخ آهي. ڪير ڪنهن کان وڌيڪ آهي ۽ ڪير گهٽ آهي، هڪ ٻئي کان وڌيڪ، بهتر کان بهتر ۽ مثالي ڪارناما سرانجام ڏيندڙ جا قصا آهن.

ٻئي پاسي مايوسي، نااميدي، ذلتن، حملن، قتلِ عام، انساني ڪوس ۽ بڪن بيمارين کان نجات ڏياري معاشرن کي ٻهڪندڙ مهڪندڙ بنائيندڙ انسانن جون بيمثال محنتون، ڪوششون، ڪاوشون، جستجو، سرگرميون ۽ ڪم ڪارناما پڻ آهن، جيڪي جڳ جڳ ۾ پاڙيءَ ڊڪ لاءِ ٽڙپندڙ بيوس انسانن جي اڄ اجهاڻ ۽ انهن جي زندگي جو سهارو آهن. اهڙا انسان، ٻئي مهاڀاري جنگ جي هڪ روسي پائليٽ الڪسئي ميريسيف وانگر آهن جيڪو جرمنيءَ تي بمباري ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو، جرمن ان جي جهاز کي نشانو ٿا

بنائين ۽ هن جو جهاز جرمنيءَ جي جهنگ ۾ ڪري ٽُٽو پيو. هن جون ٽنگون ٽٽي ٿيون پيون. هن جي گلي ۾ هڪ وٽي پٽل آهي، هڪ پستل آهي ۽ هڪ خنجر آهي. هن کي يقين هو تہ جرمن اجهو ڪي اجهو آيا، هن کي پڪڙي ڪٽي ويندا! ان کان بچڻ لاءِ هو تازي پيل برف جي وڏي ڍڳ ۾ اندر گهڙي ٿو وڃي ۽ برف هن جا نشان گم ڪري ٿي ڇڏي. جلد ئي جرمن فوج جاسوس ڪتن سان گڏ اچي پهتي. هن جي جهاز مان باهہ جا پيڙ نڪري رهيا هئا. هي تازي پيل برف جي ڍير ۾ خاموشيءَ سان ويٺو رهيو. تازي برف هن جي تازن نشانن کي مٽائي ڇڏيو. جرمن فوج جاسوس ڪتن جي مدد سان وڏي ڪوشش ڪئي تہ جيئن پائليٽ کي هٿ ڪري سگهجي، پر ڪين پائليٽ جا نشان بہ نہ مليا. وڏي ڪوشش ڪانپوءِ هنن پڪ سان ائين سمجهيو تہ پائليٽ جهاز ۾ سڙي ويو ۽ هو واپس هليا ويا. روسي پائليٽ الڪسئي ميريسيف جهاز جي باهہ گهٽ ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن اونداهي ٿي تہ آهستي آهستي برف مان ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي ملڪي بارڊر ڏانهن نوڙنين تي گسڪي رڙهڻ لڳو. روسي بارڊر ان جڳهہ کان اسي ميل پري هو، وچ ۾ ڳوٺ هئا، هن کي رستي تان هلڻو ڪونہ هو، ٻنين واٽرن، جهنگن مان رڙهندو نوڙنين تي نرڪندو، برف جو پاڻي پيئندو جانور ماري کائيندو رڙهندو رهيو. هن کي پڪو يقين هو تہ هو هر صورت ۾ پنهنجي وطن روس پهچي علاج ڪرائي چڱو ڀلو ٿي وري جهاز اڏائي جرمن تي حملو ڪندو. ائين هو واقعي سخت تڪليفن جي باوجود بارڊر ڪراس ڪري پنهنجي فوج وٽ پهچي ٿو وڃي ۽ سينيئر آفيسر هن کي سڃاڻي ٿا وٺن. هن کي وڏين اسپتالن ۾ علاج لاءِ موڪليو وڃي ٿو، هو ڪجهہ مهينن ۾ ٺيڪ ٿي ٿو وڃي. هن جي ٽٽل ٽنگن جي جاءِ تي ڪاٺ جون ٽنگون لڳائي ٿا ڇڏين. ان سان هو وري جهاز هلائڻ جي پريڪٽس ڪرڻ شروع ڪري ٿو ڇڏي ۽ وري جهاز اڏائي جرمنيءَ تي بمباري ٿو ڪري.

(حوالو: ڪتاب چراغ جلتا رها).



منو مهيري پڻ اهڙو اڻ ورچ، سرگردان، لڳاتار ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهڻ وارو ڪردار هو. هو خاموش، مايوس، نااميد ٿيڻ بجاءِ سماج ۾ خوشين، ٽهڪن ۽ مهڪن جي گونجار ڪندو رهيو. هو سدا جرڪندڙ خوش مزاج ماڻهو هو. لطيف، اياز، منشي، سرويچ، آڪاش، حافظ ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ جي پيو گونجار ڪندو، پڙڪندو هلندو رهندو هو. هن هر جاءِ تي عزتن جا پنڌار حاصل ڪيا. هر ماڻهو، هر دوست هن کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو. هن جيءَ ۾ جايون ملڻ وارو احترام ڪنهن مهربانيءَ ۾ ڪونہ ورتو هو، پر هو پنهنجي فن، آرٽ، سرت ساڃاهہ، جستجو، پنهنجائپ، پيار ۽ انسان دوستيءَ جي ڪري اهڙي احترام جو لائق بڻيو هو ۽ ماڻهو پڻ هن کي احترام سان نوازڻ ڪانسواءِ رهي ڪونہ سگهندا هئا!

هن وقت جي سماج ۾ جتي انساني مان مرتبي، غريب دوستي ۽ شعور جو ڏڪار آهي، اهڙي عمل کي جڻ ڏوهہ جو ڪم سمجهيو وڃي ٿو، پر 1969-78واري زماني ۾ تہ بلڪل اوندهہ لڳي پيئي هئي. نہ روڊ رستا، نہ بجلي گئس، نہ شهر وسنديون، نہ سمجهہ سرت، رڳو سڃ ئي سڃ لڳي پيئي هئي. شهيد فاضل راهو جي ويجهڙائپ جي ڪري هن ڳوٺ ۾ پهريون ماڻهو خان محمد مهيري هو جيڪو هلال پاڪستان جو صحافي پڻ هوندو هو ۽ نسبتن هڪڙو پڙهيو لکيو، سمجهدار نقلن نظيرن، پهاڪن، ڪچهرين جو نہ رڳو ڪوڏيو هو پر هڪڙي بهتر سمجهہ شعور، ادراڪ رکندڙ انسان پڻ هوندو هو. منو مهيري ان جو تسلسل هو. ڪڙيو گهنور شهر ۾ اسان جي وڏن جو دڪان هو جتي سڄو ڏينهن لطيف جا بيت، ڳجهارتون، ڏور، سينگار، هنر ۽ اهڙي قسم جي ڪچهري هلندي رهندي هئي. منهنجو سئوٽ پيمجي مهيشوري بلڪل اڻ پڙهيو هو پر ان کي لطيف جو رسالو صحيح اچار سان مڪمل ياد هوندو هو، ان کان سواءِ جمجمان سلطان جا پنجاهہ بيت، ست ستر صفحن جو ڪتاب، حمل فقير، روحل فقير، پيگت ڪبير ۽ ٻين صوفين سنتن جي شاعري ياد هوندي هئس، ستر کان اڳ ۾ ان دڪان تي ڊاڪٽر



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

نبي بخش بلوچ، غلام علي الانا، ڪريم بخش نظاماڻي ۽ ٻيا لطيف جا پارکو ۽ ٻولي ماهر ايندا رهندا هئا.

منو مهيري هڪ تہ گهر جي ڀاتي خان محمد مهيري ۽ پوءِ شهيد فاضل جي ويجهڙائپ جي ڪري قومي ڌارا ۾ شامل ٿيو ۽ 78-1977 واري زماني ۾ ڀيمجي مهيشوريءَ جي دڪان تي ٿيندڙ ڪچهرين ۾ نہ رڳو لطيف جي شاعري سکيو پر اتي ٿيندڙ بحث مباحثن، ڏورن بيتن، سينگارن، هنرن بابت طبع آزمائي مان پڻ وڌيڪ ڄاڻ ۽ سمجهہ حاصل ڪيائين. هن جي طبيعت مزاج ۾ ڀوڳ مذاق هوندو هو، اداڪاري بہ ڪري سگهندو هو پر ان کان وڌيڪ صداڪاريءَ جو هن ۾ هنر هوندو هو. ڪهڙو ماڻهو ڪيئن ٿو ڳالهائي، ان جو انداز بيان ڪيئن آهي، ان جي ڳالهائڻ جو ڍنگ اوڏي جو اوڏي مهل ڪري ٻڌائيندو هو. صداڪاريءَ جي حس ان جي تمام تيز هوندي هئي. 70-1969 واري زماني ۾ جلسن جلوسن، ميٽينگن پروگرامن ۾ ابراهيم منشي پيو ڳجندو هو. ابراهيم منشي رڳو ڪمال جو شاعر نہ هو پر هو شاندار انداز ۾ ڳائيندو پڻ هو. لطيف جو رسالو پڻ منشيءَ کي ياد هوندو هو، جتي ويهندو هو، پيو لطيف جا بيت، وايون ۽ پنهنجي شاعري جهونگاريندو ۽ وڏي آواز ۾ ڳائيندو هو.

منو مهيري ”ون يونٽ جي تحريڪ،“ ”نيلام بند ڪريو تحريڪ،“ ”ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو تحريڪ“ ۾ ابراهيم منشي ۽ شهيد فاضل سان جيل ۾ پڻ رهيو ۽ ڀٽي صاحب جي دور ۾ تہ مسلسل ڊي پي آر ۽ ٻين ڪارن قانونن ۾ جيل ۾ رهيو. منو ان کان پڻ متاثر ٿيو. ان سڄي دور ۾ رڳو تحريڪون، جدوجهدون، گرفتاريون ۽ جيل هئا ۽ ٻي طرف شاعري، قومي انقلابي گيت ترنم ۾ ڳائڻ ۽ جڳ جاڳائڻ جو ماحول ڀُريان تار هو، جنهن جي اثر کان ماڻهو بچي نٿي سگهيو. منو مهيري جهڙو حساس دل ماڻهو تڙپندڙ، سجاڳي پيدا ڪندڙ ۽ للڪاريندڙ ماحول ۾ ڪيئن ٿي خاموش ويهي سگهيو. هو انسان هو، جتي هن سٺا ڪم ڪيا اتي ڪانئس ڪمزوريون



بہ ٿيون، پر هو نيڪ نيتيءَ سان ۽ پنهنجي روح جوهر ۾ سنڌ وطن دوست، انسان دوست، غريب دوست انسان هو.

1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ هاري ڪانفرنس جي انائونسمينٽ ۽ تقريرون ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ چئن ساٿين منو مهيري، گل چانگ، حسين بخش ناريجو ۽ ادريس ميراڻيءَ تي ڪيس ٺهيا ۽ انهن کي ڏهن ڏهن ڦٽڪن جون سزائون ٻڌايون ويون ۽ ڦٽڪا هنيا ويا. منو جي همت ۽ خاصيت اها هئي جو ڦٽڪا لڳڻ کانپوءِ بہ هن جيئي سنڌ، جيئي هاريءَ جا نعرا هنيا، جنهن تي مارشل لا وارا وڌيڪ ڪاوڙجي پيا. ائين هن پنهنجي پوري زندگي سرگردان گذاري. آخر تائين گيت ڳائيندو، لطيف جي شاعري مٺي ۽ پياري آواز ۾ جهونگاريندو رهيو.

هن جي جدائي نہ رڳو ڏکوئيندڙ آهي، پر فخر لائق پڻ آهي. موت تہ اچڻو ئي آهي. ڪامريڊ مائوزي تونگ چيو هو تہ ”موت ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو موت ڪک کان هلڪو ۽ ٻيو موت تائي جبل کان ڳرو هوندو آهي. عوام لاءِ مري وڃڻ تائي جبل کان ڳرو موت آهي ۽ عوام دشمن جو مرڻ ڪک کان بہ هلڪو موت آهي.“ هن قسم جي زندگي جيڪا رڳو سندس ذات، خاندان لاءِ نہ پر پوري سنڌ ۽ پوري مظلوم عوام، پوري انسان ذات لاءِ حوصلو ۽ فخر لائق هجي، اها ئي عظمت واري آهي. اهڙن انسانن کي، موت ماري نٿو سگهي.



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# دلبر دوست ۽ هر دلعزيز
# مٺو مهيري



ادا محمد ميمڻ

مٺو مهيري تمام شاندار طبيعت جو مالڪ ۽ قدرت جي هنر ۽ صلاحيتن سان مالامال دلبر انسان هو. مٺي مهيريءَ سان ڪيترائي ڀيرا ڪينجهر ڍنڍ واري تفريحي ماڳ گهمڻ ۽ اتي يادگار ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو مليو. انهن محفلن اسان جو هردلعزيز دوست رفيق احمد جعفري ۽ مختلف وقتن تي ٻيا دوست پڻ شريڪ رهيا آهن . ڪينجهر ڍنڍ جي گهڻن تاريخي، رومانوي، افسانوي حوالن سان پنهنجي هڪ منفرد تاريخ آهي. ڪينجهر ڍنڍ واري تاريخي ماڳ جي رومانوي قصي نوري ۽ ڄام تماچيءَ ڪي سنڌ ۾ وڏو افسانوي مقام حاصل آهي . شاهه عبداللطيف ڀٽائي سرڪار ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن انهيءَ عشقيه داستان کي پنهنجي شاعري ۽ ادبي لکڻين جو موضوع بڻايو آهي. مٺو مهيري اهڙي عاليشان ماڳ ۽ ان سان لاڳاپيل پيار ۽ محبت جي داستانن جو ڄڻ گويا عاشق هو ۽ ڪيس شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام ذريعي ان منزل جو اپٽار ڪرڻ ۾ مهارت هئي. پنهنجي آواز سان ماحول تي سحر طاري ڪري ڇڏڻ ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو.

مٺي مهيري ۽ ٻي سنگت سان ٻه ڀيرا هندستان جا دورا ڪرڻ جا پڻ موقعا مليا. اهي سفر سنڌ ڄائي اديب لڇمڻ ڪومل جي هاٺوڪي وطن هندستان ۾ سندس ميزبانيءَ ۾ ٿيا. انهيءَ سفر ۾ سمورو وقت اسان جون محفلون هندستان جي اديبن ۽ شاعرن سان ٿينديون رهيون. اتان جي فنڪارن سان پڻ ملڻ ۽ کين ٻڌڻ جا خوب موقعا مليا. اُتي ادبي محفلن ۾



مٺي مهيريءَ جو هنرمندي ۽ ڪلاڪاريءَ وارو سڪو خوب هليو ۽ اسان سندس ساٿ ۾ انيڪ محبتون ميڙيون ۽ محفلن جي ساعتن جي سرهاڻ ۽ سونهن سهيڙيندا رهياسين. مٺي مهيريءَ جي سٿ ۾ هندستان جي هنن مسافتن ۾ سنڌ ڄاوَن هندستاني اديبن هيرو ٺڪر، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻين سڄڻن سان محفلن ۽ مهمانين جا خوب مزا ماڻياسين.

يقينن مٺو محفلن جو مور ۽ هر دلعزيز شخصيت هو، جنهن سان جيڪر ڪوبه انسان هڪ ڀيرو ملندو هو ته سندس دوست ۽ پرستار ٿي ويندو هو. ساڻس گذاريل اهي ساعتون ۽ محفلون زندگيءَ جون يادگار ساعتون آهن. مٺي جي موڪلائي وڃڻ بعد جهڙوڪر اهي ٺاڪ ۽ محفلون هميشه لاءِ ويران ٿي ويون آهن. اسان جو اهو دوست هن وقت اسان جي وچ ۾ موجود ناهي ۽ پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن موٽي ويو آهي ۽ سندس مڙهه نشاني طور سندس وڏن جي قديمي قبرستان ۾ مٽين مٿيءَ هيٺان دفن آهي پر سندس محبتن ۽ محفلن وارا ساز ۽ آواز اڄ به فضا ۾ گونجي رهيا آهن ۽ سندس ٺهڪ ۽ گفتا پڙاڏا بڻجي هر پاسي سندس ياد تازي ڪري رهيا آهن ۽ يقين نٿو اچي ته اسان جو اهو محبوب ۽ هردلعزيز مٺو مهيري هن دنيا مان ائين اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو آهي. خدا سندس مغفرت ڪري ۽ سندس وارثن ۽ عزيزن کي اهو نقصان برداشت ڪرڻ جو حوصلو عطا ڪري ۽ سماج جي بهتريءَ لاءِ سندس ڪيل ڪاوشن ۽ پوکيل پوک واري گلشن کي سدا آباد ۽ سرسبز و شاداب رکي . آمين



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# مني مهيريءَ
# سان سياحت ۽ ٿر ياترا



نانڪ رام ڪيمناڻي

ٿر جو ريگستاني علائقو يا ٿرپارڪر جا مختلف ٿاڪ، تاريخي ماڳ ۽ مڪان يقينن سياحن لاءِ پنهنجي اندر خاص ڪشش رکن ٿا. مارئيءَ جو ٿر، مارئيءَ جو تڙ، امر ڪوٽ يا عمر ڪوٽ جو قلعو ڏسڻ وٽان آهن. ٿر جي نرالي دنيا تاريخ جا ڪيترائي باب پنهنجي اندر محفوظ رکيو ويٺي آهي. ٿر جو سورمو روپلو ڪولهي، محنتي، ڳٺوان، لوئي ۽ لڄ وارا ٿريا ماڻهو سنڌ جي صحرا واري هن علائقي جي سونهن آهن. ٿر ۾ جڏهن برساتون پون يا وسڪارا ٿين ته پوءِ ٿريا پنهنجي ديس ڪان ڪيترو به دور ۽ پري هجن ته هو اتي پنهنجي ديس جي ڏسڻ ۽ ڪيڙڻ خاطر واپس ورڻ لاءِ تڙپڻ لڳندا آهن. اهڙي ريت وسڪارن ڪانپوءِ ٿر جهڙي ريت، ساوڪ جي پوشاڪ اوڍي باغن، ۽ گلشن ۾ تبديل ٿيڻ لڳندو آهي ته انهيءَ موقعي تي ٿر جا پرستار سياح پڻ ٿر گهمڻ ۽ مورن جا ناچ ۽ سونهن ڏسڻ، ڪنيپيون ۽ موڪ ميها چکڻ لاءِ وڏا سفر ڪري اچي پهچندا آهن ۽ ٿرين سان گڏ رنگ ۾ رڱجي ويندا آهن.

هر سال وسڪاري بعد اسان دوستن جو پياري مني مهيريءَ سان گڏجي ٿر ياترا ڪرڻ ۽ ٿر جي سونهن ڏسڻ ۽ ماڳ مڪان گهمڻ ۽ ڪارونجهر جي اوچين چوٽين تي پهچڻ لاءِ جتن ڪرڻ وارو سلسلو تمام دلچسپ ۽ يادگار رهيو آهي. ٿر جي سفر ۾ اسان سان گڏ گهڻو ڪري رفيق احمد جعفري صاحب، الهه بخش ڪليار ۽ ٻيا دوست موجود رهيا آهن. ٿر جي دوري ۾ سنڌ سرڪار ۽ صوبائي سياحت ۽ ثقافت کاتي طرفان ٿر جي


books.sindhsalamat.com

سورمي روپلي ڪولهيءَ جي قائم ڪيل يادگار ۽ روپلو ڪولهي گيسٽ هائوس ۾ قيام ضرور ٿيندو رهيو آهي. هتي رهائش ۾ سڀني جو روح وندر ائينڊڙ ۽ محفلن جو مور، اسان جو پيارو منو مهيري هوندو هو، جنهن جي شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ شيخ اياز جي ڪلامن تي پنهنجي پرسوز آواز ۾ جهونگار سان پرپاسي جو سمورو ماحول ئي جڻ جهومڻ لڳندو هو. ان موقعي تي اسان جي دوستن جي سٿ ڪان علاوه پرپاسي جا ماڻهو پڻ گڏ ٿي مني جي سريلن ڪلامن مان لطف اندوز ٿيڻ لڳندا هئا.

ڪارونجهر جبل جي سياحت دوران مني جو اهو جنون هوندو هو ته جبل جي سڀ ڪان اوچي ۽ مٿاهين چوٽيءَ تي چڙهجي، اها جستجو پڻ ٿر جي هر سفر جي يادگار ٻڌائي ڇڏيندي هئي. اهڙي ريت ڪاسٻي ۾ راما پير جو مندرجتي هر وقت مور پيا مستيءَ ۾ اڏامندا هئا ۽ اهو پاسو هڪ افسانوي منظرنامي جو عڪس يا ڪنهن خوبصورت خواب جو منظر پيش ڪرڻ لڳندو هو. انهيءَ مقام جي هڪ ٻي دلچسپ ڳالهه اها پڻ هوندي هئي ته انهيءَ پاسي ڪنهن وڻ جي هيٺ هڪ نابينا راڳي يوسف فقير ويٺو هوندو هو ۽ مختلف شاعرن جي شاعري پيو ڳائيندو هو، اتي منو پڻ يوسف فقير سان پنهنجن سرن جي ملائي ڳائيندو هو ته ماحول وڌيڪ سريلو ۽ دلچسپ ٿي ويندو هو.

اسان جو دوست ۽ دلبر منو مهيري اڄ اسان ۾ موجود نه آهي. هو اسان جي چاهڻ ۽ نه چاهڻ جي باوجود حياتيءَ جو وقت پورو ڪري پنهنجي رب ڏانهن وڃي چڪو آهي ۽ اسين سندس يادون، ٻول، شاعري ۽ گيتن تي آلاپ، ناچ ۽ دلبرين جي يادن کي سهيڙي رهيا آهيون. ڀڳوان سندس من کي شانتي ڏي ۽ وارثن ، عزيزن ۽ دوستن کي سندس وڇوڙو برداشت ڪرڻ جي همت ڏي.


sindhsalamat.com

# رڻان رَت ميٺ، هاڻ تن پرين کي



عبدالرزاق مهيري

منو مهيري، محمد خان مهيريءَ جي گهر سال 1953ع ۾ ڄائو. پٽينيءَ جو پٽ يعني پهريون ٻار ڄمڻ جون مبارڪون سندس پيءُ کي مليون، هو ڏاڍو خوش ٿيو. مِٽ مائٽ به خوش ٿيا. هتي مٺائين جو رواج ڪونه هوندو هو، غريب ماڻهو خوشيءَ ۾ ڳُڙ ۽ بسڪيٽ ورهائيندا هئا. منٺي جي ڄمڻ جي به مٺائي ويجهن مائٽن ۽ برادرين ۾ ورهائي وئي.

هن جو خاندان اٺيون چاريندو هو. سندن ٻني نه ٻارو، پرايو چوپايو مال... منو به وقت سان گڏ ماءُ جي هنج ۾ پلجي اچي وڏو ٿيو. ان وقت اسڪول ايترا ڪونه هئا. هن جي مائٽن منٺي کي مولوي حاجي منٺي وٺ هوت مهيريءَ جي ڳوٺ ۾ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ ڇڏيو. ڳوٺ جا ٻيا به ٻار هن سان گڏ پڙهڻ ويا. منو اتي گهڻو وقت رهي ڪونه سگهيو. اتان جڏهن ڳوٺ آيو ته وري ڪونه ويو. هاڻ ته هو وڏو ٿي ويو. ننڍپڻ کان ڇِلولايون ڪرڻ، ڪنهن سان پوڳ ڪرڻ، ڪنهن جي چراند ڪرڻ هن جو مشغلو ٿي ويو. هن جو مامو خان محمد مهيري پڙهيو لکيو هو، ان سان گڏ ڪچهريءَ ۾ ويندو هو. جڏهن مزدوري ڪرڻ جهڙو ٿيو ته واهن تي واٽر ڪورسن جي تعمير جو ڪم هلندڙ هو ته پاڻ اتي ٺيڪيدارن سان گڏ به رپيا ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو. اهو ڪم بند ٿيو ته، سندس ماءُ کي مائٽن طرفان مليل ٻه ٿي ٻڪرون وٺي وڃي چارڻ لڳو، وڏيڪ وڏو ٿيو ته هو تمام ذهين ۽ هوشيار ٻٽيو ۽ مامي جي دڪان تي وڃي ويهڻ لڳو. هاڻي ته اڻ پڙهيو به هوشيار ٿي ويو هو. ان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪڪائين دڪان تي سامان رکي ويٺو هوندو هو.

فاضل راهو، نئين عوامي پارٽي ٺاهي ۽ هارين ۽ مزدورن کي گڏ ڪري سمجهائيندو هو. وڏو اڳواڻ رسول بخش پليجو هو، اهو دور ايوب خان جي مارشل لا وارو هو. فاضل راهو ماما خان محمد مهيريءَ وٽ ايندو هو. منو مهيري به انهن جون ڳالهيون ٻڌندو رهندو هو. هي هوشيار اهڙو جو ان دور جون اخبارون به پڙهي ويندو هو. فاضل راهو هن کي ڪتاب پڻ ڏيئي ويندو هو. رسول بخش پليجي جا ڪتاب هي پڙهي ياد به ڪري وٺندو هو. ان وقت سرويچ سجاوليءَ جي شاعري جو مجموعو”آليون اکيون، اٽيا وار“ حاجي جعفر هيلائي ڇپرايو جيڪو ٺٽي ضلعي جو وڏو زميندار هو، حاجي سليمان هيلائي جو والد هو. ڪينجهر ڍنڍ به ڪڇ سندن حصي ۾ آهي. منٺي مهيري کي اهو ڪتاب مليو. هو جيڪو به ڪتاب هڪ ڀيرو پڙهي وٺندو هو اهو ياد ٿي ويندو هئس.

منو مهيري هاڻي باقاعدي سوشل ورڪر ٿي ويو هو، شهيد فاضل سان هلڻ جي ڪري هن جي ملاقات ابراهيم منشيءَ سان ٿي. ان ڪانپوءِ سرويچ سجاولي سان ٿي. هو انهن جا شعر پروگرامن ۾ ترنم ۾ پڙهڻ لڳو. ماڻهو هن کي ٻڌڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ پروگرام ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. وڏيون مجلسون ٿينديون ڏسي فاضل سان ماڻهو وڏي تعداد ۾ اچي ويهڻ لڳا. هاڻي منو مهيري وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ لڳو.

وزير اعظم ذوالفقار علي ڀُٽي جي جمهوري حڪومت کي ختم ڪري، جنرل ضياء ملڪ ۾ مارشل لا هڻي ڇڏي، اها به اهڙي جو ڪک به ڪونه چرندو هو. هرطرف کان سياسي ماڻهن خلاف باهه ٻري رهي هئي. سڄي ملڪ ۾ ڍنڍ جي پاڻي وانگر ماتار لڳي پئي هئي. اهڙي ڏکئي دور ۾ فاضل راهو جبل سان ٽڪر کائڻ لاءِ وڏي سمجهه سان راهوڪيءَ ۾ شاميانا لڳائي، سموري سنڌ مان ڪارڪن گڏ ڪيا جو سرڪاري ڪارندن کي شڪ ئي نه پوي. ان پروگرام جي ڪمپيئرنگ منٺي مهيري ڪئي. ٿي ڏينهن پروگرام



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

هليو. مارشل لا جي خلاف تقريرون ٿيون ۽ شعر پڙهيا ويا. جڏهن پروگرام ختم ٿيو تہ همراهن اڪ پٽي ۽ پڌ پڌان شروع ٿي وئي. گهرن تي پوليس ۽ فوج جا لامارا هئا. منو مهيري بہ پڌا ۽ گل چانگ، ادريس ميراڻي، فاضل راهو، رسول بخش پليجو سميت سڄي سنڌ مان وڏي تعداد ۾ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. داد نہ فرياد، فوجي ڪورٽن ذريعي هڪ سال قيد ۽ ڏهن ڦٽڪن جون سزائون ڏيڻ وارو سلسلو شروع ٿيو، هنن کي جيئن آيو پئي تيئن پئي ڪيائون. مني مهيريءَ کي بہ سال قيد ۽ 15 ڦٽڪن جي سزا پڌائي وئي. ڪارڪنن کي سينٽرل جيل مان گاڏين ۾ پري آڻي، قاضيہ واهہ بدين جي ڪپ تي سرعام ڪوڙا هنيا ويا. ٽڪٽڪي گاڏي ۾ ئي ڪٽي آيا هئا. مني مهيريءَ کي جڏهن ڪوڙا هڻڻ بعد ٽڪٽڪيءَ تان لاٿائون تہ هڪ همراهہ ڪيس ڪٽي سلام ڪيو ۽ هن بہ سلام جهليو. پوءِ تہ ميجر ڪيس اندر گهرائي ڏاڍي مار ڏني. شام جو هنن کي ساڳين گاڏين ۾ وجهي حيدرآباد سينٽرل جيل پهچايو ويو. فاضل راهو بہ اتي سندن انتظار ۾ هو ۽ ڪين شاباس ڏنائين ۽ اصلاح بہ ڪيائين.

شهيد فاضل قيد تي آيل ڪارڪنن، چاهي هو ڪهڙي بہ جماعت سان تعلق رکندڙ هجن انهن جي مدد ڪندو هو ۽ ڪين همت بہ ڏياريندو هو. مني مهيريءَ سان گڏ جن قيدين کي ڦٽڪا لڳا هئا، سڀ قيدي هنن سان ملڻ آيا. هاڻي تہ هي پڪو قيدي ٿي ويو هو. رسول بخش پليجو سيني ڪارڪنن کي پڙهائيندو هو. وڏن سان گڏ هي بہ پڙهندو هو ۽ پنهنجو سبق ياد ڪرڻ کان علاوه وڏن جا سبق پڻ پڌي ياد ڪري وٺندو هو. پليجو وڏن کان سوال پڇندو هو تہ هي جواب ڏيڻ لاءِ هٿ مٿي ڪندو هو. پليجو صاحب ڪيس درست جواب ڏيڻ تي شاباس ڏيندو هو. جيل ۾ سرويچ، اياز ۽ منشي ڳائي سيني کي جهومائي ڇڏيندو هو. وڏا ليڊر بہ هنن سان گڏ واڙيل هوندا هئا. اهو دور 1979ع وارو هو. 1980ع ۾ هو سزا ڪاٽي آزاد ٿيو پر هو ڪڏهن بہ ڊپ ۾ گهر جهلي ڪين ويٺو. هي وڌيڪ محنت ڪرڻ لڳو ۽ حمزي پليجي وٽ



ناڪن جي سنڀال ڪرڻ لڳو. سيٺ يوسف سولنگي حمزي پليجي جي منشيءَ مان ٺيڪيدار بڻيو. هن وٽ پئسو بہ آيو ۽ مالدار بہ بڻيو. اهڙي ريت، منو ۽ هو گڏجي ٺيڪا سنڀاليندا هئا. اڳتي هلي منو بہ ٺيڪيدار بڻيو. هن وٽ پئسو بہ ٿيو ۽ هي زميندار بہ بڻيو. گاڏي بہ ورتائين ۽ غريب ماڻهن لاءِ گاڏي جهلي بہ انهن کي ڪڻندو هو. شهر هجي يا ٻهراڙي، ننڍي وڏي سان هڪجهڙو، سادو بہ اهڙو جو انهن سان گڏ ويٺو هوندو هو. فاضل راهو ۽ بشير هاليپوٽو هن جا پسند جا ۽ دل گهريا ماڻهو هئا.

هن 2018ع ۾ دل جو آپريشن آغا خان اسپتال مان ڪرايو ۽ اتان ٺيڪ ٿي آيو. چار سال تمام خوش رهيو. 2022ع جي شروع وارن مهينن ۾ دل جو ڏڙڪو وڌي ويو. هن ٽنڊو محمد خان واري دل جي اسپتال ۾ علاج ڪرايو ۽ دوائون وٺي واپس موٽي ايندو هو. آخر ۾ هن سوچيو تہ متان فالج تي پوي تنهن ڪري هو پاڻمرادو آغا خان اسپتال مان وقت وٺي آيو. 31 آڪٽوبر تي صبح جو سوير ادا محمد ميمڻ ۽ سعيدو مهيريءَ سان گڏ وڃي پهتو. هن کي اسپتال وارا ڪپڙا پارائي ڇڏيائون. هو نرسن سان کل ڀوڳ ڪندو رهيو. ادا محمد بہ ويٺو رهيو، ڏهين بجي هن کي آپريشن ٿيٽر ۾ وٺي ويا. ستر جي نس مان سئي وجهڻ سان نس ٽُٽي پئي. هن جو سڀ رت پيٽ ۾ هليو ويو. دل بيهي وئي. پنجن ڪلاڪن کان پوءِ پڌايائون تہ اوهان جو مريض دل چوڪ ٿيڻ ڪري گذاري ويو آهي. ادا محمد ۽ سعيدو مهيري جي هٿن مان جڻ شيشو ڪري پيو. حاجي عبدالعلي ۽ شفيع سهتي کي صدمي ۾ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ڇا ڪريون؟ اسان جو منو مهيري کل ڀوڳ ڪندو آپريشن ٿيٽر ۾ ويو ۽ ويندي چئي ويو هو تہ 45 منٽن ۾ واپس موٽي ايندو پر منو واپس نہ موٽيو، جڻ اسان پنهنجي هٿان منو وڃايو هجي. شايد رب جي مرضي اها هئي، هن جو اهو ڏينهن مقرر هو.

مني مهيريءَ جي گذاري وڃڻ جي خبر سوشل ميڊيا تي باهہ وانگر پکڙجي وئي. مون کي ايتريون تہ ڪالون آيون جو آئون پاڻ غم ۾ ٻي حال



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

ٿي ويس. آئون جلدي مٺي مهيريءَ جي ڳوٺ پهتس. مختلف برادرين جا ماڻهو ڳوٺ پهچي ويا هئا. روڊ تي بيٺل ديويون وڏيون پئي ويون جڻ ڪنهن جي اچڻ جو پروگرام هجي. گهر پهتس ته مون کي غلام نبي ڀاءُ ڏسي ڀاڪر وجهي روئڻ لڳو. هر پاسي روڄ راڙو متل هو. فوتگيءَ واري پٿر ۾ گهر ۾ آيل سوڳوارن ۾ رئندڙن ۾ ڪنهن کي ماٺ ڪرايان. جنهن جي پير ۾ ويهان اهو رڙيون ڪري پيو چوي ته، ڪالهه ته هتان اهو چئي ويو هو ته سياڻي وري ايندس. هو ڪنهن کي به پاڻ سان گڏ وٺي ڪونه ويو هو. هاڻي اسان جو ڇپر ڇانوَ ڪير ٿيندو؟ سيني کي آٿت ڏيندو رهيس پر ڏکارا ماڻهو پرچائڻ ۾ درياهه کي پيل گهاري کي پٽڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. هاڻي اسين جنازي جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ڪلهه مٺو ويو پئي علاج ڪرائڻ ۾ اڄ سندس نالو ڦري جنازو ٿي ويو هو. ٻارهن ٿيا ته ايمبولينس کي ڏسي ماڻهو قطارون ٺاهي بيهي رهيا ۾ اوچنگارون ڏيڻ لڳا. ميت کي ايمبولينس مان لاهي کٽي اچي گهر جي اڱڻ ۾ رکيو ويو. ڪافي وقت گذرڻ بعد غسل ڏيئي ميت کي رات جي آخري پهر ۾ امانت ڪري رکيو ويو. صبح جو ڪانڌي اچڻ شروع ٿي ويا. صبح جو 9 وڳي رکيل وقت تي سموري سنڌ کان ماڻهو اچي پهتا ۽ ڪي رهجي پڻ ويا. جنازي نماز بعد مڙهه کي ملان حسن جي قبرستان پهچايو ويو. ان ماحول ۾ موقعي تي سڀ يار دوست رئندا رهيا. آه! ڪالهه تائين جيڪو ماڻهو اهڙن موقعن تي پاڻ اسان کي ڀاڪر پائي صلاحون ڏيندو هو، اڄ اسين ان کي ساڳي ريت دفن ڪري ۽ لٽي رهيا هئاسين. ڀٽائي سرڪار جي شعر موجب:

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو
سو مون سڀ چمار، اورڻ اهو ئي ٿيو!

آخرڪار قبر سنواري، چادرون چاڙهي، ڪوڏرون ڏوئي، دعائون گهري، عزيز، مٽ مائٽ، دوست احباب ۽ ڪانڌي واپس ٿيا ته فاتحه جي دعا گهري وئي. نارائڻ قبر وٽ بيهي درد وارا ڪلام چيا. هرڪنهن جي اکين



books.sindhsalamat.com

مان لڙڪ لارون ڪري ڳلن تان هيٺ ڪرندا رهيا. نيٺ واپس تڏي تي پهتاسين. ان موقعي تي ڀٽائيءَ جا هي شعر ذهن تي تري اچي رهيا هئا:

ساٿي نه پسان سي جي هٺم هيئين ٿوٽيون
هاٽي ڪنهين جي، وڃئو اڱڻ ابهان.

پٿر تي جيڪو آيو ٿي تنهن کي اعتبار ئي نه پئي آيو ته ڪو مٺو مهيري گذاري ويو آهي. هرڪو مٺي جون ڳالهيون ڪري سندس ڪل ڀوڳ ۾ مذاق کي ياد ڪري چوي ته مٺو جيئرو آهي. پر رب جي خلقيل هر ساهه واري کي موت جو ذائقو چکڻ وارو ڪيل واعدو پاڙڻو آهي ۾ مٺي مهيري جي روح پڻ رب سان ڪيل پنهنجو واعدو پاڙيو ۽ هو حقيقي دنيا ڏانهن روانو ٿي ويو. باقي هو پنهنجي يادن، هنر ۽ فن جي صورت ۾ جڻ ته هميشه لاءِ زنده آهي. ڀٽائيءَ جي شعر موجب:

جيئڻ جت ڏارا، معذور جو مس ٿئي
چانگن سر چڙهي ويا، ساٿي سوارا
اکيون اوتارا، پسيو رئن پنهونءَ کي.



sindhsalamat.com

# ساٿي نہ پسان سي!



مرتضيٰ منو مهيري

ڪوٽڙي ٻئراج جا واهہ نہ کوٽيا هئا، تڏهن بہ هتي انگريز دؤر جا جاگيردار رهندا هئا جن کي جاگيرون الاٽ ٿيل هيون. گوني ڪئنال نہ نهيو هو. ان کان اڳ هتي پراٽو گاج واهہ وهندو هو جنهن مان پيڏا وهندا هئا. هڪ پيڏو اولهہ کان اپرندي (هاٽوڪي دبي ريگيوليٽر کان ڏکڻ ) پاسي وهندو هو جنهن جا نشان اڄ بہ موجود آهن. انهيءَ پيڏي تي نارن ۽ هرلن ذريعي پاڻي انهن جاگيردارن جي زمينن ۾ ايندو هو. اتي جا وڏا جاگيردار سمان، داسڙا، ميان هئا جن جي ذاتين سان اڄ بہ اسان جي يونين ڪائونسل ۾ سمڪي، داسڙڪي ۽ ملڪي نالي سان ديهون آهن. پيڏي ۾ پاڻي ۽ پاسن کان گهاٽا جهنگ هوندا هئا. انهيءَ ڪري مهيري، انن جي چاري خاطر پيڏي جي اتر ۽ ڏکڻ اچي آباد ٿيا پر بااثر جاگيردارن انهن تي ظلم ڪيا. انهن جو مال سروي زمينن تہ ڇا پر سرڪاري زمينن ۾ بہ چارڻ نہ ڏيندا هئا. ڏراڙن کي ماريندا هئا. اهڙن ظلمن کان تنگ ٿي مهيرين انن جي سهولت خاطر سرڪاري زمينون قسطن تي ورتيون. ايوب جي دؤر ۾ ڪوٽڙي ٻئراج مان غلام محمد ٻئراج (گوني) ڪوٽيو ويو تہ مهيري بہ اناج خاطر زمين جا ٽڪرا آباد ڪرڻ لڳا ۽ ايئن ئي منهنجي ڏاڏي کي بہ انن جي ڏراڙپ عيوض زمين جو ٽڪرو مليو.

بابا سائين 1955ع ڌاري جنم ورتو. ڪجهہ سمجهہ پريو ٿيو تہ ان وقت برادريءَ جي سرندي وارن جي ڳوٺ ڪيس تعليم پرائڻ لاءِ ڇڏيو ويو



books.sindhsalamat.com

جتي جي ڪتاب خاني ۾ ڳوٺ مان ڪيس ڦڪر (تيار ٿيل ڪاڏو) وٺڻ لاءِ موڪليو ويندو هو، جيڪا ڳالهہ ڪيس نہ وڻندي هئي. انهيءَ سبب تعليم ڇڏي ڏنائين ۽ پنهنجي پيءُ مير خان سان گڏ مال چارڻ لڳو. پوءِ پنهنجي مامي خان محمد جي دڪان تي ڪم ڪندي الف ب جي پٽي پڙهي سکيو. سندس مامو پيپلز پارٽيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ تعلقي گولاڙچيءَ جو پهريون جنرل سيڪريٽري ٿيو پر سگهو ئي پيپلز پارٽي ڇڏي فاضل راهو جي هارين واري جدوجهد ۾ وڃي شامل ٿيو.

بابا سائين بہ وڏيرن، جاگيردارن جي سٽايل قبيلي مان هو، انهي ڪري فاضل جي هارين وارين تحريڪ جو وڃي حصو ٿيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي متحرڪ ڪردار سبب عوامي بيداري واري تحريڪ ۾ پنهنجو الڳ مقام ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. 1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ ضيائي مارشل لا وقت هارين جي هڪ وڏي ڪانفرنس ڪرائڻ جي ڏوهہ ۾ فاضل راهو، پليجو صاحب ۽ سندن ڪيترن ئي ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو. ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ بابا سائين سميت ڇئن ساٿين گل چانگ، حسين بخش ناريجو ۽ ادريس ميراڻيءَ کي بدين جي قاضيہ واهہ موري تي ڦٽڪا هنيا ويا ۽ هڪ هڪ سال قيد جي سزا ملي. انهيءَ قيد و بند دؤران پليجو صاحب کان ڪجهہ وڌيڪ پڙهڻ سکيو. اتي ڪتابن سان دوستي ٿيس، ڪتاب بابا سائين جو نشو ٿي رهيا. مارڪيٽ ۾ ايندڙ هر نئون ڪتاب وٺڻ بابا جو شوق هوندو هو. امر جليل جون ڪهاڻيون پڙهڻ سان برزبان ياد ٿي وينديون هئس. ڪچهريءَ ۾ ويٺي ڪٿي ادب جو موضوع ڇڙيو تہ امر جليل جون سڄيون ڪهاڻيون ٻڌائي ويندو هو. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو اسان جي گهرن ۾ هوندڻ بہ عام استعمال هو. منهنجي ڏاڏيءَ (بابا جي ماءُ) کي بہ شاهہ لطيف جي شاعري گهڻي ياد هئي. شاهہ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪيترائي لفظ نيٽ لاڙي لهجي جا آهن جيڪا ٻولي اڄ بہ اسان جي گهرن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، انهي ڪري بابا کي شاهہ لطيف جي شاعري جڻ تہ ستيءَ ۾



sindhsalamat.com

مليل هئي. بابا سائين قيد و بند ۾ رهي شيخ اياز، ابراهيم منشي، سرويچ سجاوليءَ جا انقلابي گيت ياد ڪري سنگت کي ترنم سان ٻڌائيندو هو. پاڻ اهو ڳائڻ ابراهيم منشيءَ کان متاثر ٿي پوءِ شروع ڪيائون. ابراهيم منشي بہ شهيد فاضل سان گڏ رهي انقلابي شاعري ڪري عوامي هجومن، عوامي پروگرامن ۾ پيو ڳائيندو هو. پورهيتن جا ڏک سور ڏسي ابراهيم منشي نظم لکندو هو تہ:

پاپاٽن جا پار پري ۾، ڪير ٻڌائي پرندا ڪيسين
جوت مٿي هن جيجل جا، هي ڳاڙها ڳوڙها ڳڙندا ڪيسين؟
پورهيتن جو پگهريل پگهريلِ ڏيل ڏسي ٿو ڏيل ڏري،
ڪاسي وارو ماسي مان هي پورهيت پوري ڪيئن ڪري؟
سارو مهينو سٺ روپيا، هو انگ ڍڪي يا پيٽ پري،
ڳالهيون ڳٽيو ڳيرن جون هي ڳٽتين ۾ پيو روز ڳري،
سنڌ امڙ جا سانگيئڙا هي سور پيلا ڇيئو چرندا ڪيسين؟

بابا سائين ۽ ابراهيم منشي اهڙي شاعري ڳائي جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ (ايم آر ڊي) ۾ عوامي ميڙاڪن، جلسن جلوسن ۾ شريڪ ماڻهن ۾ وڏيڪ گرمجوشي پيدا ڪندا هئا. فاضل شهيد ٿيو تہ اهي جدوجهدون بہ ماٺيون ٿيڻ لڳيون تہ بابا سائين بہ اڳتي ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان نہ هليو، پنهنجي دڪاندارين ۽ ڪاروبار کي ٽائم ڏيڻ لڳو. بابا سائينءَ جي سوچ ۾ ڪي اپر ڪلاس، ڪي مڊل ڪلاس نميل ڪو نہ هئا. عيدن برادن تي جتي گهر وارن جا ڪپڙا وغيره آڻيندو هو اتي ٽريڪٽر ڊرائيور هجي يا ڪار جو ڊرائيور سيني لاءِ ڪپڙا آڻيندو هو، هارين لاءِ الڳ ٿاڪيا ايندا هئا. غريبن ۽ بيواهن لاءِ سڀ ڪان پهرين ڪپڙا ايندا هئا. پاهر ڪيڏانهن گهمڻ ويو تہ اسان ٻارن لاءِ جيڪا شيءِ ايندي هئي تہ پائيتن پاٽيجن ڪانسواءِ ڳوٺ جي سمورن ٻارن ۾ بہ اها ئي شيءِ ورهائبي هئي. ٻنيءَ



تي چڪر لڳائڻ ويو تہ پوريان هارين جي ٻارن جا ولر هوندا هئا. پري ڪان ايندي ڏسي چوندا هئا: "منو آوي جو، منو آوي جو" (ڪولهين جي ٻولي ) هڪبئي کي سڏ ڪرڻ لڳندا هئا. رستي تي ڪٿي هاري فيملي سان پنڌ ويندي ملي ويو تہ گاڏي جهلي انهن کي ضرور کڻندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪو هاري ڦڪائيءَ مان چوندو هو تہ نہ مجيري توهان هلو، اسان اچي ويندا سين تہ چوندو: بابا اوهين گاڏيءَ ۾ چڙهي هلو، آئون ٿو پويان اچان. پوءِ مجبورن همراهن کي چڙهڻو پوندو هو. بازار ۾ سبزي وٺندي ڪو گاڏي وارو فرمائش ڪندو هو تہ منا ڪلام ٻڌائي تہ ان جي فرمائش پوري ٿيندي هئي. ڪارخانن ۾ حمالي مزدورن کي ادائي مٽن جي پوري ڪٽندي ڏسندو هو تہ بي اختيار سرويچ جا ٻول زبان تي اچي ويندا هئس:

مزدور ٿيو چُور ڪٽي بار پٽن تي،
انسان ڪٽي بوج، ڪجي جيڪو اُنن تي.

پاڻ بہ پورهيت طبقي مان هو، انهيءَ ڪري انڊيا مان وريو يا آمريڪا مان تہ دبي موريءَ تي پٽيلاٽي ملاحن سان پٽ تي ويهي اچي پتن (تاش) راند ڪيڏندو هو. هنن سان پوڳ چرچا ڪندو هو. 2018ع ۾ جيئن دل جو باءِ پاس ٿيو تہ گهٽو ڪيڏانهن نہ ويندو هو. منجهند جي ماني ڪائي موٽر سائيڪل دبي وڃڻ روز جو معمول هو. بابا بہ تي ڏينهن ڪيڏانهن نڪري ويندو هو تہ همراهہ دبي تان ايندي ويندي پيا پڇائيندا هئا تہ منو آيو يا نہ؟ 31 آڪٽوبر جي اپاڳي شام جڏهن بابا جي وفات جي خبر ٻڌائون تہ سڀ دبي تان پجندا ڳوٺ پهتا هئا، سيني جا نيڻ آلا هئا. هاري ناريءَ جي اک آلي هئي. ان وقت سارين جا لاپارا هلي رهيا هئا، جنهن جت خبر ٻڌي اهي ڏانتا ڦٽا ڪري اوطاق تي پهتا، جتي شام غريبان جو منظر هو.

ساٿي نہ پسان سي، جي هُئم هيئين ٿُوٽيُون،
هاٽي ڪِنين جي، وَڃين اکَڙ اُڀهان.

# تو ۾ ڍيرو دوست جو!



مصطفيٰ اياز مهيري

ڪتاب مٽي جا دوست هئا جن سان ڪيس جنون جي حد تائين عشق هو. هن ڪڏهن مڪتب ۾ نہ پڙهيو، نہ هن ڪنهن اسڪول جو منهن ڏٺو، پوءِ بہ هو ايترو تہ پڙهي ويو جو وقت جا وڏا وڏا ليکڪ بہ لکندي لکندي جڏهن مُنجهي پوندا هئا تہ ڪيس ڪال ڪري پُڇندا هئا تہ هن پيرا کي ڪيئن مڪمل ڪجي؟ خدا ڪيس بلا جو حافظو ڏنو هو. هن جيڪو بہ پڙهيو ۽ جيڪو مواد ڪيس وڻيو سو ڪيس ياد ٿي ويندو هو. شاعري تہ ڪير بہ ياد ڪري سگهي ٿو پر نثر مٽي کي ياد هوندو هو، امر جليل جون طويل ڪهاڻيون، آغا سليم جا ناول، رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي آتم ڪٿا ڪچهري هلندي ٿي هو اهي ٻُڌائڻ شروع ٿي ويندو هو.

هن وٽ ڪتابن جي سليڪشن جو بہ ڏانءُ هو تہ ڪتابن کي سنڀالڻ جو بہ، جنهن جي شروعات هن پنهنجي اوطاق ۾ ڪتابن کي گڏ ڪرڻ کان ڪئي، جتي ڪتابن جو شيلف بہ هو تہ وڊيو لائبرري بہ هئي جنهن ۾ شاهڪار آرٽ موويز جو بہ وڏو تعداد شامل هو. مرزا غالب کان ويندي رُدالي فلم تائين ڪلاسڪ ۽ هسٽوريڪل موويز شامل هيون. جيئن تہ لائبرري اوطاق ۾ هئي سو مهمان نہ رڳو ڪتاب پر وي سي آر جون ڪيسٽون بہ کڻڻ لڳا تہ هن پنهنجي لائبرريءَ کي گهر اندر پنهنجي بيڊ روم ۾ شفٽ ڪيو جتي هاڻ ڪتابن جو تعداد هزارن ۾ آهي. ادب جي مڙني صنفن تي لکيل ڪتاب، تاريخ تي لکيل ڪتاب، شاهہ سائينءَ جي رسالي جا الڳ الڳ ايڊيشن ۽



شاهہ سائينءَ تي محققن پاران ڪيل ريسرچ جا ڪتاب نمايان آهن.

”محبوب سائينءَ جي نالي سان مهيري لائبرري، مئو مهيري“ هو، هر نئين خريد ڪيل ڪتاب تي ايئن لکندو هو ۽ ڪتاب ڪهڙي بڪ اسٽال تان ۽ ڪهڙي تاريخ تي خريد ڪيائين سو خود لکي ڇڏيندو هو، اهو ڄڻ ڪتاب جو انٽري نمبر هجي. هن جي لائبرريءَ جا سمورا ڪتاب ڄڻ هن ڳڻي رکيا هجن. شيلف مان ڪو ڪتاب گم ٿيو تہ ڪيس فورن پتو پئجي ويندو هو تہ فلاڻو ڪتاب گم آهي اسان سندس ڪيترائي ڪتاب وڃائي بہ ڇڏيا جيڪي هن ٻيهر خريد ڪري ساڳي جاءِ تي رکيا. ڪتابن جي حفاظت ڪرڻ هن جو مشغلو هوندو هو، ۽ هر روز ڪتاب پڙهڻ سندس زندگيءَ جي وهنوار ۾ شامل هو. تاريخ جهڙي ڪٺن موضوع تي لکيل ڪتاب هن دلچسپيءَ سان نہ رڳو پڙهيا پر انهن جا حوالا بہ ڪيس ياد هوندا هئا.

سنڌ ۾ نہ رڳو ادبي رسالا (ميگزين) شايع ٿيندا هئا پر عوامي تحريڪ طرفان ٻهرين ماهوار تحريڪ رسالو شايع ٿيندو هو، ان تي بندش لڳي تہ نون نالن سان شايع ٿيڻ لڳو، تنهن جا ڪيئي پرچا، طارق اشرف جي ماهوار سهڻي رسالي کان علاوه عبرت ميگزين جا يادگار ايڊيشن بہ هن وٽ محفوظ هئا. سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي مهراڻ رسالو هجي يا تاج بلوچ طرفان شايع ٿيل سوجهرو هجي، سلسليوار سارنگا سان گڏ هفتيوار سنڌو ميگزين بہ سندس لائبرريءَ ۾ موجود آهن. موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جو ڪتاب بک، عشق ۽ ادب هجي يا لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا هجي؛ انهن ان ڪتابن کان بہ اڳ هن وٽ سرخ انقلاب بابت ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو هو، مصيبت ڪي ماري لوگ، ويتنامي ڪهاڻيون ، ويتنامي شاعري ۽ تڏهوڪا روسي ڪتاب جن جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل هو. ڪتاب تاريخ سنڌ جا ٻئي جلد، انساني تاريخ جا ٻئي جلد، سنڌ ماضي، حال مستقبل، ترخان نامو، تذڪره مشاهير سنڌ ٽئي جلد، سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، تاريخ بلوچستان اردو، نواءِ سروش اردو، شهاب نامہ، محراب اور مضراب، تاريخ



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جهانگيري، غدار ڪون؟ آريا سماج ڪي تاريخ، فيض احمد فيض، احمد فراز، پروين شاڪر جي اردو شاعريءَ جا مڪمل ڪتاب هن نہ رڳو پڙهيا پر ڪيس گهڻي شاعري ياد بہ هئي. مرزا غالب جي شاعري سميت اردو زبان ۾ لکيل ڪتاب بہ سندس لائبرريءَ جي زينت آهن. شيخ اياز جي شاعري ۽ نثر جا سمورا ڪتاب، امر جليل جا ڇپيل ڪل ڪتاب، شاهہ جو رسالو مختلف ڇاپا، الطاف شيخ ۽ عبدالحئي پليجي جا سفرناما، استاد بخاري، ابراهيم منشي، سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ جا ڇپيل ڪتاب بہ هن وٽ محفوظ هئا. اهي ڪتاب جيڪي خود ليکڪن وٽان بہ گم ٿي ويندا هئا تہ مٺي کي فون ڪندا هئا تہ يار منهنجو فلاڻو ڪتاب تہ مون کي ڏي .



# مٺي جون يادون ۽ دلبريون!



ساگر سميجو

مٺي مهيريءَ سان منهنجو تعلق جيل جي ساٿيءَ وارو آهي. ضياءَ جي آمراڻي دور ۾ اسين گرفتار ٿي جيلن ۾ واڙيا وياسين ۽ ان بعد ڦٽڪن جون سزائون ڪائي حيدرآباد جيل موڪليا ويا هئاسين. مٺو مهيري، ڦٽڪا لڳڻ بعد بدين ڪان حيدرآباد سينٽرل جيل آندو ويو، جتي اڳ ئي فاضل راهو، رسول بخش پليجو ۽ اسان جا ٻيا انقلابي سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ وڏي تعداد ۾ جيلن ۾ موجود هئا. جيل ۾ نون قيدين جو پرجوش استقبال ڪيو ويو. جنهن جيل ۾ فاضل راهو، رسول بخش پليجو، حسين بخش ناريجو ۽ ٻيا سينئر ۽ ترقي پسند اڳواڻ موجود هجن ۽ وري اتي مٺي مهيريءَ جهڙو دلبر پڻ موجود هجي تہ اهي جيل، سزا ۽ سختين ۽ خوف واري مرڪز مان تبديل ٿي سياسي تربيتي مرڪز ۾ بدلجي وڃڻ قدرتي ڳالهہ هئي. اسين پنج مهينا ڦاسي گهاٽ ۽ ٻين عقوبت خانن ۾ رهياسين پر جنهن جيل ۾ فاضل راهو، رسول بخش پليجو ۽ ڄام ساقي خوف کي ڀڄائيندڙ اڳواڻ هجن، اتي جيل پنهنجن گهرن ۾ تبديل ٿي ويا، جتي نہ ڪوڙن جو خوف، نہ سزا جو ڊپ ۽ نہ ئي ڪو فڪر ۽ فاقو باقي رهيو، ايئن ٻيا سوچيندا هئاسين تہ جيڪر اتي هميشہ رهيا پيا هجون تہ بهتر ٿيندو. انهن جي موجودگيءَ ۾ ڊپ ۽ خوف پنهنجو وجود وڃائي ويٺو هو.

مٺي مهيريءَ سان جيل ۾ گذاريل ڏينهن يادگار رهيا ۽ جيل مان آزادي ملڻ بعد اسين دنيا جي رش ۾ گم ٿي وياسين ۽ جتي بہ هوندا هئاسين



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ته مٺي مهيري ۽ ٻين دوستن ۽ ساٿين جون يادون اسان سان گڏ هونديون هيون. جيل بعد مٺي سان ملاقاتون تمام گهٽ ۽ سالن بعد ٿينديون هيون. هو اڄ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي پر بيشڪ، مٺي مهيريءَ سان منهنجو تعلق، يادون، سندس ڳالهيون ۽ محبتون وسارڻ جهڙيون ناهن، هو سدائين اسان جي دلين ۽ ذهنن ۾ آباد ۽ سدا سلامت رهندو.



# منهنجو ادا مٺو مهيري



عبدالعلي شيخ

سائين مٺو مهيري، منهنجي وڏي ڀاءُ وانگر منهنجو سرپرست ۽ تمام گهڻو محترم هو. مون راهوڪي ۽ گولاڙچيءَ ۾ سندس سرپرستيءَ ۾ خدمتون انجام ڏنيون، سندس ملازم تي رهيس. مٺي مهيريءَ صاحب مون کي پنهنجو دوست ڪري رکيو ۽ سالن جي پورهئي جي نتيجي ۾ سندس دل ۾ پيدا ٿيل جڳهه جي نتيجي ۾ ڀاءُ مٺي مهيريءَ مون کي پنهنجو پارٽنر يا ڪاروبار ۾ حصيدار بڻايو. ساٽس گڏجي رائس مل، اٽي جي چڪي، زمينداري، واپار ۽ ڪاروبار ڪرڻ جو تمام گهڻو موقعو مليو. آخرڪار مٺي مهيريءَ جي سرپرستي ۽ خدمت جي نتيجي ۾ اڄ آئون هن ئي تر ۾ پنهنجو ڪاروبار ۽ ڪجهه ايڪڙن جي زمينداري ڪري ڀاءُ مٺي مهيريءَ جي احسانن ۽ ڏيکاريل رستي تي هلي ڪامياب آهيان. سندس ۽ خاندان لاءِ تمام گهڻو دعاڳو آهيان، جنهن اڄ سندن اعتبار ۽ اعتماد جي ان مقام تي پهچايو آهي جو پنهنجي خاندان سان گڏ سندس تر ۾ خوشحال زندگي گذاري رهيو آهيان

منهنجو وڏو ۽ سرپرست ادا مٺو مهيري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري، ابدي جاءِ رب جي دربار ۾ وڃي چڪو آهي ۽ آئون ۽ منهنجو سمورو خاندان ادا مٺي مهيريءَ جي روح ۽ سندس مغفرت لاء دعاڳو آهيون ۽ سندس خاندان ۽ وارثن لاءِ سندس وڇوڙي جو نقصان همت ۽ حوصلي سان برداشت ڪرڻ لاء دعاڳو آهيون.



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com



# منو مهيري انقلابي ڪردار!

امير آزاد پنهور

منو مهيري سنڌ جي ان ڪُنل قبيلي جو فرد هو، جيڪي هن سرائيڪي جي سٽ تي يقين رکندا هئا ته ”ساڪون نچ ڪي يار مناوڻ ڏي...“ مني جو تعلق خلق جي ان اڪثريت سان هو جن وٽ پنڌ جي ابتدا ۾ وڃائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي هوندو ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪائنات جو حسين وسعتون هونديون آهن. هي جيڪو لاڙ ڏسو ٿا، هي جيڪو بدين آهي، جتي ڪو به لٽ سردار ڪونهي، جتي ڪا به جاگيرداري سوچ ڪامياب ڪونه ٿي وڃي، اهو سڀ هنن ديوانن جي پنڌ ۽ پيغام جو نتيجو آهي. منو مهيري شهيد فاضل راهو جي قافلي جو آرٽسٽ ڪارڪن هو، جيڪو ڄاڻندو هو ته هن غلام سماج جي ستل ماڻهن کي ڪيئن ريجهائڻو، سمجهائڻو ۽ جاڳائڻو آهي؟ پوءِ ان لاءِ ڪڏهن فنڪار بڻجي پوندو هو ته ڪڏهن مزاح نگار، ڪڏهن لطيف جي بيتن جي سمجهاڻيءَ سان وقت جي جابر حڪمرانن سان مقابلي جا سبق سمجهائيندو هو، ته ڪڏهن منشيءَ جا مزاحمت سان ڀرپور گيت آلاپي ماڻهن ۾ وطن سان محبت جا مچ ٻارڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

مني جي سياسي تحرڪ جي عروج جو زمانو ايم آر ڊيءَ جو دور هو، جنهن تحريڪ ۾ هنن اهڙي ته دلڪشي پيدا ڪئي جو بقول مني جي: ڪيترائي ساٿي جدوجهد جي مقصد کان بي خبر ۽ نتيجن کان بي پرواهه هوندي به قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار هوندا هئا. منو ٿي ٻڌائيندو هو ته جڏهن ملٽري ڪورٽن ۾ پڇاڻو ٿيندو هو ته جمهوريت ڇا آهي ته ڪيترائي ساٿي ان لفظ جي معنيٰ کان بي خبر هوندي به ڏاڍ ڏمر کان نفرت سبب سالن جا سال سزائون ڪاٽڻ لاءِ تيار هوندا هئا. ان ئي جدوجهد جو تيار ڪيل منو مهيري جيڪو مارشل لا جي هٿان ڪلندي ڪلندي پنهنجي پنيءَ تي سرعام ڦٽڪا کائي آيو هو، هي اها جدوجهد هئي جنهن ۾ شهيد فاضل جو ساٿي ڪو به سرمائيدار، ٺيڪيدار ۽ منشيات فروش نه پر ڪپڙ چانگ ۽ امين خاناٽي پارا ماڻهو هئا جن جي يونين آفيس ڪنهن ڄار جي وڻ هيٺان يا ڪنهن ٻير جي ڇانوَ ۾ هوندي هئي.

خير اهو دور ختم ٿيو، مزاحمت مفاهمت ۾ تبديل ٿي وئي ۽ مني مهيري اڇي پنهنجو ڳوٺ سنڀاليو ۽ ڪتابن سان ياري رکي. منو جڏهن ان جدوجهدن جا قصا ٻڌائيندو هو ته شهيد فاضل راهو مون کي هڪ ديو مالائي ڪردار محسوس ٿيندو هو. ڳوناٺي ۽ پاڙيسري هجڻ ڪري مون کي مني مهيريءَ سان ڪچهرين ڪرڻ ۽ ڪائنس سکڻ جا تمام گهڻا موقعا مليا. جڏهن هو عملي سياست جو حصو نه رهيو تڏهن به هن جي سنڌ پرستيءَ ۾ ڪو فرق نه آيو، اهو ئي سبب هو ته سنڌ جو ڪو به قومپرست اڳواڻ ڪڙئي طرف ايندو هو ته مني مهيريءَ سان ضرور ملاقات ٿيندي هئس، باقي ادبي دنيا ۾ ته هن پنهنجي الڳ چئوياري ٺاهي ورتي هئي. منو پنهنجي مزاج ۾ باذوق ۽ ادب دوست ڪردار هو. ماما جمن دربدر ڪان وٺي مني مهيريءَ تائين اهڙا ڪوڙ ڪردار آهن جيڪي سنڌ جا چارڻ بڻجي چنگ ڪٽي سُر ۾ صدائون ڏيندا رهندا هئا. منو بهترين اسٽيج سيڪريٽري هو. هن جو جلسي تي مڪمل ضابطو هوندو هو، هن جي آواز ۾ ڇا ته سوز هوندو هو ۽ شاعريءَ جي چونڊ ٻي انتها شاناٺي هوندي هئس، باقي هن جي مزاح جي حس ته ڪمال هئي جيڪا هر محفل ۾ ماڻهن کي هن ڏانهن ڇڪي ايندي هئي. سنڌ ۾ اينٽي ون يونٽ تحريڪ هڪڙا ڪردار پيدا ڪيا، ان ڪانپوءِ 70 ۽ 80 جي ڏهاڪن هڪڙا مڪمل طور تي تربيت يافته قومي ڪارڪنن جا جٿا پيدا ڪيا. هاڻ اسان کي انهن جي جدوجهدن جي مثبت پاسن کي گڏ ڪٽي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان جدوجهد جاري رکڻي آهي.


books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# دبيءَ جو دادلو



ڊاڪٽر خليل قاضي

ڪڙيو گهنور ويجهو گوني واهه تي دبي ريگيوليٽر آهي. اڏ صدي اڳ ڪان گونيءَ جي ٽاپ ٽنڊو محمدخان ۽ حيدرآباد سواري لاءِ استعمال ٿيندي هئي. دبي ريگيوليٽر ۽ اتي عارف پنجابيءَ جي هوٽل شهيد فاضل راهو جو اسٽاپ اوور هئا- اتي گهڻو ڪري هر هفتي سج لٿي ڪانپوءِ مقامي يا ڪي مهمان فنڪار سنگيت جي محفل ڪندا هئا- دبي ريگيوليٽر لڳ چاڪر مهيري ڳوٺ سان شهيد فاضل راهو جو ويجهو تعلق هو. ان ڳوٺ جو هڪ چوڪر به انهن محفلن ۾ جيئن فنڪار ڳائين انهن جي طرز پنيان ڪلام جهونگاري پڪا ڪندو هو ۽ پوءِ فنڪارن جي ڪوٽ ٽوٽ ۾ ڪجهو پڪو محفل ۾ ڳائي به وٺندو هو- اهو اوڻويهه سؤ سٺ جي ڏهاڪي جو دور آهي. شهيد فاضل جو ماڻهن جي ڪمن ڪارين سانگي ٽنڊي محمد خان ۽ حيدرآباد چڪر پيو لڳندو هو. واپسيءَ تي دبي ريگيوليٽر تي سنگيت جي محفل هلندي هوندي ته ڪجهه وقت فنڪارن سان ويهي به رهندو هو- سنگيت جي محفل ۾ ڪچي جوانيءَ جو اهو نوجوان هن جي جوهري اک جهتي ورتو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن صبح جو حيدرآباد وڃڻ لاءِ شهيد فاضل دبي تي آيو ته اهو نوجوان ڪيس ڏسي هميشه وانگر ملڻ لاءِ اڳتي وڌي آيو. هن پيري شهيد فاضل چيس، مون سان حيدرآباد هلندين! شام جو واپس موٽي ايندا سين- هو هامي ڀري شهيد سان گڏجي ويو. انهيءَ هڪ ڏينهن جي هم سفري سنڌس ڪا اهڙي ڪايا پلٽي جو ساري ڄمار هن جي روح جو مرڪز


books.sindhsalamat.com

شهيد فاضل راهو رهيو. اهو چاڪر مهيري ڳوٺ جو مٺو مهيري هو جنهن شهيد فاضل راهو جي صحبت ۾ نڪور جذبن سان ٽمٽار عوامي تحريڪ جو هڪ ڀاهمت، بهادر انقلابي بڻجي سنڌ جي قومي عوامي ۽ جمهوري جدوجهدن ۾ پاڻ ملهايو.

آڪٽوبر 1979 جي راهوڪي هاري ڪانفرنس کان پوءِ مچريل ضيائي مارشل لا جي فوجي ڪورٽ هن ۽ ڪجهه ٻين ساٿين کي قيد ۽ سرعام ڦٽڪن جي سزا ڏني ۽ ڦٽڪن لڳڻ جو وقت آيو جنهن ۾ هن جو نمبر پويان هو پر هن اڳيان اڳرو ٿي چيو: پهرين مون کي ڦٽڪا هڻو. ڦٽڪن ڪانپوءِ سيني ساٿين کي سڄو ڏينهن ٻک اڃ ماري رات جو اڍائي وڳي سينٽرل جيل پڄاياءون ته اتي شهيد فاضل کي سندن انتظار ۾ پريشان ڏٺائون هن به رات جي ماني نه کاڌي هئي ۽ ڪجهو راشن گهرائي رکيو هئائين. هنن جي اچڻ ڪانپوءِ شهيد فاضل پاڻ ماني تاهي جيڪا گڏجي کاڌائون. آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هو ايم آر ڊي تحريڪ ۾ به جيل ويو. جيتوڻيڪ هو پارٽيءَ جي سيني پروگرامن ۽ جدوجهدن ۾ اڳڀرو رهيو پر انهيءَ ۾ ڪوبه وڏاءُ ڪونهي ته هن لاءِ پارٽي ۽ سڀڪجهه صرف شهيد فاضل راهو هو. مٺي مهيريءَ کي رڳو شهيد فاضل جو ساٿي چوڻ به ناڪافي ٿيندو، مٺي مهيريءَ سان شهيد جو پيار ۽ ذاتي اعتماد جو رشتو هو. هن مٺي تي ڏکيون آزمائشن جهڙيون ذميواريون رکيون. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي ڪانپوءِ جنرل ضيا جي فوجي حڪومت ۽ انتظاميه پريسن جي نگراني سخت ڪري ڇڏي هئي- حيدرآباد ۾ پارٽيءَ جي سردار پريس تي ڪجهه اهڙو مواد پيل هو جنهن لاءِ پليجو صاحب تمام گهڻو فڪرمند هو ۽ پنهجي مخصوص انداز ۾ شهيد فاضل راهو کي چيائين ته اهو مواد ڪڍي ڇڏڻ ضروري آهي، جيڪڏهن هنن کي هٿ چڙهي ويو ته سمجهو پاڻ وياسين- شهيد فاضل ان ڪم لاءِ مٺي مهيريءَ تي اعتماد ڪيو ۽ هو وڏي حرفت سان اهڙو سڀ سامان حفاظت سان ٻاهر ڪڍي آيو. اهڙا ڪيترائي واقعا آهن جو


sindhsalamat.com

ڏکين ۽ خطري جهڙن حالتن ۾ رسڪ کڻي مٺي پاڻ ملهايو. شهيد فاضل ڪيڏانهن ويندو هو تہ اڪثر مٺي کي پاڻ سان گڏ کڻندو هو. هن جي قومي گيتن جي گونجار هلندي خبر ئي نہ پوندي هئي جو سفر ڪٽائي ڇڏيندي هئي- شهيد فاضل کي مٺي جا ڳايل گيت ايڏو تہ وڻندا هئا جو پاڻ جڏهن مچ جيل ۾ هو تہ اسماعيل راهو کي لکيل هڪ خط ۾ مٺي جي ڪيسيٽ موڪلڻ لاء چيائين. مٺي مهيريءَ کي هڪ خط ۾ لکيائين تہ، ”تنهنجي ڪيسٽ راڄن کي ٻڌائجي ته چڱو.“ فاضل صاحب جون ساروڻيون ساريندي مٺي ٻڌايو هو تہ، هڪڙي ڀيري فاضل صاحب سان گڏ هجان. سڪرنڊ کان مٽان موٽيا هئاسين. واٽ تي سعيد آباد ۾ فاضل صاحب پنهنجي هڪ دوست وٽ هليو. انهي سندس ڏاڍي عزت ۽ خدمت ڪئي. اتان ماني کائي نڪتاسين تہ فاضل صاحب گاڏي هڪڙي پمپ تي جهلي. مون کي چيائين ڪيسي ۾ گهڻا پئسا اٿئي! ڪيسي ۾ هٿ وجهي پنهنجا پئسا بہ ڪڍيائين ۽ چيائين هاڻي ڪم ٿي ويو. حيدرآباد پڄي وينداسين. هن گاڏيءَ ۾ تيل پرايو ۽ اسين اڳتي هلياسين. فاضل کي واٽ ۾ مون چيو پئسا ڪونہ هئا تہ تو واري انهي وڏيري دوست کان اڌارا وٺين ها، جي مون وارا پئسا نہ هجن تہ رستي ۾ جهليا پيا هجون ها- شهيد چيو: حيدرآباد تہ پاڻ رسي وڃون ها پر وڏن ماڻهن کان وٺون تنهن کان پاڻ جهڙن کان وٺون تہ اهو سٺو آهي.

مٺي وٽ سدائين فاضل پچار هوندي هئي. ڪچهري ڪهڙي بہ هجي، هو رکي رکي لطيف، اياز، منشي، سرويچ، اداسي ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام ۽ گيت ڳائڻ شروع ٿي ويندو هو- شهيد فاضل تي چيل گيت ڳائيندي هن جو آواز الهامي ٿي پوندو هو. مٺو شهيد فاضل راهو جي ورسيءَ جي پروگرامن جي جان هو. لڳندو هو تہ هو ڄائو ئي ان اسٽيج لاءِ هو. ڪجهہ بہ چوڻ لاءِ ڪيس ڪنهن کان پڇڻ جي ضرورت نہ هوندي هئي، پنهنجي من جو بادشاھ هو، سنجيده پروگرامن کي بامعنيٰ چرچي ڀوڳ سان ڪجهہ دير لاءِ ڪلائي ڪچهريءَ جهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيندو هو.

مٺو شروع ۾ اڻ پڙهيو هو- شهيد فاضل جمن ترڪ تي ڪم رکيو تہ هن کي پڙهاءِ. پوءِ مٺي جي پڙهڻ سان اهڙي لنؤن لڳي جو شاعري، ادب، تاريخ، سياست ۽ انقلابن جا ڪتاب پڙهي اڪابر ٿيو. پڙهڻ جي انهيءَ ذوق، سريلي آواز جي قدرتي ڏات ۽ سندي نالي جهڙي مٺي مزاج جي هيڪار ڏيهہ کان پرڏيهہ تائين پکڙي ڪيس سنڌ هند ۽ پرڏيهہ جي ناميارن ادبي ۽ ثقافتي شخصيتن ۽ سگهڙن جو دل گهريو دوست بنايو.

ڪتابن سان سندس عشق هن جي ڳوٺ چاڪر مهيريءَ کي هڪ خوبصورت ادبي ۽ علمي لائبريريءَ جو تحفو ڏنو آهي. مٺو مهيري ان ڪري ئي جڳ مٺو هو، جو هو ”مون“ کان مٿي چڙهيل هو. هن ۾ ڪوبہ ٺاھ ٺوھ، وڏائي ۽ مصنوعيت نہ هئي. دبيءَ جو هي دادلو انيڪ خوبين ۽ صلاحيتن جو ڏٽي هو، جنهن پنهنجي دور جو سياسي ۽ سماجي ڪارج بي لوث ٿي ملهايو. لاڙ پٽ جو هي سگهڙ، عوامي سياست، ادب، سماجي ڪردار ۽ پنهنجي شخصيت جي خوبصورتيءَ سان هميشہ ياد رهندو.

# مٺي ۾
# فاضل ۽ منشيءَ جي خوشبوءِ!



طارق ابراهيم منشي

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجھ، اچي بوءِ بهارجي.
-
ڪي ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا...

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجھ اچي بوءِ بهارجي... هن سٽ ۾ شاعر تخليقي اقليت جو ذڪر ڪيو آهي، هيءَ اها تخليقي اقليت آهي جنهن جون حياتيون هميشہ پنڌ ڪندي سفر ۾ گذريون آهن. هنن هميشہ انسانيت جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ ڪڏهن بہ ان جدوجهد کان تنگ نہ ٿيا ۽ ڪڏهن بہ سک نہ ستا. هميشہ انسانيت جي ڀلي ۽ بهتريءَ وارو اوسيئڙو ۽ اندر جي اڻ تڻ وارو سفر جاري ۽ ساري رکيو، جنهن جي نشاندهي لطيف سائين هن طرح ڪئي:

ڪرڪٽا لاهي، سک نہ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

منهنجو پيارو، منهنجو وڏو ۽ منهنجو پياءُ منو مهيري بہ لطيف سائينءَ جي سرڪاهوڙيءَ جو اهو ڪاهوڙي ڪردار رهيو آهي جنهن کي سنڌ ڌرتيءَ جي ڏٽين جي ڏکن، غمن ۽ دردن جو هميشہ اندر ۾ اُلڪو رهيو ۽ ان


books.sindhsalamat.com

جدوجهد ۾ هن جيل ۽ ڪوڙن جون سختون سٺيون، بقول منشيءَ جي:

اسان هر دور جي حاڪم کي، حق جي ڳالهہ چوندا سون
اسان وانگين جي هر ويري وڏيري سان وڙهندا سون.

واقعي منو مهيري وقت جي جابر حاڪم اڳيان هر موڙ تي حق جو جملو چوندو رهيو ۽ وطن جي هر ويريءَ سان اڪ اڪ ۾ ملائي وڙهندو رهيو. ان لاءِ منو مهيري شهيد فاضل ۽ منشيءَ جي صحبت سان فيضياب رهيو، جن پنهنجون حياتيون هن ڌرتي ۽ ان جي ڏٽين لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون، جنهن جي ڪري مٺي مان بہ هميشہ شهيد فاضل ۽ منشي واري خوشبوءِ ايندي رهندي هئي. جيئن چوندا آهن هر گل جي خوشبوءِ پنهنجي هوندي آهي، اهڙي طرح مٺي مهيريءَ جي خوشبوءِ بہ تمام نرالي هئي ، هر محفل مٺي ڪانسواءِ اڻ پوري هئي. سموري سنڌ ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ محفلن ۽ ڪچهرين جو مور منو مهيري آهي. اهو ماڻهو اڄ اسان کان وڇڙي ويو ۽ پنهنجون يادون هميشہ لاءِ اسان جي دلين ۾ ڇڏي ويو.

ڏيئي موت کي مات منشي مئاسون،
مگر نئين نسل کي اجاري وياسون!


sindhsalamat.com

# متي مهيريءَ جا ڪالم ۽
# مضمون

کارو تنين کي، جيڪس وَهہ وري ويو

# سچي سنڌ چڻ تہ ڪاري جي اٿل ۾ غرق ٿي وئي آهي

سچي دنيا ۾ هنگامي حالتون، هڪ نئين قسم جي ادب کي تخليق ڪنديون آهن، جنهن کي بحرانن جو ادب (Literature of Crises) چيو ويندو آهي. سنڌ جي ساحلن تي آيل سامونڊي طوفان ڪانپوءِ اهڙو ادب سرجڻ لڳو آهي. علامتي انداز ۾ لکيل هيءَ ڪهاڻي بہ ان ادب جو حصو ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ هڪ بي حسي طرف نشاندهي ٿيل آهي.

هي راتوڪو آيل سامونڊي طوفان ۽ ان جي آندل تباهي، سامونڊي لهرن تي ترندڙ بي ڪفن لاشن کي ڏسي اندر تڙپي ٿو. بکايل ٻارن جون رڙيون، بيمارن ۽ زخمين جي هاءِ گهوڙا ٻڌي اندر ۾ وڍ ٿا پونس. هو قومي ڪارڪن آهي. سنڌ جي گهڻو ڪري سڀني پارٽين ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. هو سوچي ٿو تہ ڇو نہ ڪراچي وڃي پنهنجي تڪ جي ميمبر کي، ماڻهن تي گذريل هن قيامت کان آگاهہ ڪريان. ان ڪري هو ڪراچيءَ جي بس ۾ سوار ٿئي ٿو. گذريءَ ۾ سائينءَ جي شاهي بنگلي تي پهچي ٿو تہ نوڪر کي چوي ٿو: سائين سان ملڻو آهي. نوڪر وراڻي ٿو تہ سائين جن هن ٽائيم تي آرام ۾ آهي...

ها پر مون کي هن سان ضروري ڪم آهي.

ها توهان کي ضروري ڪم هوندو پر سائين رات جو محفل مان دير سان آيو آهي تنهن ڪري آئون ڪيس اٿاري نٿو سگهان. اڙي اوهان کي چا آهي



ڪامريڊ!

سائينءَ جي نوڪر کي ڪاوڙ ۾ چوي ٿو تہ:

ڪراچيءَ ۾ حرام جا ٽڪر ڪائي پاڏا ٿي پيا آهيو. اوهان کي ڪو احساس ڪونهي تہ ماڻهن تي ڪيڏيون نہ قيامتون گذري ويون آهن. هن ڏکي ويل ۾ جيڪڏهن سائين جن ماڻهن جي پرگهور نہ لڌي تہ ڪير لهندو؟ اسين ورڪر تہ ٻيءِ ويل ۾ آهيون. اليڪشن ۾ بغل وڄائي، ڪڳيون هڻي اسٽيج تي ماڻهن آڏو چئون ٿا تہ سائين آڏي مانجهي هر ڏک سک ۾ اوهان سان گڏ هوندو. هن وقت جڏهن عوام موت جي منهن ۾ آهي تہ سائين جن ڏينهن جو ٽِين وڳي بہ آرام ۾ آهن!

ڪامريڊ سوچي ٿو تہ هي وڏيرا صرف اليڪشني وڏيرا آهن، ان لاءِ ڪامريڊ پنهنجي پراڻي سنگت پورهيت ۽ هاري انقلاب جي اڳواڻ يا ترقي پسند ۽ قوم پرست اڳواڻن ڏانهن وڃڻ جو سوچي ٿو، جيڪي هن جي خيال ۾ سچا هڏ ڏوکي ۽ خيرخواهہ آهن. تنهن ڪري هو سپرهاءِ وي ڪان حيدرآباد ڏانهن رخ ڪري ٿو ۽ سڌو عوامي هائوس تي پهچي ٿو. عوامي هائوس جي مين گيٽ تي مائوڪيپ پاتل نوجوان ڪلهي ۾ رائيفل لڙڪائي وينو آهي. ڪامريڊ کيس چوي ٿو تہ صاحب سان ملڻو آهي. نوجوان ٻڌايس تہ صاحب هن وقت ڪنهن اهم مسئلي تي ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي. ڪامريڊ سوچي ٿو تہ شايد طوفان ۾ ڦاٿل ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاريءَ لاءِ اجلاس ڪوٺايو ويو هجي. پر تنهن هوندي بہ سوچي ٿو تہ ڪهڙي اهم مسئلي تي اجلاس هلي رهيو آهي. نوجوان وراڻي ٿو تہ هاري تحريڪ جا سچي سنڌ مان ڪارڪن آيل آهن جن کي ان ڪري سڏايو ويو آهي تہ ڊپٽي اسپيڪر جلال محمود شاهہ جي خلاف هلندڙ بک هڙتال کي ڪيئن تيز ڪجي. ڪامريڊ اصرار ٿو ڪري تہ صاحب کي ٻڌائي تہ ڪامريڊ امين روپا ماڙيءَ کان آيو آهي ۽ رهبر شهيد فاضل جو ساٿي آهي ۽ توهان سان ضروري ملڻ چاهي ٿو... نوجوان محافظ وراڻي ٿو تہ تون هن

پارٽيءَ ۾ رهيو آهين تہ توکي پارٽيءَ جي هر قانون ۽ قاعدن جي ڄاڻ هوندي تہ ڊسيپلين جي خلاف ورزي ڪري پارٽيءَ جا ضابطا ناهن ٽوڙڻا!

ڪامريڊ مايوس ٿي قوم پرست هائوس ڏي رخ ڪري ٿو ۽ قوم پرست هائوس کي تالو لڳل ڏسي ترقي پسند هائوس ڏي رخ ڪري ٿو. واڌو واهہ جي ڪپ تان ترقي پسند هائوس ڏانهن ويندي پيٽين تي سنڌ جي آزادي ۽ ڇوٽڪاري لاءِ لکيل دل فريب نعرا پڙهندي سندس دل ۾ اميدن جا خيال ڪر موڙي اٿن ٿا. هو سوچي ٿو تہ مون کي پهرين هن طرف وڃڻ گهربو هو. هِن کي ياد پوي ٿو تہ ڪجهہ عرصو اڳ بدين شهر ۾ پارٽيءَ طرفان ڪوٺايل جلسي ۾ تقرير ڪندي پارٽيءَ جي سربراهہ چيو هو تہ اسان کي قسم آهي شهيد دودي سومري جي ڪفن جو، اسان جيسين تائين سنڌي ماڻهن جا ڪسيل حق واپس نہ وٺنداسين تيسين تائين سک جي ننڊ نہ ڪنداسين. اهو پور پچائيندي ترقي پسند هائوس تي پهچي وڃي ٿو. گيٽ تي ويٺل ڪاون واري سنڌي ٽوپي پاتل نوجوان جنهن جي ٽوپيءَ تي سنڌ جي نقشي جو پرنٽ پريل آهي، ان سان مخاطب ٿي ڪيس چوي ٿو: مون کي پارٽي اڳواڻ سان ملڻو آهي. نوجوان وراڻي ٿو: صاحب مصروف آهي. ڪامريڊ چوي ٿو تہ آئون روپا ماڙيءَ کان هليو آهيان، مون کي ليڊر صاحب سان لاڙ ۾ آيل ساموندي تباهيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻو آهي. لاڙ جا ڪيترائي ماڻهو قدرتي آفت اچڻ جي ڪري مري ويا آهن ۽ ڪيترائي لاپتا آهن ۽ گهر ۽ اجها لڙهي ويا آهن. جيڪي وڻجارا ڪارو ڪيڙي مٺي ڏي موٽندا هئا، اهي وچ سمنڊ جي خوني لهرن جي ور چڙهي ويا آهن. لطيف سائينءَ جي ساموندين لاءِ چيل هن بيت کي جڻ تہ نظر لڳي وئي آهي جنهن ۾ سائين فرمايو آهي تہ،

ڪاري ڪيڙائو، مٿي مٺي موٽيا
ساموندي سائو، لنڪا لوپي آيا !
(شاھ)

هيل ساموندي نہ موٽيا آهن. سمنڊ جي بي رحم لهرن جيئرن سان گڏ شهيد دودي سومري جي مزار کي بہ لوڙهي ڇڏيو آهي.

گيٽ تي ويٺل نوجوان بيزار ٿيندي چوي ٿو: ڪامريڊ تقرير ڇڏ، متو نہ ڪاءِ، صاحب پونم جي باري ۾ آئين تي ورڪرن کي ليڪچر ڏئي رهيو آهي.

ڪامريڊ ناراض ٿي رڪشا ۾ چڙهي گاڏي ڪاتي چوڪ ۾ اچي ٿو، گاڏي ڪاتي ۾ لڳل ٽينٽ مان لائوڊ اسپيڪر ذريعي اردو زبان ۾ اينڊڙ اعلان سندس ڪن تي پون ٿا. اردو زبان ۾ ڪو اپيل ڪري رهيو آهي:
”سمندري طوفان مين گهري هوئي بي سهارا سنڌي ڀائيون ڪي امداد ڪي لئي دل کول ڪر مدد ڪيجئي.“ ڪامريڊ جو ڪنڌ جهڪي وڃي ٿو. هو اسٽيشن لڳ ڪنهن هنڌ ڪٽولي واري هوٽل ۾ رات گذاري ٻئي ڏينهن بدين جي ڪوسٽر ۾ چڙهي پوي ٿو. ٽنڊو محمد خان اسٽاپ تي ڪوسٽر بيهي ٿي تہ هو اٽڪل ڏهاڪو کن گاڏين جو قافلو بدين ويندي ڏسي ٿو. ان قافلي ۾ کاڌي پيتي جو سامان، دوائون ۽ ڊاڪٽرن جي ٽيم ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار جي اڳواڻيءَ ۾ قافلو متاثره ماڻهن جي امداد لاءِ بدين طرف وڃي رهيو آهي. قافلي ۾ شامل هرهڪ گاڏيءَ پويان بينر تي هي اکر لکيل آهن: ”خدمت خلق فائونڊيشن متحده قومي موومينٽ“ اهو لقاءُ ڏسي ڪامريڊ کي لڳي تہ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين سڄي سنڌ جڻ تہ ڪاري جي زهريلي اٿل ۾ غرق ٿي وئي آهي. ڪو سنڌي اهڙو ڪونہ بچيو آهي جيڪو دولهہ دريا خان، هيمو ڪالاڻي ۽ دودي سومري جي پوئيرن جي لڙهندڙ لاشن کي ڪفن ڏئي قبر پيڙو ڪري! هن جي دل تي لطيف سرڪار جي سر ساموندي جو هي بيت تري اچي ٿو تہ،

اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي
موٽي ماڳ نہ آيا، ماءِ ساموندين سي
ڪارو تينهن کي، جيڪس وهہ وري ويو.

*(روزاني تعمير سنڌ، جمعو 28 مئي 1999 ع)*


books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

سفرنامو

# بدين کان مدين تائين

سير و تفريح ڪرڻ، ڌرتيءَ تي آباد مختلف ماڻهن جون رهڻيون ڪهڻيون، تهذيبون، ثقافتون ڏسڻ انسانذات جي پراڻي تاريخ رهي آهي. اسان ٻہ حال سارو سنگت سان گڏ هر سال ڪنهن ملڪ جي ڪنڊ پاسي نڪري پوندا آهيون. هي سفرنامو سوات وادي ۽ اسڪردو جو گڏيل سفرنامو آهي. هن سفر ۾ ٻيا شريڪ ساٿي محمد موسيٰ جوکيو، رفيق احمد جعفري بدين، ديوان گل ٽنڊو ڄام، 24 ۽ 25 جي وچ واري رات ڪراچيءَ کان اسلام آباد پي آءِ اي جي اڏام ۾ سوار ٿي صبح جو 4 وڳي اسلام آباد هوائي اڏي تي لٿاسين. ساڳي ڏينهن صبح جو 10 وڳي اسلام آباد کان سيدو شريف روانگي هئي. وچ ۾ ڪجھ ڪلاڪ هئا. صلاح ڪئي سين تہ ان وچ ۾ ڪنهن هوٽل ۾ ڪمرو وٺي ڪجھ آرام ڪجي ۽ تڙ پاڻي ڪري روانو ٿجي. ڪميٽي چوڪ راولپنڊيءَ ۾ هوٽل فلاح ۾ ڪمرو ورتوسين. شيو ڪري ڪپڙا مٽائي 9 وڳي ايئر پورٽ تي آياسين، جتان بوئنگ جهاز ۾ اڏامندا 30 منٽن جي اندر سيدو شريف مينگوره جي ايئرپورٽ تي اچي ٽڪاءُ ڪيوسين.

سيدو شريف مينگوره ۾ ايئن آهي جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ ٺٽو مڪلي، سکر کان روهڙي يا حيدرآباد کان لطيف آباد آهن. سيدو شريف پراڻي تاريخي حوالي سان شهر هو، جنهن جو نالو جيئرو رکڻ لاءِ ايئرپورٽ جو نالو سيدو شريف آهي، نہ تہ شهر مينگوره ئي آهي جيڪو سوات واديءَ جو ڊويزنل هيڊڪوارٽر آهي ۽ وڏو واپاري مرڪز پڻ آهي جيئن اسان وٽ حيدرآباد آهي. 500 رپين ۾ ٽويوٽا پڪ اپ ڀاڙي ڪري سوات جي سڀ کان ٿڌي شهر ڪالام آياسين. لاڳيتو سفر ڪرڻ ڪري ڏاڍا ٿڪل هئاسين. هڪ وچولي درجي جي 'هوٽل لاهور' ۾ ڪمرو وٺي ڦان ٿي ڪِري پياسين. ٻہ



ڪلاڪ آرام ڪري اٿي ٻاهر ڏٺوسين تہ مينهن پئي وٺو جنهن ڪري سيءُ ۾ واڌارو اچي ويو هو. برسات بيٺي تہ ٻاهر چڪر ڏيڻ لاءِ نڪتاسين پر ٿڌ ايتري گهڻي هئي جو ٻاهر هلي نہ سگهياسين ۽ واپس پنهنجي وٿاڻ يعني هوٽل تي موٽي آياسين. ڪالام ۾ سنڌي گهڻا مليا. هتي بجلي ڪانہ آهي، هوٽلن ۾ جنريٽر هلائيندا آهن، جيڪي اڪثر رات جو هڪ بجي تائين هلائيندا آهن ۽ وري صبح جو گيزرن ۾ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ هلايا ويندا آهن، ڇاڪاڻ جو هتي پاڻي تمام گهڻو ٿڌو هوندو آهي، جنهن سان بلڪل وهنجي ناهي سگهبو.

جبل تمام وڏا هئڻ ڪري هتي آبادي هيٺ کان مٿي ائين لٽڪيل آهي جڻ ڪنهن انب يا ميويدار وڻ جي ٽارين تي ميوو لٽڪيل هوندو آهي. هيٺاهين کان مٿاهين ويندي جبلن جي چوٽيءَ تائين انساني آباديءَ جا ڇڙوڇڙ گهر نظر ايندا. جبلن جي اندران نڪرندڙ قدرتي پاڻيءَ جا ننڍا ننڍا چشما هتي جي ماڻهن لاءِ غنيمت آهن. پٿر آڏا ڏيئي هلڪي رڪاوٽ سان پاڻي روڪي فصل پوکين، باقي فالتو پاڻي ندين ۾ هيٺ هليو وڃي. هيٺ کان مٿي ڏسبو تہ ننڍڙيون ننڍڙيون ٻاريون جن ۾ مڪئي پوکيل هوندي جيڪا ڪنهن محبوبا جي ڳچيءَ ۾ هار جيان لڳندي جتي ننڍو وڏو چشمو هوندو اتي آدم ذات ضرور نظر ايندي. چوڻ زمين آهي ئي ڪانہ تنهن ڪري هتي جا رهواسي اها اڙانگي ۽ دشوار زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. انسانذات جياپي جي لاءِ جيڪو مشڪل ترين سفر ڪيو آهي سو هتي جي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. لطيف سائين هن پاسي ڪونہ لڙيو هو پر ڪاهوڙي سر ۾ پاڻ جنهن ڏٿ ۽ ڏوٿين جي جفاڪشيءَ جو ذڪر ڪيو اٿن، اهو هتي جي ماڻهن تي صفا فٽ آهي:

جت نہ پڪيءَ پير، تت ٿمڪي ٻاهڙي
پيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري !!



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

کالام جي لاهور هوٽل مان 26 جولاءِ صبح جو ناشتو ڪري هڪ پراڻي ماڊل جي ٽويوٽا ڪرولا ڪار ڊيزل انجڻ جي رحيم نالي ڊرائيور کي ڀاڙي تي ڪري برفاني پهاڙ گليشئر ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. ڊرائيور هوشيار ۽ ذهين هو ۽ پنهنجي پيشي جي لحاظ کان چالاڪ پڻ هو، چوڻ لڳو: سائين اوهان منهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺا تہ اوهان سان کهڙو حساب، مسافرن کي هتان جون خاص جڳهيون ڏيکارڻ، گهمائڻ، خوش ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي. تمام گهاٽن ٻيلن مان هلندي گاڏي اوشو نديءَ جي ڪناري سان هلڻ لڳي. اوشو ندي، سوات نديءَ ۾ اچي ٿي ڇوڙ ڪري. رستي ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا ڳوٺ هئا جن ۾ ڇوڪرا مسجد جي چندي لاءِ لوهي پيٽيون جهلي اڏ ٿيل مسجد ڏانهن اشارو ڪري چندي جي گهر ڪري رهيا هئا. ڪي فروٽ جون ٿيلهيون هٿن ۾ جهلي وڪرو ڪري رهيا هئا. گاڏي اوشو نديءَ ڪان اپرندي پاسي کان روڊ تي هلندي اڳيان پُل اڪري الهندي پاسي مڙي، جتي پل جي ڪراس وٽ ٻہ ٽي هوٽلون هيون جنهن ۾ اوشو هوٽل سٺي هئي. اسان اوشو هوٽل ۾ چانهن پي اڳتي سفر کي جاري رکيو. رستو ڏکيو هو، گهڻي قدر اتي جيپون ٿي هليون. مون رحيم ڊرائيور کي چيو تہ استاد هي روڊ ڪار جي هلڻ جهڙو ناهي تہ ڪاوڙجي پيو، چوڻ لڳو: ”سائين ڪيپي ڪڙا نهين هوگا تو ندي مين گرادونگا.“ مون وڌيڪ بحث نہ ڪيو، سوچيم هن چرئي پٺاڻ سان ڪير مٿو هڻي؟ برف جو گليشئر پهاڙ جيڪو ڇوڏاري پٿرن جي وچ ۾ اندر ئي اندر ڳري اوشو نديءَ ۾ وهي رهيو هو، ڪٿان ڳري برف جو هلڪو پردو وڃي بچيو هئس، جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو پنهنجن ننڍن ٻارن کي ڳريل حصن کان جهلي رهيا هئا تہ متان نديءَ ۾ نہ ڪري پون. ڪيترا نوجوان جوڙا ۽ ٻار هڪٻئي کي برف جا ڳنڍا هڻي انجواءِ ڪري رهيا هئا. مون کي افضل نالي هڪ مهاجر جيڪو لطيف آباد جو رهاڪو ۽ خاصخيلي آئل فيلڊ جيڪا منهنجي ڳوٺ جي پاسي ۾ آهي، اتي آفيسر آهي، فيمليءَ سان گليشئر تي مليو. مون ساڻس روائتي عليڪ سليڪ ڪئي ۽ اسان واپس ڪالام موٽي آياسين. سنگاپور هوٽل ۾ ماني کائي پنهنجي آستاني ’لاهور هوٽل‘ تي آياسين.

هتي برف کي لوهي اوزارن سان ڪٽي پرپاسي جي شهرن لاءِ ٽرڪن ۾ ڪٽي ٿي ويا. مينگوره ۽ ٻين شهرن ۾ هتي جي ٺهيل قدرتي برف ڪتب آندي وڃي ٿي. هي برف هٿرادو ٺهيل ڪارخانن واري برف کان دير سان ڳرندي آهي. رحيم ڊرائيور کي 5 وڳي شام اچڻ لاءِ چيوسين جيئن هتي ڪالام کان ٻاهر ٻهراڙيون ۽ ٻيا هنڌ ڏسي سگهجن. شام 6 وڳي رحيم ڊرائيور آيو. هڪ ڏينهن لاءِ وڊيو واري کي بُڪ ڪيوسين جنهن 800 رپيا ٻن ڏينهن جي سفر جي وڊيو پرڻ جا گهريا، جيڪي اسان مناسب سمجهي ڪيس پاڻ سان گڏ ڪنيو، نالو هئس تاج محمد. اسان ٻهراڙيءَ جي ڪليل ميدانن مان ٿيندا اتروڙ وٽ نديءَ تي اچي چڙهياسون. هيءَ ندي پڻ سوات نديءَ ۾ اچي ٿي گڏجي. رستي ۾ هلر نالي هڪ ڳوٺ ڏاڍو وڻيو، ڇوڏاري ساوڪ ۾ گهيريل هن ڳوٺ ۾ بجلي بہ هئي، جيڪا تيز آبشارن جي پاڻيءَ مان ٿي ٺهي. اڳيان گوڙاڪ پارڪ هو جيڪو اوشو هوٽل جي مالڪ جو ٺهرايل هو. هن پارڪ ۾ ننڍڙو چڙيا گهر پڻ هو جيڪو خاص نہ هو، مڙئي سيلانين کي ڦرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو. هن پارڪ ۾ ٽورا پکي، هڪ ٽن ٽنگن وارو ڪتو، هڪ گهيٽي جهڙو جانور، هڪ ڳجهہ جيڪي پڃرن ۾ بند هئا. گهڻي سردي پوڻ ڪري گهڻا پکي مري ويندا آهن. اتروڙ نديءَ جي ڪناري اڳيان هلي ٿوري ندي ويڪري هئي ۽ جبل ڇڊا هئا جنهن ڪري هن کي اتروڙ ڍنڍ ٿي چيائون. هتي هڪ اڌ هوٽل ۽ ٻہ ننڍيون ڪاٺ جون ٻيڙيون هيون. اسان سنڌ جا ماڻهو جن وٽ ڪينجهر ۽ منڇر جهڙيون جڳ مشهور ڍنڍون هيون، تن کي هن دٻي جهڙي ڍنڍ ۾ ڪو مزو ڪونہ آيو. هن کان سوين ڀيرا وڌيڪ سون جي تعداد ۾ ڍنڍون تہ اسان وٽ رڳو بدين ضلعي ۾ موجود آهن جن تي هزارين ماڻهن جو گذران آهي. مڇيءَ کان علاوه اسان جي ڍنڍن ۾ پن، ڏير بہ جام ٿئي جنهن مان تڏا تئونريون ۽ پکا ٺاهي ماڻهو پنهنجو گذر ڪن.

*(روزاني تعمير سنڌ آچر 22 آگسٽ 1999 ع)*

# اڇو تہ ٿل ڪئنال خلاف گڏجي هڪ ٿيون!

اڄڪلهہ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو سياسي معاملو ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪائڻ لاءِ جدوجهد آهي، جيڪا ڳالهہ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ ۾ آباد سڀني ماڻهن، ذاتين برادرين يا گڏيل سموري قوم جن ۾ اصلوڪا سنڌي يا هاڻوڪا سنڌي چو نہ هجن، سڀني تي جيجل سنڌ جو هڪ جيترو حق آهي تہ هو سنڌ سان نمڪ حلالي جو ثبوت ڏيندي هن تحريڪ ۾ سچي دل سان شامل ٿي ڀرپور ڪردار ادا ڪن. جيڪي بہ سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي پلجن ٿا، سندن ٻچا ٻار سنڌ جو داڻو پاڻي کائين ٿا، سي سڀئي سنڌو نديءَ جا قرضي آهن. انهن سڀني تي فرض آهي تہ، اهي سنڌ جي اصلي باشندن سان گڏجي ٿل ڪئنال جهڙي سنڌ سڪائڻ واري منصوبي خلاف سينا سپر ٿي بيهن، نہ تہ سنڌ منشيءَ جون هي سٽون چوڻ تي مجبور ٿيندي تہ،

"جو سنڌ لئي نٿو لڙي، جو سنڌ لئي نٿو وڙهي،
سو سنڌ کي ڇڏي وڃي، سو سنڌ مان لڏي وڃي."



books.sindhsalamat.com

هاڻي سچ نيزي پانڌ اچي ويو آهي. پنهنجن غدارن سان ليڪا چوڪا ٿيڻا آهن. اهي وڏيرا جن وزارتن جي خسيس چٽڻ ڏينهن جي نوڪرين لاءِ ون يونٽ جهڙن سنڌ دشمن منصوبن تي صحيحون ڪري سڄي سنڌ کي تين وال ڪيو ءِ ڪارن قانونن کي اکيون پوري جائز قرار ڏنو. جنهن ڌرتيءَ تي چالڪا لوٽائي، هيلايا، گندرا، مينڊرا، مهاڻا، منڇرا، ماري، راڻا، ريپاري، رونجها، راهي پوٽا، راهوجا، راهو، راهمان، راهوڪڙا، سمان، سومرا، هالا، هاليپوٽا، نوڙيا، نونڌا، ناهيان، جت، جماري، جاڙيجا ۽ ٻيون انيڪ سنڌي قوم جون ذاتيون آباد هيون، اتي اوپريون ۽ ڌاريون قومون اچي ڌرتيءَ تي بار ٿيون. آرائين، گجر، ملڪ، زيدي ، قريشي، وغيره اهڙيون ذاتيون جيڪي نہ سنڌ ڏنيون نہ ڀڏيون. لطيف سائينءَ جي غيبي نظر اهڙن لاءِ ڏسي چيو هو تہ،

"اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگڻ،
ايندا لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا."
يا
"پاڻوندر پيا جن ڪينجهر ڪٺي ڪِنو ڪيو."

سنڌ جو کائيندي پيئندي جيڪي ماڻهو سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ سنڌي ماڻهن سان گڏجي نٿا هلن تن سان بہ هڪ هڪاڻي ٿيڻ گهرجي. سنڌيءَ ۾ چواڻي آهي تہ" سچ چوندي يار رسي تہ رسڻ ڏينس، ڦٽي ڏيندي وار کُسي تہ کسڻ ڏينس." اجائي مهمان نوازي سنڌ کي سدائين ڳچيءَ ۾ پئي آهي. سنڌ اهڙا بہ مهمان ٽِڪايا آهن جن سنڌ جي حقن تي راتاها هنيا آهن. جن کي سنڌين پناهہ ڏني تن سنڌ جي حقن جي لتاڙ ڪئي آهي. هاڻي اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ مهاجر ڀائرن جي سوچ ۾ تبديلي آئي آهي پر اجا گهڻو اڳتي ڪرڻ جي ضرورت آهي. اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ اجا خليج موجود آهي. اجا شڪ شبها باقي آهن، جيڪي ٻنهي ڌرين کي گڏجي



sindhsalamat.com

دور ڪرڻا پوندا. گهڻي عرصي جون دشمنيون دلين ۾ ويٺل آهن، انهن جي صفائيءَ لاءِ گهڻا جهاڙو گڏ ڪرڻا پوندا، تڏهن وڃي ڳالهہ نهندي. مفاد پرست ۽ سنڌ دشمن قوتن ٻنهي ڌرين کي ايترو تہ ويڙهايو آهي جو ڦوڪي ڦوڪي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. جهڙي طرح سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ وارن هڪٻئي جي ويجهو اچڻ واري ضرورت کي محسوس ڪيو آهي، ساڳئي طرح پنجابي آبادڪار جن وٽ سنڌ جون تمام زرخيز زمينون قبضي ۾ آهن، انهن تي مهاجرن کان بہ وڌيڪ فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو ٿل ڪئنال خلاف سنڌ ۾ هلندڙ جدوجهد ۾ سنڌين سان گڏيل نموني ڀرپور حصو وٺي پنهنجي نمڪ حلاليءَ جو ثبوت ڏين، ڇو تہ چوندا آهن تہ جنهن جو کائجي تنهن جو ڳائجي. پنجابي آبادڪار اهڙا بہ آهن جيڪي اينٽي ٿل ڪاميٽي ۾ شامل آهن پر جيڏي وڏي تعداد ۾ پنجابين وٽ سنڌ ۾ زمينون آهن اوتري تعداد ۾ پنجابي هن تحريڪ ۾ شامل نہ آهي. انهن جي نمائندگي جيڪا اٽي ۾ لوڻ جي برابر آهي، اها وڌڻ گهرجي.

لطيف چيو آهي تہ،

ڇڄ مَ قطاران، ساٿ ڇڙهندو لڪئين
مڃڻ تون پئان، وڳ واٽ نہ لهين.

تنهن ڪري وقت جي تقاضا اها آهي تہ هن وقت سنڌ لاءِ سنڌ جي جياپي جي درياهہ کي بچائڻ لاءِ جدوجهد هلندڙ آهي جنهن ۾ سڀني پارٽين، گروپن، ڏاهن، دانشورن تي ذميواري آهي تہ هو ڇڙوڇڙ، الڳ الڳ پليٽ فارمن تان هلندڙ جدوجهد کي ملائي هڪ ڪن. سنڌ جي بدقسمتي اها رهي آهي تہ، سنڌ ۾ هيستائين جيڪي بہ اتحاد جڙيا آهن سي گهڻو وقت هلي نہ سگهيا آهن. هن وقت بہ ٿل ڪئنال جي مسئلي تي سڀئي ڌريون گڏجي ڪو ملڪ گير اتحاد ناهي نہ سگهيون آهن، جنهن جا سبب گهڻا ئي آهن پر منهنجي نظر ۾ هڪ هي بہ آهي تہ ڪي سنڌ ليول جون پارٽيون هڪٻئي کي


books.sindhsalamat.com

انتهائي دشمنيءَ واري نظر سان ڏسن ٿيون، تنهن ڪري هو ڪنهن بہ پليٽ فارم تي گڏجڻ لاءِ تيار نہ آهن جيڪا ڳالهہ سنڌ جي مفاد کي ڇيهو رسائيندڙ آهي. سڀني سنڌ دوست ڌرين کي گهرجي تہ پنهنجيون پراڻيون تلخيون وساري هڪ نقطي ٿل ڪئنال جي اڏاوت بند ڪرائڻ لاءِ گڏجن تہ سنڌ جي ٻڌيءَ جي سڄي جهان کي خبر پئجي ويندي ۽ ڪوبہ سنڌ دشمن منصوبي لاءِ سوچي بہ ڪونہ سگهندو. باقي اسٽيجن تي رڳو شخصي نمائش ڪري پنهنجين پنهنجين پارٽين جا جهنڊا جهولائي پنهنجي برتري ڏيکارڻ لاءِ ڪم ڪندا رهنداسين تہ پوءِ اصل مقصد جي مومل ماڙي نہ سگهبي. دشمن اسان جي نااتفاقيءَ جو فائدو وٺي پنهنجو ڪم ٽپائي ويندو ۽ اسين پنهنجي ڏاڙهي پٽ ۾ پورا هونداسين.

سنڌ هن وقت جنهن ڏاڪي تي بيٺل آهي، ان ۾ هاڻي ايتري سهپ نہ آهي. هاڻ ٿوري بہ غلطي اسان لاءِ هاڃيڪار ٿيندي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ، سڀيئي ناراضگيون ۽ غلط فهميون وساري هڪ ٿي ۽ هڪ آواز ٿي چوڻو پوندو تہ ٿل ڪئنال نہ گهرجي. سچائيءَ جو مظاهرو ڪندي، ڪوڙ مڪر ڇڏي، صاف دل سان ٻين کي برداشت ڪري وڏ جگريءَ سان هر ننڍي توڙي وڏي پارٽيءَ کي ساڻ کڻي هلڻو پوندو. وڏين پارٽين کي جهنڊا، نعرا ڇڏي ننڍين پارٽين مان احساس محرومي ختم ڪرڻو پوندو. ڪوڙ ۽ سچ کي چٽو ڪرڻو پوندو، نيتون صاف ڪري پيار، محبت، پنهنجائپ سان سينا صاف ڪري جيڪڏهن هلبو تہ منزل آسان ٿي پوندي. پنهنجي مقصد سان سچائي تمام ضروري آهي، نہ تہ بقول شاهہ سائينءَ جي تہ،

ڪوڙيون پڇن ڪيچ، هوت جو نہ پڇي هيڪڙي
جنهنجو پنهونءَ سان پيچ، سا پاڻهي ٿيندي پڌري
(شاهہ)

سنڌ جي هن زندگيءَ ۽ موت جي مسئلي تي چشم پوشي ڪرڻ گناهہ


sindhsalamat.com

آهي، سچي سنڌ کي هن اهم مسئلي تي مِڙي مٺ ٿيڻ جو وقت آهي. رنلن کي پرچائي هڪ قطار ۾ بيهارڻو آهي. سنڌ جي پُٽن توڙي ڌيئرن کي پنهنجو سنڌو درياهہ بچائڻ لاءِ جدوجهد جو ميدان سڏي رهيو آهي. اچو تہ پنهنجي جيجل جي سڏ کي ورنايون. اچو تہ سيئي هڪ آواز تي چئون تہ ”اجا سنڌ گدڙن کانہ کاڌي آهي.“ اچو تہ سيئي گڏجي عهد ڪريون تہ اسان اهي ميريون اکيون ڪيڏي ونداسين جيڪي سنڌ تي کڃنديون. اياز چيو آهي تہ،

اڙي او امارا، مُئي نہ آهي مڪلي
اجا رڃ مان رڙ اچي پئي، اچي پئي،
متان ائين سمجهين مئا مور سارا
آ سار آ سارا، ڪينجهر جا ڪنارا
نہ تڙ تي تماچي نہ گندريءَ گذارا!

*(روزاني تعمير سنڌ، آچر 27 جولاءِ 2003ع)*



# ڏک جهڙي ڳالهہ آڙي...

سنڌ ڌرتي جنهن ۾ شاعريءَ جي آسمان تي ڪيترائي ستارا چمڪندي نظر اچن ٿا. پٽ ڌڻيءَ کان وٺندي شيخ اياز تائين، وچ ۾ سچل سرمست، شاهہ عنايت رضوي، روحل، بيدل بيڪس، خوش خير محمد، رکيل شاهہ ڏسڻ ۾ ايندا. اجا بہ اڳتي هلبو تہ قاضي قادن، شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو، ڀاڳو ڀان بہ پنهنجي پوري آب تاب سان روشن مينارن جيان بيٺل هوندا. اهڙو شاندار ماضي رکندڙ سنڌ اڄ بہ سنڌ نہ ٿي آهي. اڄ بہ هتي بهترين شاعري پڙهي ۽ ٻڌي سگهجي ٿي پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ ڪجهہ گندي ذهنيت رکندڙ شاعرن اهڙي بہ شاعري ڪئي آهي جيڪا اخلاق کان ڪريل شاعريءَ ۾ شمار ٿئي ٿي، جهڙوڪ ”ماستر هاڻ يار منهنجو ڪو نہ ايندو اسڪول، تون روز هٽي ٿو رول،“ ڀيا بہ اهڙا ڪوڙ سارا ڪلام ڪئسٽ ڪمپنين رڪارڊ ڪيا جن تي اخبارن، رسالن ۾ ڪافي سلجهيل ماڻهن تنقيدي ليک لکي احتجاج ڪيو. شمن علي ميرالي ۽ مرحوم جلال چانڊئي ۽ روبينہ حيدريءَ جي ڪلامن تي جهيڙا ٿيا، ماڻهن هٽي هڪٻئي جا مٿي ڦاڙي وڌا. ان کان بہ اڳي جلال چانڊئي ۽ روبينہ حيدريءَ جا مقابلا ڏيکاري گندي ۽ اخلاق کان ڪريل شاعري ڳارائي ويندي هئي، جنهن ۾ ڪجهہ ڏوهہ ڪمپنين وارن جو بہ هو جيڪي ڪاروباري حساب سان اهي شيون ٺاهي مارڪيٽ ۾ آڻيندا هئا پر اسان جو عوام بہ انهن کي پسند ڪندو هو، جنهن ڪري انهن جي حوصلا شڪني بجاءِ حوصلا افزائي ٿيڻ لڳي. چوندا آهن تہ ”تلاءِ ۾ هڪڙي گندي مڇي سموري تلاءِ کي بہ گندو ڪندي آهي“ جي مصداق اخلاق کان وانجهيل اهڙين ڪئي سٽن جي مارڪيٽ ۾ ڀرمار لڳي ويئي. ايتري قدر جو سنڌي



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لکيا پڙهيا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي بدران اردو ۽ پنجابي ڪئسٽون ٻڌڻ لڳا، جنهن تاثر ڪي علي محمد اڏيرائيءَ گهٽي پاڳي توڙيو.

هونئن تہ هن دور ۾ ٻيا شاعر بہ چڱي شاعري ڪرڻ لڳا، جيڪا قابل برداشت هئي، انهن ۾ افضل سولنگي، بلاول اونو چڱا نڪري آيا. مرتضيٰ ڏاڏاهي ٻيلي شاعري ڪئي پر ان جي شاعري گهٽي پاڳي ريڊيو حيدرآباد تي ڳائي ويئي. ڪئسٽ ڪمپنين جي مارڪيٽ نهي انڊيا جي گانن جي چورايل ڌنن تي. ان پڄ ۾ وري بہ علي محمد اڏيرائيءَ جو نالو مٿي ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو عشق جون چوٽون ڪائي پنهنجي دل جو بار شاعريءَ ۾ هلڪو ڪرڻ لڳو. هن جي شاعري جڏهن فوزيا سومرو ڳائي تہ چار چنڊ لڳي ويا. اهڙي طرح علي محمد اڏيرائيءَ جي شاعري ۽ فوزيا سومرو جو آواز هڪٻئي لاءِ لازم و ملزوم ٿي پيا. علي محمد اڏيرائي بہ ڪافي ڪلام انڊيا جي طرزن ۾ لکيا ڇو تہ ڪئسٽ ڪمپنين جي اها ڊمانڊ هئي پر ڪافي ڪلام اهڙا بہ آهن جيڪي ڪنهن گاني يا ٻي ڪلام جون چورايل ڌنون نہ آهن، مثال:

گذري چڪو سارو سال اڙي ڪونہ پڇئي ڪهڙو حال آ
ڏک جهڙي ڳالهہ آ ڙي، ڏک جهڙي ڳالهہ آ.

اهڙا ٻيا بہ ڪلام آهن جيڪي اردو انڊين ڌنن نہ پر نج سنڌي پراڻين ڌنن تي ٺاهيا ويا، مثلن محمد ابراهيم مرحوم جو ڳايل محمد جمن هالي جو هي ڪلام ،"مون تي رک نہ ميار، آئون تہ اصلئون تنهنجو آهيان، مون تي رک نہ ميار" جنهن طرز تي اڏيرائي هي ڪلام لکي فوزيا سومرو کان ڳارايو جيڪو مقبول ٿيو: "ڏک ۾ ڇڏبو نہ آ ڪنهن کي پيارا، پنهنجو بنائي ڏک ۾ ڇڏبو نہ آ." اڏيرائيءَ جي شاعري ۾ ڪافي فني پختگي آهي ۽ ٻي جيڪا خاص ڳالهہ اڏيرائي ۾ آهي سا هيءَ تہ ڪئسٽن جو شاعر هئڻ جي باوجود بہ سندس شاعري ڪٿي بہ اخلاقي حدن کان ڪريل نہ آهي. پاڻ تمام صاف سٿري شاعري ڪري ٿو، جنهن ۾ عشق محبت جون نازڪ مزاجيون ۽ ٻولي بہ



books.sindhsalamat.com

سادي ۽ عوامي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڏيرائيءَ جي شاعريءَ کي سنڌ ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو.

اسان جو معصوم سادڙي ٻوليءَ وارو هي شاعر هن وقت سخت عليل آهي. نَوَ سال اڳ موٽر سائيڪل جي حادثي ۾ سندس ٽنگون ٻانهون ڪم ڇڏي ويون جنهن جي لاءِ هو ٽوٽڪا ڦيٽا ڪرائيندو رهيو يا نيم حڪيمن جي ور چڙهيو جن لطيف سرڪار جي هنن سٽن جيان تہ :

"ڪُنيس ڪويجن تن طبيب نہ گڏيا
ڏيئي ڏنڀ ڏڌن، پاٽان ڏيل ڏڪويو."

(شاهہ)

سو هي همراهہ بہ ڏڪا ڪائي ڪائي نيٺ اچي نسيم ميڊيڪل سينٽر پيڙو ٿيو، جتي سندس ڪرنگهي جو آپريشن ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ هاڻي سندس حالت ڪافي بهتر آهي. غريب مولائي هئڻ ڪري سندس علاج تمام ڏکئي نموني هلندڙ آهي. سندس مائٽن ڊور ڊڳا ڪپائي پنهنجي ذاتي خرچ تي علاج جو بار کنيو آهي. ثقافت کاتي بہ پنهنجي روائتي بي حسيءَ جو مظاهرو ڪندي اڏيرائيءَ جهڙي ٻلوڙ شاعر جي ڪابہ خبر چار نہ لڌي آهي. حميد آخوند صاحب اداڪار لهريءَ جي سار سنڀال نہ لهڻ جي ڪري ثقافت کاتي جي ڪرسيءَ تان هٽايو ويو آهي، ڇو تہ اداڪار لهري سجاڳ قوم سان تعلق رکندڙ هو جنهن جا ڏٽي جاڳي پيا جن آخوند صاحب کي ٽڪيٽ وٺائي ڇڏي پر ان جي جاءِ تي اسان جا سنڌي شاعر نڌڻڪا ٿي راهہ رباني وٺي رهيا آهن. انهن لاءِ ڪوبہ احتجاج ڪونہ ٿو ٿئي. مڙيئي خير جهڙي ڳالهہ آهي. ثقافت کاتي جا ڪامورا پنهنجا پيٽ پيرڻ ۾ پورا آهن. ڪروڙن جي بجيٽ هوندي نہ منشي ابراهيم جو علاج ٿيو، نہ سرويچ سجاوليءَ جي علاج لاءِ پئسا آهن ۽ نہ مجيديءَ لاءِ پئسا هئا. علي محمد اڏيرائي انهيءَ برادري جو آهي، جن لاءِ ثقافت کاتي جا دروازا بند هوندا آهن. ثقافت کاتي جا



sindhsalamat.com

صاحب لوڪ رڳو تعزيتي بيان ڏيئي فرض لاهي ڇڏيندا آهن پر هاڻي گهڻو ٿيو، رڳو سڪڻا بيان نہ پر وقت سر سنڌ جي ذات ڏٺين کي موت جي منهن مان ڪيڻ لاءِ بروقت عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن ڪوبہ شاعر يا فنڪار بنا دوا دارونءَ جي نہ مري. ڇُوٽن ڪتي تہ هرڪو مرندو پر سنڌ جي بي سهارا فنڪارن، شاعرن، اديبن سگهڙن، هنرمندن کي ڏکئي وقت ۾ جنهن مدد جي گهرج هجي سا موقعي تي پڄي سگهي.

هيستائين ثقافت کاتو يا ٻيا ادارا ڪو ٻوتو نہ ٻاري سگهيا آهن، انهن جي غفلتن جي ڪري ڪيترائي مور مري چڪا آهن. تعزيتي ميڙاڪن تي خرچ ڪرڻ ۽ انهن ميڙاڪن ۾ پوڙها اديب وٺي انهن کان تقريرون ڪرائڻ کان بهتر آهي تہ هتي ثقافت کاتي ۾ بيمار فنڪارن، شاعرن جي جيئري مالي سهائتا ڪري انهن جون حياتيون بچايون وڃن. هتي ثقافت کاتي ۽ لينگويج اٿارٽيءَ وارن کي گهرجي تہ نسيم ميڊيڪل سينٽر ۾ پيل هن سهڻي شاعر جي خبر چار وٺن، هن سان ۽ ڊاڪٽرن سان ملي ڪري سندس بهتر علاج لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي سندس حياتي بچائڻ لاءِ هرممڪن تحرڪ وٺن، باقي سيڪريٽري ثقافت جو منشي ابراهيم جي مرتئي تي اخبارن ۾ اهو ڏنل بيان تہ ڪلچر کاتي تي اجائي تنقيد ڪئي وڃي ٿي، جيڪا ڳالهہ سراسر غلط آهي. منشيءَ کي ثقافت کاتي هڪ لک رپيا ڏيئي ڪو ڪارنامو سرانجام ڪونہ ڏنو آهي. منشي ابراهيم ان کان مٿي گهڻو ڪجهہ لهندو، جنهن جي علاج لاءِ لک تہ ڇا پر ڪروڙين رپيا خرچ ڪجن ها تہ بہ ٿورا هئا. پيو تہ منشي شاهہ جو سڄو رسالو پنهنجي آواز ۾ ثقافت کاتي کي رڪارڊ ڪري ڏنو هو، جنهن جو معاوضو منشيءَ کي اڃا تائين نہ ملي سگهيو آهي. سنڌي عوام ثقافت کاتي کان گهر ٿو ڪري تہ عوامي فنڪارن لاءِ رکيل فنڊن مان علي محمد اڏيرائيءَ جو مڪمل علاج ڪرايو وڃي.

*(روزاني تعمير سنڌ، جمعو 8 آگسٽ 2003 ع)*


books.sindhsalamat.com

# شهيد فاضل قومي تحريڪ جو سچو سپاهي

فاضل جيتوڻيڪ هڪ وچولي زميندار گهراڻي ۾ جنم ورتو پر جڏهن ڪيس شعور آيو ان وقت سنڌ ڏکين حالتن مان گذري رهي هئي. ايوب جي مارشل لا لڳي چڪي هئي ۽ ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ پئجي چڪو هو. غدار ۽ موقعي پرست وڏيرا شاهي کهڙي جي اڳواڻيءَ ۾ وزارتن عيوض سنڌ کي ڌارين حوالي ڪرڻ لاءِ ون يونٽ جهڙي لعنت کي قبول ڪندي، سنڌ جي مڙني وسيلن جا ڌارين لاءِ دروازا کولي ڇڏيا هئا. سنڌ کي مال غنيمت سمجهي چئني صوبن ۽ بنگلاديش سميت سڄي پاڪستان کان ڪيترائي ڪٽڪ ماڪڙ جيان ڪڙڪي پيا هئا. سنڌ جو عام ماڻهو ۽ هاري جاگيردارن ۽ وڏيرا شاهيءَ جي شڪنجي ۾ جڪڙيل هئا. غدار وڏيرا شاهي نٿي چاهيو تہ سنڌي هارين کي بہ زمينون ملن. ان وچ ۾ سنڌي هارين جي حالت سڌارڻ لاءِ حيدربخش جتوئي، سنڌ هاري ڪاميٽي جوڙي هئي. سنڌي ادبي سنگت، سائين جي ايم سيد ۽ شاگرد لڏو ون يونٽ خلاف صف بنديون ڪري چڪا هئا.

نوجوان فاضل راهو بہ قومي ڌارا ۾ شامل ٿي قومي جدوجهد ۾ حصو ورتو. هن ون يونٽ جي خلاف تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ، سنڌي ٻولي صوبي جي قومي ٻولي ڪرائڻ، زمينن جو نيلام بند ڪرائڻ وارين تحريڪن ۾ هلچل ۾ ڀرپور حصو ورتو.


sindhsalamat.com

سنڌ ۾ هاري تحريڪ جو بنياد سڄي دنيا کان صديون اڳ جهوڪ جي ميدان تي صوفي شاهہ عنايت شهيد برپا ڪيو، جنهن کي مقامي زميندارن ٺٽي جي مغل گورنر نواب اعظم سان ساز باز ڪري ناڪام بڻائي ڇڏيو هو. صوفي شاهہ عنايت جي پاريل شمع کي حيدربخش جتوئيءَ ڪانپوءِ شهيد فاضل اڳتي وڌايو. محروم ۽ بي سهارا سنڌي هارين کي عزت جي حياتي گذارڻ لاءِ فاضل ميدان ۾ ڪاهي پيو. سنڌ جي 8 لک ايڪڙ زمين قسطن ۾ نہ ڏيڻ ڪري سرڪار پاران نيلام ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن خلاف فاضل سينہ سپر ٿي بيٺو. سنڌي ماڻهن نيلام بند ڪريو تحريڪ ۾ گرفتاريون ڏنيون. انهيءَ تحريڪ ۾ جن بہ ماڻهن گرفتاريون ڏنيون انهن مان ڪوبہ ماڻهو نظرياتي نہ هو پر اهي سڀ عام ڀاڙيءَ جا بي سمجهہ ۽ ڇوريون ڇڪاريون ڪندڙ ماڻهو شامل هئا جن کي فاضل مڙسين لاءِ اپاري قومي غيرت جا واسطا وجهي اهڙي طرح تہ برين واش ڪندو هو جو هر ڪو ماڻهو قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. هو ماڻهن کي چوندو هو تہ اوهين خسيس ۽ ٽڪي جهڙي ڳالهين تان وڙهي يا وڏيرن جي چوڻ تي ڇوريون ۽ برا ڪم ڪري جيلن ۾ وڃو ٿا پر جيجل سنڌ جي سڏ تي ڇو نٿا هلو؟ فاضل جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪمزور ماڻهن ۾ بہ ڪئين قوتون اڀري ويندڻيون هيون ۽ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا.

فاضل ذاتي طور تي نيلام بند ڪريو تحريڪ هلائي جنهن ۾ ڀاڙين جي ماڻهن ڀرپور حصو ورتو، جنهن ڪري ان وقت جي جنرل يحييٰ سرڪار کي گوڏا ڪوڙٽا پئجي ويا ۽ نيلام بند ڪرڻ جو سرڪار طرفان اعلان ڪيو ويو. فاضل غريب ۽ عام ماڻهن سان اهڙي شفقت ۽ پاجهہ سان پيش ايندو هو جو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو بڻائي ڇڏيندو هو. سنڌ جو ابن الوقت وڏيرو، جيڪو مغلن کان وٺي انگريزن تائين غداريون ڪندي قوم فروشيءَ جي عيوض جاگيرون، سر ۽ خانبهادر جا لقب وٺندي قومي غيرت کي تين وال ڪندو رهيو آهي، انهن قوم فروش وڏيرن کي فاضل اک جو ڪنڊو ٿي ڇڀڻ لڳو هو. فاضل جنهن رسول بخش پليجي سان گڏجي سنڌي عوامي تحريڪ جو پايو وڌو، سو مسلسل پاڪستان جي سياست ۾ ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌي آيو ۽ پروفيسر عزيز ۽ ٻين ترقي پسند ڌرين سان گڏجي پاڪستان عوامي تحريڪ ٺاهيائين جنهن بعد ولي خان سان گڏجي پاڪستان عوامي تحريڪ کي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ ضم ڪري ڇڏيو جيڪا ان وقت پاڪستان جي وڏي سامراج دشمن پارٽي ٿي سامهون آئي. فاضل کي عوامي نيشنل پارٽيءَ جو مرڪزي نائب صدر بڻايو ويو. جيڪا ڳالهہ سامراجي قوتن کي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ٿي، جنهن ڪري مقامي غدار وڏيرن، سرڪار ۽ آمريڪي آئل ڪمپني يونين ٽيڪساس آف پيٽروليم فاضل کي راهہ تان هٽائڻ لاءِ منصوبابندي ڪئي. فاضل سيني ڳالهين کان بي نياز معمول جيان راڄن جي فيصلن لاءِ گولاڙڇي آيو هو، هن کي ڄاڻ نہ هئي تہ فضل چانگ کي مهرو بڻائي سندس قتل ڪرڻ جي ست سٽي ويئي آهي. اهڙي طرح پيڙهيل هارين جي هن مسيحا کي 17جنوري 1987ع تي ڇنڇر جي ڏينهن ٽپهريءَ جو گولاڙڇيءَ جي وچ بازار ۾ شهيد ڪيو ويو. اڄ فاضل اسان ۾ ناهي پر سندس شاندار جدوجهد موجود آهي. سندس شهادت جي ڏينهن تي ڪيترائي ساٿي سندس آخري آرام گاهہ تي حاضر ٿي عقيدت جا گل نڇاور ڪندا آهن ۽ اڇي پيٽا پيش ڪندا آهن.

*(روزاني تعمير سنڌ، سومر 17 جنوري 2000ع)*



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# سماج سڌارڪ اعظم سرڪيءَ جو ڪُملو وچوڙو

دنيا فاني آهي، هرڪنهن ساهه واري ڪي هي جهان ڇڏڻو آهي. موت برحق آهي، جنهن جي اڳيان بزرگ اولياءُ به بيوس ٿي هليا ويا پر ڪي ڪي موت رڳو فردن جا موت ڪونه هوندا آهن پر انهن سڀني ماڻهن جو موت ثابت ٿيندا آهن جيڪي انهن جي سهاري جيئندا آهن.

نوجوان اعظم سرڪي ڪيترن ئي بي پهچ ۽ لاوارث ماڻهن جو سهارو هو. هن قبيلي جا ماڻهو سوين سال اڳ بلوچستان جي پهاڙن مان اچي جيڪب آباد جي ٺل تعلقي ۾ آباد ٿيا جتي اڄ به سندن قبيلي جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ آباد آهن. سندن سردار ڊاڪٽر سهراب سرڪي سابق ايم پي اي وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو ليکجي ٿو. سرڪين جو هي پاڙو پنهنجي قبيلي کان ٽٽي ٺٽي ضلعي جي ڪوهستاني علائقي ۽ ڪڇي ۾ اچي آباد ٿيو، جن مان ڪي ماڻهو ٺٽي شهر ۾ ورهاڱي کان اڳ ۾ واڻين سيٺين وٽ منشي گيري ۽ ٻنين سنڀالڻ جي ڪم ڪي لڳي ويا. ورهاڱو ٿيو ته واڻين جا شهر جي پرپاسي ۾ باغ ۽ پلاٽ سندن قبضي ۾ آيا. هن خاندان مان پهريون پڙهيو لکيو ماڻهو پير محمد سرڪي وڏي قد ڪاٺ وارو سگهارو ماڻهو ڄاتو وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ غلام مصطفيٰ سرڪي، محمد موسيٰ سرڪي، الهڏنو سرڪي قبيلي جا ڄاتل سڃاتل ماڻهو آهن، جيڪي ٺٽي جي سياسي ۽ سماجي ڪار وهنوار ۾ پنهنجي نمايان حيثيت جا مالڪ آهن. پر مرحوم اعظم جي ڳالهه ئي ٻي هئي. پاڻ هڪ الهه لوڪ ماڻهو لڏو عرف قطب الدين سرڪيءَ جي گهر ۾ 1975ع ڌاري جنم ورتائين. تعليم کان فارغ ٿي ٺٽي شهر جي شاهي بازار ۾ ريزڪيءَ جو دڪان کوليائين. هن جو ٿوري ئي عرصي ۾ ٺٽي جي وڏن ڪاروباري ماڻهن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندس سماجي اُٿي ويٺي غريب غربي سان بنا ڪنهن تڪلف ۽ وڏائيءَ جي اٿڻ ويهڻ، بيمار بي سهارا، بي پهچ ڏکويل ماڻهن جي ڪم اچڻ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. طبيعت جي انهيءَ سياءَ ۽ انسان دوستيءَ جي ڳڻن هڻڻ ڪري پاڻ وڏن وڏن ڪي پوئتي ڇڏيندو ويو. بقول لطيف جي:

نـنـڍو تـان ڪـوهـه، پـر وِڪـيـن آهـي وتـرو
ويو ڪاڪ ڪنڌين ۾ پهس پڪي جيئن پوءِ
هـن ڪُـرسـنـدو ڪـوءِ، مـيـو مـانـو نـه ٿـئـي.

سندس دروازا لاچار ۽ ڏکي انسانن لاءِ سدائين کليل رهيا، آڌي مانجهيءَ جي ڪو مصيبت جو ماريل سندس در تي لنگهي ويو ته هٿين خالي نه موٽيو. هڙان وڙان ڏئي به ان گهرجائو جي گهرج پوري ڪرڻ سندس اولين فرض هو. ”ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا“ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. پاڻ هزارين ايڪڙن تي مشتمل فش فارم ۽ نرسريون قائم ڪري پنهنجي ڪاروبار کي وسعت ڏيئي رهيو هو ته موٽر سائيڪل جي حادثي ۾ ڀوهه جوانيءَ ۾ بي رحم موت جو شڪار ٿي سڄي ٺٽي کي سوڳوار ڇڏي هليو ويو. شايد لطيف سرڪار اهڙن ماڻهن لاءِ ئي فرمايو آهي ته:

مـر تـه مـوچـاري ٿـئـيـن اجـلان اڳـي اڄ
مُنڌ پنيوران پڄ، جِم ورن ۾ واڪا ڪرين.
(لطيف)

*(روزانه سنڌو حيدرآباد، ڇنڇر 25 مئي 2002ع)*


books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com

# شاعريءَ جو ڪنول ڪوماڻو

ٿورا ڏينهن ٿيا جو سنڌ جي نامور ليکڪا ماهتاب محبوب جو شيخ اياز جي مرتئي تي لکيل تاثر پڙهيم. ماهتاب محبوب لکيو آهي تہ سال جا پويان ڏينهن ايندا آهن تہ دل ڪنهن اڻ ڄاتل خوف ۾ وسوسن ۾ ڪنبي وڃي ٿي تہ يا الاهي! نئون سال خيرن سان شروع ڪجانءِ، جو اڪثر ڏٺو اٿم ، نئين سال کي پيتا ڏيڻ لاءِ ويندي ويندي گذرندڙ سال ڪنهن اهم شخصيت کي پاڻ سان وٺي ويندو آهي. اياز قادري، ڊاڪٽر درشهوار، هن صديءَ جو وڏو شاعر شيخ اياز اسان کان ڊسمبر مهيني کسيا. وهمن ۽ وسوسن ۾ اعتبار نہ هوندي بہ ماهتاب محبوب جي ان خيال سان سهمت ٿيڻو ٿو پوي. ٿورا ئي ڏينهن گذريا تہ سنڌ جو عالم، وڏو شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي اسان کان موڪلائي ويو. بلاول پرديسي ۾ پرمانند ڪنول لوهاڻو بہ ڄڻ صلاحن ۾ ويٺا هئا ۽ انهن بہ ڪٽي پيڙا پار ۾ لاٿا. سنڌ جو سدا ملوڪ شاعر ڪنول لوهاڻو ڪافي عرصي کان گڙدن جي عارضي ۾ مبتلا هو. سنڌس پياري ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ جي حياتي بچائڻ جي لاءِ پنهنجو هڪ گڙدو وقف ڪيو، جيڪو ملڪ جي وڏي ڊاڪٽر اديب رضوي پيوند ڪيو پر اهو گردو ڪنول جي ڪم اچي نہ سگهيو، ڀيڻ جي قرباني بہ ڀڳوان قبول نہ ڪئي:

پِريم جو پاٽي، سو ڪيچين ڪم نہ آيو

( شاهہ)

70 ع جي ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي، ماهوار تحريڪ رسالي جي سرورق تي نظم ڇپيو هو. اهو دور سنڌي ادب ۽ سياست جو شاندار دور هو، جنهن ۾ شاعر اديب شيخ اياز، سوڀو گيانچنداڻي، تنوير عباسي، نياز همايوني، جمال ابڙو، امر جليل، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا ڪافي ادب جي ميدان جا



شهسوار هئا. انهن سينئر اديبن کان پوءِ جڏهن نوجوانن جي ٻي کيپ پيدا ٿي، تن بہ وڻ وڃائي ڇڏيا. ڊاڪٽر آڪاش انصاري، بلبل ڪورواهي، اياز گل، ڪنول لوهاڻو ۽ ٻيا ڪيترائي نالا وٺي سگهجن ٿا. مون کي ياد آهي، عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ پليجي جهڙي ماڻهو تحريڪ رسالو هٿ ۾ کڻي ڪارڪنن کي مخاطب ٿي ڪنول جي نظم ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ سنڌي قوم کي اڄ ڪنول جهڙي شاعريءَ جي ضرورت آهي. هن ايترو پڪو پختو لکيو جو ان وقت جا مشهور رسالا مهراڻ ۽ تحريڪ سنڌس شاعري خوشيءَ سان ڇاپيندا هئا. ٿورو سنڌس نظم جو ٽڪرو پڙهي ڏسو:

ڏسي ٿو سگهين ناگاساڪيءَ جي تباهي
۽ ٻڌي ٿو سگهين ويتنامين جون رڙيون
پوءِ تہ اي ڀڳوان! تون جهڙو آهين تهڙو ناهين !

ڪنول جي صحبت ڪنهن ٽٽي ٽامڻيءَ سان نہ رهي پر ان وقت ادب ۽ سياست جي آسمان تي چمڪندڙ ستارن سوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ روچي رام، رسول بخش پليجو، شمشير الحيدري جهڙن استادن عالمن سان سنڌس ويجهڙائي رهي، جيڪي قومي درسگاهہ ۾ اسڪالر ۽ پروفيسر مڃيا ويندا هئا. سنڌي ادب تي جيئن ئي ماٺار وارو دور آيو تہ ڪنول بہ لکڻ گهٽايو. وڪالت جي پيشي سان وابستہ ٿي ويو ۽ آخري دم تائين ان پيشي سان سچائيءَ نڀائيندو رهيو. ڪنول اهو اسريل پلو فصل هو جنهن ڪا سيئي عزيز ۽ دوست محروم ٿي ويا آهيون پر سنڌس شاعري اسان جي دلين ۾ زنده رهندي. وقت جو ڪاتب جڏهن سنڌ جي جديد تاريخ لکندو تہ ڪنول هراول دستي ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

*( روزاني الک، خميس 30 ڊسمبر 1999 ع )*



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# حيدرآباد جي رام ڪهاڻي

سنڌ جي گاديءَ جو اڳوڻو هنڌ حيدرآباد ۾ ان ڪان اڳ راجا ڏاهر جي دور حڪومت ۾ نيرون ڪوٽ، جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا جي هاڪ ڏيهان ڏيهه مشهور هئي. هن شهر جو شاندار پڪو ۽ ڪچو قلعو سنڌ جي هاڪاري حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙي جوڙائي، هن شهر کي نيرون ڪوٽ مان ڦيرائي حيدر علي سائينءَ جي نالي سان منسوب ڪيو. هن شهر جي شاهي بازار دنيا جي وڏين بازارين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ مکي محل، هيرآباد، شاهي بازار جي چوڏاري هنرمندن جا پاڙا مشهور آهن. عامل ڪالونيءَ جون عورتون بگين ۾ چڙهي ٿڌي سڙڪ وٺي،گدو بندر تي سنڌوءَ جي سلام تي ويندڙيون هيون ته چوڏاري هبڪارون پکڙجي وينديون هيون. گدوءَ وٽ هندو ناريون درياهه بادشاهه کي سکا وجهي ويدن جو ورد ڪري پنهنجي جيجل سنڌ ۾ سک ۽ سڪار لاءِ الک جي اڳيان پرارٿنا ڪنديون هيون. هتي جي باغن ۾ گلن جو هڳاءَ ڪيترائي من موهي وجهندو هو. ڪيترائي پرڏيهي واپاري سنڌوءَ جي پيٽ ۾ ٻيڙا دوآبي وٽ هاڪاري اچي لنگرانداز ڪري، هن شهر ۾ سکون وٺي ٻه ٽي ڏينهن سودا واپار ڪري اڳتي هاڪاريندا هئا.

حيدرآباد جيڪو آڳاٽي زماني ۾ دنيا جي صاف سٿرن شهرن ۾ ڳڻيو ويندو هو، تنهن کي نه ڄاڻ ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي جو اڄڪلهه هي شهر دنيا جي بدصورت شهرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. اڄ هن شهر کي ڏسي اکين مان ڳوڙها ڳڙي ٿا پون. ڪوبه اهڙو روڊ نه آهي جيڪو سلامت هجي. حيدر چوڪ، باچا خان چوڪ جيڪو خان عبدالغفار خان جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، دادن شاهه، سرفراز چاڙهي جنهن تي گوڏي ڪان وڏو گٽرن جو پاڻي برسات ڪانسواءِ سيلاب جي صورت ۾ سدائين بيٺل هوندو آهي.



books.sindhsalamat.com

مکي شاهه روڊ ، ٻڪرا منڊي، ڦليلي، ٻڌي روڊ، پريٽ آباد، نيو ڪلاٿ مارڪيٽ، لياقت ڪالوني، ٽنڊو يوسف، گڊس ناڪو، گاڏي ڪاتي جو چوڪ، مولا عليءَ جا قدم، قاسم آباد جو اندروني شهر، وحدت ڪالوني، لطيف آباد، حالي روڊ، مطلب ته ڪو اهڙو روڊ سلامت نه ملندو، جنهن جو مثال ڏجي ته ٻيلي هي پاسو سلامت آهي. شهري حڪومت جو ڪو وجود ئي نظر نه ايندو. برسات ڪانپوءِ شهر جي اها حالت ڪنهن کان به لڪل ناهي. مظاهرا، ڌرڻا، روڊ بلاڪ ڪرڻ ۽ بک هڙتالون روز جو معمول بڻيل آهن.

هاڻ اچو ته ان پس منظر ڏي هلون ته هي ايڏو انڌير ڇو آهي. انهيءَ سڄي صورتحال جا جيڪي سبب منهنجي نظر ۾ آهن، اهي هي آهن: نمبر هڪ ته، ضلعي ناظم پيپلز پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ وڏي پير ۽ گادي نشين جو پٽ آهي جيڪو وڏن بنگلن ۾ پلجي وڏو ٿيو آهي. تنهن غريبن جي ڪچين گندين وستين کي ويجهڙائيءَ کان ڪڏهن ڏٺو ناهي. جيڪو سونن چمچن ۾ کائي وڏو ٿيو، جنهن کي ڪڏهن غربت، بک، بدحاليءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو نه مليو ۽ نه ئي هن جي مشاهدي ۾ اهڙي ڳالهه آئي ته جيئن هن ۾ احساس پيدا ٿي سگهي، ڇو ته مشاهدو وڏي شيءِ هوندو آهي.

لطيف سائين چيو آهي ته، ”پاڙي ناهي پروڙ ته رات رنجائي گذري...“ پر جيڪڏهن ضلعي ناظم انهن غريب پاڙن ۾ جنم وٺندڙ هجي ها ته ڪيس احساس ٿئي ها ته انهن پاڙن ۾ رهندڙ غريبن تي ڇا ٿي گذري؟

نمبر ٻيو هي ته، ضلعي ناظم صاحب وٽ ڀراڙي ۽ شهرن جي تضاد جي ڪري هر ڪو اهو ٿو چاهي ته منهنجي ووٽرن کي رليف پيڪيج ملي. انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ٻنهي پارٽين يا گروپن جا ماڻهو مار کائي رهيا آهن. چوندا آهن ته، ”وڙهن سانهه، لتاڙجن ٻوڙا!“ سو عوام ٻوڙا ٿي پيو آهي. سنڌ سرڪار چاهي ٿي ته عوام دوست ناظمن کي پاسيرو رکيو وڃي پر جيئن ته پيپلز پارٽيءَ جا چونڊيل ناظم صدر جنرل پرويز مشرف جي متعارف



sindhsalamat.com

ڪرايل نظام جو حصو آهن، تنهن ڪري انهن کي گڏي هلائي ناظم کي بچائڻ لاءِ به مصلحت کان ڪم ورتو پيو وڃي. صدر جنرل مشرف به ناظمن جي هاءِ گهوڙا تي انهن کي مٿي تي هٿ رکي ٿو ڇڏي ته جيئن سنڌس ساک بچي سگهي پر ان ڪوئي پليءَ جي ڪيل ۾ عوام مارجي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو حيدرآباد شهر تباهيءَ جي آخري ڏاڪي تي بيٺو آهي. شهر جي نئين سر اڏاوت انهيءَ ڪري نٿي ٿئي چوته جهيڙو چڱ مڙسيءَ تان ٿيو آهي. هڪ ٻئي کي سياسي ميدان مان پڇاڙڻ لاءِ جنگ جيستائين دنگ ٿئي تيستائين شهر موهن جو دڙو بڻجي ويندو. حڪومت کي گهرجي ته سياسي جهيڙن کان هٽي ڪري شهر جي ٻيهر آبادڪاري ۽ اڏاوت لاءِ غير سياسي بنيادن تي ڊي جي ايچ ڊي اي جي اڳواٽيءَ ۾ هنگامي بنياد تي ڪاميٽي تشڪيل ڏئي حيدرآباد کي ٻيهر آباد ڪري خوبصورت بڻايو وڃي. هونئن به مخدوم صاحب نولکي گودڙيءَ جا مالڪ آهن. جيڪڏهن هو سياسي مخالفت جي ڪري حڪم نٿا ڪري سگهن ته انهن وٽ پيپلز پارٽي نئين شڪل جي چيئرمين شپ به آهي ۽ حضرت مخدوم نوح رح جي نو لکي گودڙي به ڪافي آهي، تنهن ڪري سياسي گند ۾ ڦاسي پنهنجي شهر کي برباد ڪرڻ جو جوکم نه کڻڻ گهرجي. ڪم نه ٿئي باقي بک هڙتالين کي جوس پياري اخبارن لاءِ فوٽو ڪيرائڻ نولکي گودڙيءَ جي ڏٽين کي نٿو جڳائي.

*(روزاني تعمير سنڌ، اربع 17 سيپٽمبر 2003ع)*



فاضل راهوءَ جي شهادت جو ڪارو ڏينهن

# جتي پرتا پاڻ ۾ ڪهاڙوءَ ڪنڌ

فاضل چار درجا سنڌيءَ جا پڙهي پنهنجي اباڻي ڪرت چوپائي مال کي چارڻ لڳو. ڏکهي قد وارو فاضل اجرڪ جو پٽڪو ٻڌي، اڇي ڪهاڙي ڪلهي تي ڪري جڏهن مينهن جو ڌڻ ڪاهي جُوءِ ۾ چارڻ ويندو هو ته ڪيترائي سنڌس هم عمر نوجوان فاضل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر فاضل جي قدبت کي ڏسندي سندن حسرت حسرت ئي رهجي ويندي هئي. جڏهن ان وقت جو غلام محمد بئراج ۽ هاٽوڪو ڪوٽڙي بئراج تعمير ٿيو ته ڏبي ريگوليٽر مان نڪرندڙ چور واهه وهي جڏهن راهوڪي جي پٽن کي آباد ڪيو ته فاضل جون زمينون آباد ٿيڻ لڳيون. پوءِ مينهون چاريندڙ فاضل، زمينون آباد ٿيڻ ڪري مينهون ڇڏي زمينون آباد ڪرڻ لڳو.

ون يونٽ قائم ٿيڻ ڪري چڪ قائم ٿيا. فاضل جي ڳوٺ کي به چڪ نمبر 11 مقرر ڪيو ويو. ڪجهه سنڌس سنگتي جيڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واڳيل هئا، جن ۾ غلام نبي ڀرڙاٽي، حاجي ستابو جت، قاسم ملاح، محمد خان مگسي وارن جي صحبت ۾ فاضل ۾ انقلابي شعور پيدا ٿيو. ڪوٽڙي بئراج ۾ تمام پليون زمينون پنجابين کي الاٽ ڪيون ويون. ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. ان صورتحال ۾ سنڌي اديبن ۽ شاگردن ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هلائي، جنهن ۾ فاضل ڀرپور حصو ورتو. فاضل هارين جا قافلا وٺي حيدرآباد ۾ اچي مظاهرا ڪرائيندو هو. فاضل عملي طرح ڀرڙاٽيءَ جي ماڻهن کي بيدار ڪندو رهيو. فاضل ڄڻ ته شڪست سکيو ئي ڪونه هو. هو ڇالانگون ڏيندو منزلون ماٽيندو رهيو.



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فاضل ون يونٽ کان وٺي هر معرڪي ۾ اڳواٽي ڪندو رهيو. نيلام بند ڪريو تحريڪ ۾ هن ڀرپور حصو ورتو، جنهن ۾ هن سوڀ حاصل ڪئي. 300 کان وڌيڪ هارين کي گرفتاريون ڏياري يحيٰ شاهيءَ سان ٽڪر کاڌو، جنهن ۾ يحيٰ سرڪار کي هار مڃڻي پئي. سنڌي هارين جي 8 لک ايڪڙ زمين قسطون ادا نه ڪرڻ ڪري نيلام ڪئي پئي وئي. ان جو يحيٰ سرڪار نيلام بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

1978ع ۾ ضياء شاهيءَ صحافت جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ لاءِ اخبارن تي سنسر شپ لاڳو ڪئي. صحافين جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي، جنهن ۾ عوامي تحريڪ ڀرپور حصو ورتو. سوين سنڌي هارين، صحافين سان گڏ گرفتاريون ڏنيون. 1979ع ۾ شهيد ڀٽو کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. سڄي ملڪ جا سياستدان خود ساختا جلاوطني اختيار ڪري ملڪ ڇڏي ويا يا پنهنجا ڪن جهلي ويهي رهيا. اهڙي ماٺار ۾ شهيد فاضل جي ميزبانيءَ ۾ عوامي تحريڪ آڪٽوبر 1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ وڏو جلسو ڪوٺايو، جنهن ۾ سڄي ملڪ جا سياستدان ۽ صحافي شريڪ ٿيا. هي جلسو مسلسل ٻه ڏينهن هليو، جنهن تي ضياء سرڪار مڃرجي پئي. فاضل ۽ پليجي سميت ڪافي ورڪرن کي گرفتار ڪيو ويو. ان کانسواءِ 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ کي ٻين ڪيترن ڪردارن سان گڏ فاضل منظم ڪيو، جنهن ۾ سندس گهر واري ۽ نياڻين به گرفتاريون ڏنيون. فاضل انهن عملن جي ڪري مفاد پرستن جي اک جو ڪنڊو ٿي پيو، ڪيس هڪ پراڻي دشمنيءَ جي بهاني 17 جنوريءَ تي گولاڙيچي شهر ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن لاءِ شمشير الحيدري هيئن چيو ته،

هل ته هلون هينئڙا، ڏسون راهوڪي رند،
جتي پرتا پاڻ ۾ کهاڙو ۽ ڪنڌ،
سي پيٽيون ۽ بند، سڀ پيارا پانئيان!

*(روزاني تعمير سنڌ، حيدرآباد، خميس 17 جنوري 2004ع)*



books.sindhsalamat.com

# ٿل ڪئنال مسئلي تي پيپلز پارٽي متحده جو ساٿ ڏيندي؟

اڄڪلهه سنڌ ۾ سياسي طرح وڏي ۾ وڏو اشو ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪائڻ آهي، جنهن لاءِ سڀئي سياسي پارٽيون سنڌ ۾ جدوجهد ڪري رهيون آهن. سرحد ۽ بلوچستان هن مسئلي تي ڪافي وقت کان ماٺ ۾ آهن، جن جي خاموشيءَ کي نيم رضامندي به چئي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ هلندڙ جدوجهد ۾ عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، پيپلز پارٽي، قومي محاذ ۽ ايم ڪيو ايم جيڪي هڪٻئي جا اتحادي آهن، گڏجي آواز اٿاري رهيا آهن. ان کان علاوه ٻيون سماجي سياسي ڌريون به الڳ نموني سرگرم آهن. سڀئي ان خيال جا آهن ته ٿل ڪئنال سنڌ لاءِ موت جو وارنٽ آهي، جنهن کي بند ڪري سنڌ جي ڳچيءَ مان هي ڦٽ ڪڍيو وڃي. ٻي پاسي وفاقي سرڪار ماڳهين ”ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏي هٽي تيرهن“ جي مثال وانگر ٿل ڪئنال کي مقرر وقت کان به هڪ سال اڳ ۾ مڪمل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ سرڪار ۽ مخالف ڌر وارن متفقه ٺهراءُ پاس ڪري وفاقي سرڪار کان گهر ڪئي آهي ته فوري طور ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪي وڃي. ٻي پاسي ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته، سنڌ سرڪار اندروني دٻاءُ ڏسي



sindhsalamat.com

اسيمبليءَ ۾ نعراءَ تہ پاس ڪيو آهي پر قانوني طرح وفاقي سرڪار ڪي لکي ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪڻ لاءِ نہ چيو آهي، جنهن تي تازو سنڌ سماء جي وزير شيخ رشيد صحافين ڪي سوال جو جواب ڏيندي چيو آهي تہ وفاق وٽ سنڌ سرڪار جو ڪوبہ اهڙو مطالبو نہ آيو آهي ۽ جڏهن آيو تڏهن ڏٺو ويندو. هاڻي سڄي صورتحال ڪي ڏسي ڇا سمجهجي؟ بقول مير علي نواز ناز جي تہ،

تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان، آسان بہ آ، دشوار بہ آ
تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪهڙو، اقرار بہ آ، انڪار بہ آ!

خير سنڌ سرڪار تہ ويچاري وٽا وٽا ڪائي... جا پنهنجو وجود برقرار رکڻ ۾ پوري آهي پر اصل امتحان پيپلزپارٽيءَ لاءِ آهي، جيڪي سنڌ ۾ پين سياسي ڌرين سان گڏجي تحريڪ هلائڻ ۾ ڀرپور نموني سرگرميءَ سان حصو وٺي رهيا آهن پر هاڻ جڏهن ايم ڪيو ايم طرفان وفاقي ادارن، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ رٿون پيش ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن، تڏهن پيپلز پارٽيءَ جو وفاقي ادارن ۾ هن اشوءَ تي ڪهڙو ڪردار ٿو رهي، اها ڳالهہ دلچسپيءَ سان ڏٺي پئي وڃي. ايم ڪيو ايم جنهن سان سنڌ جي اصل مالڪيءَ جي دعوا ڪندڙن جا اڃا اختلاف باقي آهن، جيڪا شهري آباديءَ تائين محدود ڇئي پئي وڃي. ايم ڪيو ايم جڏهن هاڻ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪلي عام ڪرڻ شروع ڪئي آهي ۽ هو سرڪار جو حصو هوندي جيڪا ڳالهہ ڇئي رهي آهي، اها ڳالهہ سنڌ سرڪار ۾ شامل پراڻا سنڌي بہ نٿا ڪن. اصل ڳالهہ لفاظيءَ نہ پر عمل جي آهي. قومون بہ عمل سان نهنديون ۽ ڍهنديون آهن. هاڻ بال پيپلز پارٽيءَ وٽ آهي تہ هو ڪهڙي نموني هن مسئلي تي وفاقي ايوانن ۾ پنهنجو رول ٿي ادا ڪري. هونئن تہ اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ پيپلز پارٽيءَ جو موقف سنڌ ۾ هڪ ۽ پنجاب ۾ ٻيو رهيو آهي. جهڙي طرح ايم ڪيو ايم پنهنجو چٽو موقف رکي سنڌ جي هن مسئلي ڪي سنڌ لاءِ



زندگي ۽ موت جو مسئلو ڄاڻي ڪنيو آهي، ساڳئي طرح پيپلز پارٽيءَ ڪي بہ سيني مصلحتن کان بالاتر ٿي هن اشوءَ جي مالڪي ڪري، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ڪٺڻ گهرجي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ ”ڦرئي ڪانپوءِ ڊپ ڪونهي، لٽي ڪانپوءِ اوير ڪانهي،“ سو پيپلز پارٽيءَ وٽ هاڻ وڃائڻ لاءِ رهيو بہ ڇا آهي. تمام تر اختيار جي حصول لاءِ ڪوشش جي، پيپلز پارٽيءَ ڪي اقتدار مليو ٿي ان ڪري جو بينظير صاحبہ وطن آئي. پيو تہ نهيو پر بينظير جي اباڻي صوبي سنڌ ۾ سيني پارٽين کان وڌيڪ ووٽ هوندي بہ سنڌحڪومت نہ ناهي سگهي. باقي سنڌ جي درياهہ جي اشوءَ تي بہ جيڪڏهن مصلحت پسندي کان ڪم وٺي پنجاب جي ناراضگيءَ جي ڊپ کا چشم پوشي کان ڪم وٺندي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ خاموشي اختيار ڪئي تہ پوءِ سنڌ سمجهندي تہ ”ڏُريائين ڏاريامٽ مئيءَ جا نہ ٿيا... جيڪي مُئي ڪندا سو جانب ڪريو جيئري.“

جيڪڏهن پيپلز پارٽي پنهنجيون سڀ انائون ڇڏي ٿل ڪئنال جي مسئلي تي پير پڏي ان جي اڏاوت خلاف قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ هڪ ئي وقت آواز اٿاريو تہ پوءِ يقين ڄاڻو سنڌ جو عوام جيڪو اڳ ئي پيپلز پارٽي ۽ ڀٽي خاندان لاءِ اکيون پير ڪري ڳڙهي خدابخش ڪي پنهنجو سياسي قبلو مڃيندو آيو آهي، جن اڳئي ڀٽي خاندان لاءِ پنهنجو رت ست ڏنو آهي، سو وري بہ ساڳئي جذبي سان سندن ساٿ ڏيندو. اسان جي دعا آهي تہ، رب پاڪ پيپلز پارٽيءَ ڪي توفيق ڏي تہ هو سنڌ جي جياپي جي هن جنگ ۾ عملي طرح ثابت قدم رهي، جنهن جي اميد تمام گهٽ آهي. جي پيپلز پارٽي ليلان وارو ڪردار ادا ڪيو تہ چنيسر داسڙي ڪي ڪنؤرو هٿ ڪري ويندي؛ پوءِ پيپلزپارٽي وٽ سواءِ پڇتاءُ جي ڪجهہ نہ هوندو: ”تو جو پائيو هار سو سورن جو سڳڙو...“ اڳئي اقتدار ڪيترا رنگ ڏيکاريا آهن ڀٽي خاندان ڪي؛ تنهن ڪري هاڻي گهٽو ٿيو. آصف زرداري عمر قيد جيتري سزا ڀوڳي چڪو آهي. ٻار جلاوطن، بينظير ڀٽو صاحبہ جلاوطن، پيپلز پارٽي جو اصل هليو بگاڙي عجيب و غريب نالن سان سڃاتو پيو وڃي. انتها ٿي چڪي، هاڻي ضرورت



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي تہ ٻچيل شيون سنڀالجن جيڪي پنهنجون آهن. ”ڪوڙين ڪيون ڪيتريون انهيءَ ڪر خوار... ڀُلي ڀُلي پاڻ آئي تنهن ڪي ڀلي ڪو نہ چئبو.“ پنهنجي گهر جا ٽيڙ سنڀالڻ بہ دانشمندي آهي. منشي چيو آهي تہ،

پـنـهـنـجـو ان پـنـهـنـجـو ڏن
پـنـهـنـجـو ڪـڪ پـنـهـنـجـو ڀـن
پـنـهـنـجـو رڃ پـنـهـنـجـو ڀـن
ڪـٽي ڪـين هوندا ڪـنول گل ڪوماٽا
مـان هـونـدس نـہ هـونـدس سو پـاٽـا ڄـاٽـان
نـہ هونديون هي حويليون، نـہ هوندا هي ٺاٽا.

*(روزاني تعمير سنڌ، اڱارو 22 جولاءِ 2003ع)*



## فاضل قتل ڪيس

# هڪ دانهن، هڪ ميار

شهيد فاضل راهو جيڪو پيڙهيل طبقن هارين، پورهيتن، ڪولهين، ڀيلن، شڪارين، باگڙين، ميگهواڙن، جتن، مهيرين، چانگن، چانڊين، سماٽن، ٻروچن، اڇوتن سميت سڀني ذاتين، سڀني مذهبن، سڀني فرقن سان لاڳاپيل ماڻهن جي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪندڙ هو. هن جاگيردار ۽ طبقاتي سماج جي اوچ نيچ، مسجدن، مندرن، ڪليسائن، گرجائن، سڀني ڳالهين کان بي نياز ٿي انساني آدرشن کي اپنايو. ڀائيچاري، انسان دوستي، ايڪي ۽ محبت جا جيڪي هن ٻج ڇٽيا، انهن جي خوشبوءِ اڄ بہ راهوڪيءَ ۾ سندس مقام تي محسوس ڪري سگهجي ٿي.

فاضل ڏڪاريل، قابل نفرت ۽ هيٺن ماڻهن کي گلي سان لڳائي انهن مان احساس محرومي ڪڍي ڇڏي. اڄ گولاڙچيءَ جا ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ جن کي اڇوت ۽ شودر سڏيو ويندو هو، جن کي واڻيا ۽ اوچي ذات وارا هندو بہ گڏ نہ ڪارائيندا هئا، سي اڄ گولاڙچيءَ جي مسلمانن سان هڪ ٿانوَ ۾ گڏ ڪائيندا آهن. فاضل سڀ مذهبي ۽ طبقاتي فرق مِٽائي ڇڏيا. فاضل چيو تہ ظالم وڏيرا ۽ رشوتخور ڪامورا جيڪي رات ڏينهن حرام جي ڪمائيءَ تي پلجن ٿا، جيڪڏهن اسان انهن سان گڏ ڪائون ٿا تہ پوءِ ڪولهي ۽ ڀيل جيڪي حق حلال جي ڪمائي ڪائين ٿا، انهن سان ڇو نہ گڏ ڪائجي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاضل مظلوم طبقن سان سچو پيار ڪيو. هن عملي جدوجهد ڪندي ڪوڙن ۽ فرسودن معيارن کي لت هڻي، انساني عظمتن لاءِ جاکوڙيو. هن پاهران اجرن ۽ اندر جي ڪارن مردار وڏيرا شاهيءَ کي ڌڪاريو پر پاهران ڪوجهن ڪارن ۽ اندر جي اجرن پورهيت ماڻهن کي گلي سان لڳايو. فاضل ننگ وڏيرن جيان ڪوڙا نعرا هڻي عوام کان ووٽ ڪونہ ورتا پر هن سچي دل سان عوام جو ساٿ ڏنو. هر ڏک جي گهڙيءَ ۾ مصيبتن جي ماريل عوام جي رهبري ڪندو رهيو. اهي عوام جا طبقا جيڪي صدين کان ڌڪاريل هئا، جن کان نفرت ڪئي ويندي هئي؛ فاضل انهن محروم طبقن کي گلي سان لڳايو. شاهہ جي لفظن ۾ ،

ڪڪيءَ هاٿيون ڪاريون ڇڇيءَ هاٿا ڇڇ،
پاند جنين جي پاند سان لڳي ٿئي لڄ،
سمون جام سڄ، اپو ڪري ان سين.
(لطيف)

جن گندن، ميرن، ڪارن ڪوجهن کي حقارت سان ڏٺو ويندو هو، فاضل انهن ماڻهن کي پنهنجو ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو ان فاضل جي ڳالهہ ڪرڻ سان يا ٻڌڻ سان ڪيترائي ماڻهو ڊنيڪرون ڏيئي روئي پوندا آهن. زاهد شيخ جو فاضل جي شهادت تي لکيل هي مشهور گيت:

قاتل او قاتل بدلو وٺنداسين،
هر خون جي قطري قطري جو...

جڏهن بہ گونجندو آهي تہ ڪيترائي ماڻهو بي خوديءَ جي عالم ۾ هليا ويندا آهن يا آڪاش انصاريءَ جو هي گيت،

تون کهڙو فاضل مارينديں
اچ هاري ناري فاضل آ
هي سنڌڙي ساري فاضل آ ...



ٻڌڻ سان اڄ بہ ماڻهن تي سڪتو طاري ٿي ويندو آهي. فاضل هن صديءَ جي سنڌ جي اپاهجي عوام لاءِ ٿڌي هير جو هڪ اهڙو جهونڪو هو، جيڪو هزاين زخمي دلين جو مرهم هو، جيڪو بکين ۽ ڏکين جي هجوم ۾ ڳالهائيندو هو تہ هزارين ستايل مئل دلين ۾ جيئڻ جي امنگ جاڳي پوندي هئي. هو پيڙهيل طبقن لاءِ اهڙي گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ هو جتي بي سهارا ۽ نڌڻڪا ماڻهو اچي ساهہ پٽيندا هئا. ان فاضل جو قتل انهن سيني بي سهارا ماڻهن جي امنگن ۽ آرزوئن جو قتل هو. هن جي قتل سان هزارين ماڻهو پاڻ کي يتيم سمجهڻ لڳا. اهي ماڻهو اڄ بہ جڏهن راهوڪيءَ وٽان روڊ تان لنگهندا آهن ۽ انهن جي نظر فاضل جي مزار تي پوندي آهي تہ بي ساختہ دانهن ڪري ڇوندا آهن: گهوڙا مڙس اهو ستو پيو آهي، جيڪو ضياء شاهيءَ سان وڙهندو هو. يحييٰ شاهيءَ سان بہ وڙهندو هو، جيڪو عوامي حقن لاءِ هر ظالم ۽ جابر سان سينو ساهي بيهندو هو، جنهن جي بي مهلي قتل تي سڄي سنڌ جا ماڻهو سراپا احتجاج ٿي پيا. جنهن جي ورسين تي لاڙڪاڻي، جيڪب آباد کان ويندي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان پيادل قافلا بينر ڪڻي ايندا هئا تہ فاضل جي قتل ۾ ملوث ڳُجهن هٿن کي ظاهر ڪريو ۽ فاضل جي قاتلن کي سرعام ڦاسيءَ تي لٽڪايو. ڳجها هٿ تہ اڄ ڏينهن تائين ظاهر نہ ٿي سگهيا آهن پر عوامي دٻاءَ کي ڏسي ڪورٽ سڳوري ظاهري قاتلن کي سزائون ڏنيون جنهن مان اصل قاتل کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ 2 سيپٽمبر تي قاتل کي ڦاسي اچڻي هئي پر چانگ برادري فضل چانگ کي ڦاهيءَ کان بچائڻ لاءِ اسماعيل راهو سان رابطو ڪيو جنهن صلاح مصلحت لاءِ چانگن کان مهلت گهري، تنهن ڪري قاتل فاضل چانگ جي سزا تي عملدرآمد صدر هڪ هفتي جي لاءِ روڪي ڇڏيو. اها ڳالهہ جيئن ئي اخبارن ۾ آئي تہ ڪيترائي فاضل جا ديوانا چريا ٿي پيا ۽ انهن سختيءَ سان اسماعيل راهو کي چيو تہ جيڪڏهن تون فاضل جو خون بخش ڪندين تہ اسان فاضل جي مزار تي پاڻ کي جيئري ساڙينداسين. اسماعيل راهو عوام جي ناراضگيءَ کي ڏسي منٿ ميڙ



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لاءِ آيل چانگ برادريءَ جي چڱن مڙسن کي اهو چئي جواب ڏنو تہ فاضل جو آئون اڪيلو وارث نہ آهيان پر فاضل جا هزارين پورهيت ۽ هاري بہ وارث آهن جيڪي معافي ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. ڪجھ سنڌي اخبارون هن ڳالھ کي سطحي نموني سان کڻي انصاف نہ ڪري رهيون آهن. انهن ڪجھ نام نهاد سياستدانن ۽ يونيورسٽيءَ جي ڪجھ استادن کان رايا وٺي رڪارڊ جي پورائي ڪئي آهي. فاضل تہ هڪ اهڙي باغ جو ٽڙيل گل هو جنهن جي ڇڄڻ سان سڄي چمن مان جڻ خوشبوءِ ئي موڪلائي وئي آهي.

گل چنو گرنار جو، پِتڻ ٿيون پِٽين،
سهسين سورت جهڙيون، اُپيون اوسارين
چوتا چارڻ هٿ ۾، سِر سينگاريو ڏِين،
ناريون ناڏ ڪرينِ، راجا رات رمڳيو.

سنڌ جا صحافي دوستو، جيڪڏهن توهان کي فاضل جي باري ۾ عام راءِ معلوم ڪرڻي آهي تہ اچو تہ اسين فاضل جا ساٿي اوهان کي فاضل جي اصلي ڪردارن سان ملايون. اوهان پڇو ڪنهن ڪولهڻ هارياڻيءَ کان، اوهان پڇو ڪنهن اوڏڻ ۽ پيلڻ ناريءَ کان، اوهان پڇو ان بيوس هاريءَ کان جنهن جي ڌيءَ اڄ بہ وڏيري جي حويلي ۾ ڪنيز آهي. اوهان پڇو ڪڙيو گهنور شهر ۾ ڏنوڻ تي ويٺل ان ڪارياڻيءَ کان، اوهان پڇو ڪڙيو گهنور شهر جي رليون سبندڙ ميگهواڙ عورتن کان، اوهان پڇو انهن پوڙهين جهور آڏاٽن تي ڪم ڪندڙ ڌاڳن ۾ ٻڏل نظر جي چشمن وارن مهيرياڻين کان، تہ فاضل ڇا آهي؟ اوهان پڇو ڪامريڊ جمعي نوحاڻي ۽ حاجي قاسم ملاح کان، جن قاتل کي معافي ڏيڻ جي صورت ۾ پاڻ کي باھ ڏيئي ساڙڻ جو اعلان ڪيو. اوهان تہ پڇيو آهي اياز لطيف پليجي کان جيڪو پنهنجي پيءُ جي ڪٽل سياسي هٽ تي هر گراهڪ کي ٻانهن کان پڪڙي پاڻ ڏي ڇڪي ٿو پر گراهڪ ٻانهن ڇڏائي ڪنهن ٻي دڪان ڏي هليو ٿو وڃي.



خدا جي واسطي فاضل جهڙي قلندر ماڻهوءَ کي سياست جي ڍونڍ تي ويٺل سياسي ڳجهن کان بچايو. فاضل جنهن سچي دل سان عوام جي چوٽڪاري لاءِ ويڙھ ڪئي. جيڪو دودي ۽ دريا خان جيان اڏول ۽ اڻموٽ رهيو. جيڪو سنڌوءَ جي پاڻي جيان پاڪ هو. اهو فاضل اسان ۽ اوهان سڀني جو گڏيل ورثو آهي. فاضل اڄ بہ اسان لاءِ ايترو عظيم آهي جنهن جي مقدس خون جو اسان قسم کڻندا آهيون. ان شهيد فاضل جو سڀني سنڌ واسين تي قرض آهي، جنهن جي شهادت کانپوءِ اسان سڀ ڏکارا آهيون. اسان جڏهن ويڳاڻا ٿيندا آهيون تہ فاضل جون ڳالهيون ڪندا آهيون. لطيف جي سر ڏهر جي هن بيت جيان :

ڪر ڪي ڳالهڙيون، ڪندا ڍور ڏٽين جون،
ڪيئن سي راتڙِيون، ڪنهن پر ڏينهن گذاربين.



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# ڏيئي موت کي مات، منشي مئاسين!

سنڌ جي قومي ۽ عوامي شاعر منشي محمد ابراهيم جو جنم 15 جنوري 1934ع تي ڳوٺ جنهاڻ سومرو تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو. هن شعر و شاعريءَ جي شروعات 1949 کان ڪئي. سندس والد محمد اسحاق سومرو بہ شاعر هو، جيڪو مذهبي صنف مولود شريف چوندو بہ هو ۽ پڙهندو بہ هو. منشي سنڌي پنج درجا پڙهي پنهنجي پيءُ سان ٻني ٻاري ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. جيئن تہ منشي غريب ۽ پورهيت گهراڻي ۾ جنم ورتو هو، تنهن ڪري غربت، بک ۽ بيروزگاريءَ کي پاڻ ويجهڙائيءَ کان ڏٺائين ۽ ڀوڳيائين. مسڪين ماروئڙن جي اهڙي حالتِ زار کي ڏسي سندس حساس دل شاعريءَ ڏانهن راغب ٿي ۽ مسڪين پورهيتن جي بک ۽ بدحاليءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيائين.

سنڌ جيڪا اڳ ئي پنهنجن جو پيٽ ڀرڻ ۾ پوري هئي، وري جو ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو، تنهن باقي ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي. ڪوٽڙي بئراج ٺهيو تہ سڄي ملڪ جا ٻي گهر ماڻهو گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا. اهڙي ظلم، زور آورين ۽ ارهہ زوراين کي ڏسندي سنڌ جي


books.sindhsalamat.com

ڪجهہ سڄاڻ ماڻهن سائين جي ايم سيد جي رهبريءَ ۾ چرپر ڪئي. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان بہ ڪم شروع ٿيو. ٻئي پاسي، سنڌ جي تعليمي ادارن مان بہ هلچل شروع ٿي وئي. آهستي آهستي چڙوچڙ سنڌ ون يونٽ جي خلاف ملي هڪ ٿي وئي. منشي للڪارون ڪري ڏارين کي ڌڪارڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان ۾ ڪاهي پيو ۽ سنڌ دشمن قوتن کي سيني سپر ٿي هيئن چيائين تہ:

جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ
پليٽ پير ڪر پري، هيءَ ڌرتي منهنجو ننگ آ.

آخر ون يونٽ ٽٽو. ايوب جي خلاف تحريڪ شروع ٿي تہ منشي بہ ان ۾ اڳيان اڳيان رهيو، تان جو ڀٽي مرحوم صدر ايوب کان ڌار ٿي پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو. منشي بہ ڀٽي جي پروگرام کان متاثر ٿي پيپلز پارٽيءَ جي ويجهو ٿيو. ايتري قدر جو ستر واري اليڪشن دوران هن، سڄي سنڌ ۾ ڀٽي مرحوم سان اليڪشن مهم ۾ پنهنجي انقلابي شاعري پڙهي، عوام جي دلين کي گرمائي، پيپلز پارٽيءَ جي پروگرام کي گهر گهر پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ملي تہ قصو ئي پيو ٿي ويو. اهي پراڻا وڏيرا سرڪار جا ڪرتا ڌرتا ٿي پيا، جنهن تان منشي پنهنجي شاعري وسيلي ڀٽو سرڪار تي تنقيدي شعر چوڻ شروع ڪيا. مثال طور ڀٽي جي هارين کي زمين نہ ڏيڻ واري قصي کي هيئن بيان ڪيائين:

سنڌ وارن لاءِ ڪيو سرڪار، ٽيڪڙ چنڊ تي
هرڪنهن هاريءَ لئہ زمين آ سورهن ايڪڙ چنڊ تي
هر مزو منشي اتي آباديون، آزاديون
ناهي ميرن ۽ پيرن جي ڪا گز پڙ چنڊ تي!


sindhsalamat.com

منشيءَ جي اهڙي تنقيدي شاعري پٽي مرحوم کي نہ آئڙي. منشي مڙڻ جو تہ هو ئي ڪونہ. تنهن ڪري ڪيس جيل ۾ واڙيو ويو ۽ لڳاتار چار سال سرڪاري مهمان ٿي رهيو. سندس معصوم پٽ جيل دوران وفات ڪري ويو، جنهن جو ڪلهي ڪاندي ٿيڻ لاءِ ان وقت جي سرڪار سندس پيرول واري درخواست رد ڪري ڇڏي. پنهنجي پٽ جي وڇوڙي تي مرحوم پٽ کي مخاطب ٿيندي هي شعر چيائين:

منهنجي ڏات ڏوهاري پٽڙا، منهنجي ڏات ڏوهاري
ارهي اک جي آس هئين، پر تنهنجي متي موچاري پٽڙا!
ڏسڪي ويئي ڏاڏي تنهنجي، جاني منهنجي جيجل ماءُ
پٽ ۽ پوٽا پاهہ بڪن ۾ جنهن جا هاري ناري پٽڙا
منهنجي ڏات ڏوهاري پٽڙا، منهنجي ڏات ڏوهاري پٽڙا!

سال 2003ع جي اوائل جي ڳالهہ آهي، اخبار ۾ پڙهيم تہ منشي ابراهيم کي شديد دل جي دوري پوڻ ڪري ڳنڀير حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو آهي. اسپتال وڃي ڏٺم تہ پاڻ اڪيلو بيڊ تي ليٽيل هو. مون کي ڏسي ٽيڪ ڏئي ٿورو ويهاٽي جي مدد سان سنئون ٿيو. چوڻ لڳو: ”اڄ ڊاڪٽرن مون کي ماني کائڻ جي اجازت ڏني آهي، پر منهنجي کيسي ۾ صرف 15 رپيا هئا. جيڪي فقير قادر کي ڏئي موڪليو اٿم تہ پاپا ۽ چانهن وٺي اچي، تہ هينئين جهل ڪريان، چوتہ پندرهن رپين مان ماني نٿي کائي سگهجي! پٽ طارق کي ڳوٺ موڪليو اٿم تہ ڪٿان پٽ ست ڪري ڪجهہ رقم هٿ ڪري اچي تہ جيئن ماني ٽڪي ۽ دوا درمل جو خرچ هلائي سگهجي.“ چيومانس تہ استاد تو لاءِ مانيون ڪوڙ. ماني نهرائي ڪٽي آيس. ٿوري دير ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي پٽ سميت منشيءَ جي عيادت لاءِ آيو، جنهن ويندي ويندي ڪجهہ رقم سندس کيسي ۾ وڌي. شام جو مون کي چيائين تہ” اڄ مون وٽ پنهنجا پئسا آهن، ساڳئي هوٽل تان ماني ٺهرائي اچ تہ گڏجي کائون.“ اهڙي طرح سڄو سال دل جي عارضي ۾ اسپتالن جا چڪر ڪاٽيندو رهيو. ڪنهن بہ سرڪاري سياسي ڌرسندس پرگهور نہ لڌي. ڪلچر ڊپارٽمينٽ جنهن کي پنهنجي آواز ۾ لطيف سائينءَ جو سڄو رسالو تحت اللفظ رڪارڊ ڪرايو هئائين، تن بہ آخر تائين ڪيس معاوضي جي رقم ادا نہ ڪئي.

منشيءَ سان آخري ملاقات 16 جون 2003ع تي راهوڪيءَ ۾ ٿي. منشي مرحوم جي حياتيءَ ۾ جن سياسي پارٽين جي اڳواڻن سندس انقلابي گيتن تي ڳوڙها ڳاڙي پنهنجن جلسن جي رونق وڌائي هئي، تن مان پڇاڙيءَ ۾ ڪوبہ وٽس لڙي ڪونہ آيو، سواءِ تنڌي محمد خان واري عالماڻي يار جي، جنهن ساٽس ڪيتريون ئي رهاڻيون ڪري سندس وڊيو ڪيسٽون تيار ڪيون، جن جون ڪاپيون ڊب ڪرائي لينگويج اٿارٽيءَ کي ڏنائين، جن وري دعويٰ ڪئي تہ اسان منشيءَ کي انهن ڪيسٽن جو معاوضو ادا ڪيو آهي. جڏهن تہ انهن صرف ڪيسٽون ڊب ڪرڻ جي رقم ادا ڪئي هئي. اهڙي طرح پنهنجي قوم جي بي حسي ۽ قومي ادارن جي بي رحم ڪامورن جي بي توجهي جو شڪار ٿي، آخر هي سنڌ جو پيجل 31 جولاءِ 2003ع تي اسان کان جسماني طور هيئن ڇني جدا ٿيو تہ:

ڏئي موت کي مات منشي مئاسين
مگر نئين نسل کي اجاري وياسين.

*(روزاني ڪاوش، ڇنڇر 31 جولاءِ 2004)*



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

# سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ڇو ٿا ٿين ؟

جڏهن کان ايم ڪيو ايم متحده جي روپ ۾ سامهون آئي آهي تڏهن کان سنڌي ماڻهو ان ۾ شامل ٿيڻ لڳا آهن. اڄ ڪلهه انهن جو تعداد گهٽ آهي، پر آهستي آهستي انهن ۾ واڌ اچي رهي آهي جيڪا ڳالهه سنڌي سياستدانن لاءِ نيڪ شگون نٿي چئي سگهجي. ان ڳالهه تي سنڌي سياسي ڌرين کي سنجيدگيءَ سان غور فڪر ڪرڻو پوندو، لطيف جي هن سٽ جيان تہ ”ڪا مونهين ۾ گهٽ، نہ تہ سڄڻ سڀاجهو گهڻو.“ جيڪي ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيا آهن اهي ڪي گمنام ماڻهو نہ پر سنڌي عوام جي حوالي سان انهن جو ڀرپور وارو ڪردار رهيو آهي. مثال، علي احمد بروهي، قمر شهباز، ابراهيم سوهو، اسماعيل سوهو جي نياڻي هير سوهو جيڪا ايم ڪيو ايم جي ٽڪيٽ تان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر پڻ آهي. هاڻي اچو تہ انهن ڪارڪنن تي نظر وجهون جن جي ڪري ايم ڪيو ايم ڏانهن سنڌي ماڻهن رخ ڪيو آهي.

ماضيءَ ۾ جڏهن ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هلي جنهن ۾ اديب، شاعر، دانشور ۽ قوم پرست ڌرين ڀرپور مهم هلائي، قومي سوچ کي اجاگر ڪيو. ايتري ۾ ڀٽو صاحب ايوب سرڪار کان ڌار ٿي عوامي نعرو هڻي ميدان ۾ آيو. ايوبي مارشل لا خلاف اڳ ئي نہ رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان ۾ نفرت زور وٺي چڪي هئي. رڳو ڀرنديءَ تي گاسليٽ هارڻ جي ضرورت هئي، جيڪو ڪم ڀٽي صاحب ڪيو. ڀٽو هڪ عوامي قوت ٿي اڀريو تہ قوم پرست ڌريون ڪي ڀٽي جي انقلابي دلفريب نعري ۾ اچي ڀٽي سان گڏجي



وينيون تہ ڪي پس منظر ۾ هليون ويون. آخر ون يونٽ ٽٽو، چونڊون ٿيون، يحيىٰ خان اقتدار ڀٽي جي حوالي ڪيو پر بنگال وڃائي پوءِ. جن ماڻهن ڀٽي جي انقلابي نعري سوشلزم جي پروگرام کي ڏسي پيپلز پارٽي جي حمايت ڪئي هئي سي حڪومت ۾ وڏيرن جي شموليت کي ڏسي پاسيرا ٿي ويا. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مولانا عبدالحق رباني نصرپور وارو جنهن ڀٽي جي حق ۾ فتويٰ ڏني هئي تہ ڀٽي جو اسلامي سوشلزم غيراسلامي نہ آهي. ابراهيم منشي، شهيد فاضل راهو ۽ ٻيا انيڪ ماڻهو سچ چوڻ جي ڏوهہ ۾ جيلن ۾ واڙيا ويا جو منشيءَ ڪي ئي چوٽو پيو تہ:

ويون انصاف جون واهون، ٻيا مسڪين ڪن دانهون
ڪيا جن قول ٿي ڪيڏا، هر هر ڪٽي پانهون
وزارت جون وٺي ڪرسيون، ڪري ويا پير سپ پانهون
ٿيو پٽرو اچو ڪارو، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو
وڏيرن جو وريو وارو ، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو!

اهڙن شعرن لکڻ جي پاداش ۾ منشيءَ جهڙن قومي شاعرن لاءِ ڌرتي تنگ ڪري ڪين جيلن ۾ واڙيو ويو. پريس اينڊ پبليڪيشن جهڙا ڪارا قانون ٺاهي سنڌي رسالن ۽ اخبارن تي بندشون هنيون ويون. طارق اشرف جهڙي سهڻي رسالي جي ايڊيٽر کي قيد رکيو ويو. خير، ڀٽي صاحب جو دور پورو ٿيو تہ ضياء آيو. ضياء ڇا آيو، سڄي سنڌ تي قيامت ڪڙڪي پئي. ڀٽي کي ڦاسي تي لٽڪائي سنڌي ماڻهن جون زبانون بند ڪيون ويون. ڦٽڪن ۽ ٽِپڻ جو اڻکٽ سلسلو هلي پيو. سنڌ جي جهوني شاعر مجيديءَ کي چوڻو پيو تہ،

روپ نگر جي راڻي آهيان، سنڌ
منهنجو آهي ڪڇڻ پڇڻ بند.



sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سنڌ جو ڪڇڻ پڇڻ بند ڪيو ويو، تان جو ضياء کي ڏٽيءَ مٿان ئي متي گهرائي ورتو، تڏهن وڃي سنڌي ماڻهن ۾ ساهه پيو. ايتري نفرت جو ڪنهن جي مرڻ تي خوش نہ ٿيو آهي پر ضياء جيڪي سنڌي عوام جا ڪونڌر ڪٺا، ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌي ڳوٺن تي بمباري بہ ڪرائي وئي، تنهن ڪري آڪاش انصاريءَ کي هيئن چوڻو پيو تہ، "زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾، ضياء جي موت جي خبر آهين."

ضياء پنهنجو وارو وڃايو تہ وڏي لاڏ ڪوڏ سان سنڌ جي گادي ڏٽين کي شڪستون ڏيئي شهيد جي نياڻيءَ کي ووٽ ڏيئي مسند تي ويهاريو ويو تہ بہ سنڌ جي سورن ۾ ڪمي ڪانہ آئي.

سورن سانديياس، پورن پالي آهيان
سُکن جي سيد چئي پُکي آئون نہ پياس
جيڪر آئون هياس، گري گوندر ول جي.

وري بہ ساڳيا لاتون ساڳيا چگهہ. ساڳيا وڏيرا جيڪي ضياء وٽ شوريٰ جا ميمبر هئا سي بہ اکر بيان جا ڏيئي بينظير سان گڏجي ويا.

مون کي ياد آهي تہ نصرت ڀٽو جي اڳيان ٻيهر ٿيهر پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت وقت ٽنڊي محمد خان جي مير اعجاز علي ٽالپر، لطيف جون هي سٽون پڙهيون... "جتي اوهان ڇڏيون اتي ئي آهين!" ڪو پڇاڻو ڪونہ، چو تہ ساڳيا جاگيردار، وڏيرا هر سرڪار جي ضرورت، پوءِ اهو فوجي حڪومت هجي، جمهوري حڪومت هجي، کهڙي بہ روپ ۾ هجي، ساڳيا خاندان ناظم بہ آهن. مشرف سرڪار ضلعي حڪومتون ناهيون تہ، ناظم ڪير ٿيا؟ مخدوم، سيد، پير، سردار ٿيا. کهڙو غريب ماڻهو ٿيو؟ ڪو بہ نہ.

ڳالهہ مثال ڏيندي ڊگهي ٿي وئي، اصل ڳالهہ تي ٿا اچون تہ هاڻي تہ


books.sindhsalamat.com

هي صورتحال آهي تہ پيپلز پارٽي جيڪا ملڪ جي واحد وڏي پارٽي وفاق جي زنجير ليکي ويندي هئي، تنهن جي گڏيل ميمبرن تي موجوده سرڪار ائين بيٺي آهي جيئن ڏڳي جي سڱن تي ڌرتي بيٺي آهي. پيپلز پارٽيءَ کي پاڪستان جي ٻين صوبن مان ٽپڙ ڪٽائي پنهنجي اصل وطن سنڌ پيڙو ڪيو ويو آهي، جنهن جناب نثار کهڙي جي اڳواڻيءَ ۾ اچي پليجو صاحب جي پاڙي ۾ لڏ لاتي آهي. هاڻي ٿل ڪئنال جي جدوجهد تي گذر سفر آهي ۽ اڳتي بہ رهڻو آهي. وري قوم پرست ڌرين ۾ اهڙي ٻڌي جو ڇا چئجي، هيئون ٽريو پوي!

قومي ٻڌيءَ جو ثبوت تازو ٿل ڪئنال خلاف ڪڍيل ريلي ۽ ماتليءَ جي جلسي ۾ مليو. ان جلسي ۾ جيڪي هڪٻئي کي عزتون ڏنيون ويون، ان تي جيتري خوشي ڪجي سا گهٽ آهي. اصل دشمن لاءِ داغ آهي! هاڻي هي حال آهن قومي جمهوري ڌرين جا پوءِ ڇا. ڪجي؟ هي هڪ سوال اڻ حل ٿيل آهي جنهن تي سڄي قوم کي ويچار ڪرڻ گهرجي، خاص ڪري پروفيسر مشتاق ميراڻي ۽ حيدر علي لغاري جهڙن ٻي داغ ماڻهن کي.

جيتري قدر متحده جي ڳالهہ آهي تہ اهي پنهنجي ورڪرن جي، ماڻهن جي پاڻ مالڪي ڪن ٿا، وزير انهن جا پابند آهن تہ هو زونل آفيسن ۾ ويهن ۽ ڪارڪنن سان گڏ ويهي ڊيوٽيون ڏين. ڪارڪنن جي چوڻ تي عوام جا ڪم ڪاريون ڪن. ڪارڪنن سان گڏ ويهي گلم تي دال پيت کائين، قرب محبت سان پيش اچن، اهو انهن جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل آهي. تازو ايم ڪيو ايم جي ثقافت واري وزير شبير قائمخاني سنڌ جي شاعرن ابراهيم منشي، لاڙ جي پورهيت بيمار شاعر مبين پنائيءَ کي گهر وڃي امدادي چيڪ ڏنو، جنهن تي مبين پنائيءَ جي پٽن ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. چوڻ جو مقصد تہ ايم ڪيو ايم وارا پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان عوام سان ويجهي رابطي ۾ آهن. سنڌ ۾ سواءِ ٿني جي شيرازين جي، پيو ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ آهي جيڪو عوام سان گڏ هجي. سو


sindhsalamat.com

هاڻ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته قبول اهو پوندو جيڪو عوام سان ڏک سور ۾ گڏ هوندو، باقي ڪوڙن نعرن جي آسري تي هڪڙو پورو نسل فنا ٿي ويو آهي.

سنڌي ماڻهن وڏيرن جي ڪوڙن ڏٺن کان بيزار ٿي فراريت اختيار ڪئي آهي. جي پنهنجي ليڊر شپ ۾ افعال هجي ته ڌارين جي پويان وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسان وٽ سنڌي قوم جا اڳواڻ رئيس ۽ وڏيرا جيڪي عوام کان ووٽ وٺي پوءِ وري لوٽو به ڪونه هڻن، عام ووٽر کي پنهنجو هاري سمجهي وساريو ڇڏين. ڪم لٿو ڪاڳر ڦاٽو. ميمبر ۽ وزير اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ جا وڻ وسائين ته وري واپسيءَ جو رخ نه ڪن. عياشين ۾ راتيون گذاري ڏينهن جو ننڊون ڪن، عوام وڏيرن جي درن تان ڌڪا کايو موٽي اچي. مجيديءَ اهڙن وڏيرن لاءِ چيو آهي ته:

”تون ته گهرين ٿو ڪرسي، هي گهرن ٿا اٽو،
اڇون تنهنجي بنگلي تي نوڪر ڇون هٽو“

پر جي ڪنهن کي ڪو وڏيرو پاڳن سان مليو ته چوندو: بابا اوهان مون کي ووٽ ٿوروئي ڏنا آهن . اوهان ووٽ ڏنا آهن جيئي پٽو کي ۽ ڪم به ان کان وٺو. موجوده سنڌ سرڪار ۾ ته لڳي ٿو ته ايم ڪيو ايم ڪانسواءِ سنڌ جي ڪا نمائندگي ئي نه هجي. نڌڙڪا گهوڙا غيباڻا سوار هجن ته پوءِ خودڪشي ڪرڻ کان بهتر آهي ته ايم ڪيو ايم ۾ وڃجي، جتي پيو ڪجهه نه، ته به عزت ته آهي. هونئن اهي آهن بيماري پر ان جو ڪارڻ سنڌ جو سياستدان آهي نه ڪي عوام، نه ئي سياسي ورڪر. باقي اليڪشن ۾ جيئڻ جون فاتحائون ڪري ووٽ وٺڻ جو دور نه رهيو آهي، هاڻي حساب ڪتاب جو وقت اچي ويو آهي.

*(روزاني تعمير سنڌ، ڇنڇر 19 جولاء 2003)*



books.sindhsalamat.com

# سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ڇپيل ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1. | مُنهنجو صحرا سُڏڪي ٿو | (مضمون) | امر رائيسنگهه راجپوت | (ختم) |
| 2. | ڪاڳر تي لٿل خيال | (شاعري) | سرائي محمد رحيم خاصخيلي | (ختم) |
| 3. | تتل سج هيٺان | (مضمون) | محب ڀيل | (ختم) |
| 4. | زنگجي ويل ننڊ | (شاعري) | جاويد جبار | (ختم) |
| 5. | سون سريکيون عورتون | (پروفائيل) | عثمان راهوڪڙو | (ختم) |
| 6. | هن رتائين راهه ۾ | (ڪالم/مضمون) | محب ڀيل | (ختم) |
| 7. | آئيني جي اوٽ | (ڪهاڻيون) | اصغر پتافي | (ختم) |
| 8. | چؤنري مٿان چنڊ | (شاعري) | امر رائيسنگهه راجپوت | (ختم) |
| 9. | نديءَ ۾ نهارون | (شاعري) | رٻڏنو خاصخيلي | (ختم) |
| 10. | سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا(ڀاڱو پهريون) | (گڏيل شاعري) | احساس ميرل | (ختم) |
| 11. | احتجاج ۽ آزادي | (فڪر ۽ فلسفو) | آدرش سنتوش گوماٽي | (ختم) |
| 12. | پورب مُنهنجو پنڌ | (مضمون) | فقير بشير لغاري | (ختم) |
| 13. | گُفتار حق | (شاعري) | پيراٽو ڳاهو | (ختم) |
| 14. | چڱو ورستي الوداع | (شاعري) | امتياز ڪُنير | (ختم) |
| 15. | سوڍا چتر سجاڻ | (خاڪا) | امر رائيسنگهه راجپوت | (ختم) |
| 16. | مري جيءَ ڏنوسين | (ناول) | ايوب کوسو | (ختم) |
| 17. | مٿي مُنهنجي ماءُ | (ڪالم-مضمون) | خالد ڪُنڀار | (ختم) |
| 18. | مٺيءَ جي تاريخ | (تاريخ) | حاجي محمد دل | (ختم) |
| 19. | دَرد گُهنگهرو ٻڌا | (شاعري) | احساس ميرل | (ختم) |
| 20. | تاريخ جي ڍنڍ ۾ ڪنول | (تحقيق) | الهبچايو راهوڪڙو | (ختم) |
| 21. | واريءَ تي چٽيل ورق | (آتم ڪٿا) | حاجي دوست محمد جيسر | (ختم) |
| 22. | پيلي ڏاهو ٿي | (ناول) | ڪاڪو ڪانيار | (ختم) |
| 23. | ڪيئن الائي عيد آئي | (گڏيل شاعري) | احساس ميرل | 200/ |
| 24. | محبت گنگنائي ٿي | (شاعري) | پيار علي نهڙيو | 200/ |
| 25. | منصب دلبري | (شاعري) | آصف زيب ملاح | 250/ |
| 26. | تنهائين جا هار | (شاعري) | فيض محمد فراقي | 200/ |
| 27. | امر ٻول اندر جا | (شاعري) | هيمن داس چنداڻي | 300/ |
| 28. | مري ويل ماڻهو ڏانهن خط | (ناول) | مشتاق سعيد | 350/ |
| 29. | پويان لڳل زندگي | (ڪهاڻيون) | ميان گُل محمد ڪلهوڙو | 300/ |
| 30. | ڪڪي هاڻيون ڪاريون | (آتم ڪٿا) | اوم پرڪاش والمڪي/هالار لغاري | (ختم) |
| 31. | اکين منجهه آڙنگ | (شاعري) | عبدالله آس هنگورجو | 400/ |
| 32. | فطرت جو رکوالو | (ڪالم مضمون-شهيد ناظم جوکيو) | رزاق عاصي | 250/ |
| 33. | تاريخ جو ٻاريل ماڻهو | (آتم ڪٿا) | ايوب کوسو | 600/ |
| 34. | آئون ۽ مان | (ناول) | آفتاب راهمون | (ختم) |
| 35. | نئين سال ۾ | (گڏيل شاعري) | احساس ميرل | 500/ |
| 36. | ڪوڙ وڏو ڏهاري آهي | (ادبي مضمون-خاڪا) | حسين ڪيري | 300/ |
| 37. | ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين | (ادبي مضمون-خاڪا) | حسين ڪيري | 300/ |
| 38. | ڪهاڻين جو شهر | (ناول) | ڪليم ٻٽ | 600/ |
| 39. | ڪيفي ادب | (ناول) | اختر حفيظ | 300/ |
| 40. | ديوارن جي دنيا پويان | (جيل ڊائري) | ايوب کوسو | 600/ |
| 41. | سنڌ بچايو ـ ڪنڊ بچايو | (سياسي، ادب) | محمد ابراهيم جويو | 300/ |
| 42. | جنب ڪٿا-ڇاپو پيو | (آتم ڪهاڻي) | حفيظ ڪنير | 600/ |
| 43. | جعفر جي نئين ڪهاڻي | (ڪهاڻيون) | حفيظ ڪنير | 600/ |
| 44. | سبق ستون | (ڪهاڻيون) | حسين ڪيري | 500/ |
| 45. | فقيرن جو سڳڙو | (پروفائيل) | عزيز گوپانگ | 400/ |
| 46. | ڪاهوڙِين ڪَٽِيِ،ساجُهرُ ٻَڌا سَندِرا | (مٺو مهيري، هڪ نفيس ۽ جاکوڙي شخصيت) | رفيق جعفري | 500/ |

# سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ايندڙ ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | سنڌ اُداس آهي | (ڪالم-مضمون) | ايوب کوسو |
| 2. | مري جيءِ ڏنوسين | (ناول) | ايوب کوسو |
| 3. | جنب ڪٿا (ڀاڱو ٻيو) | (آتم ڪهاڻي) | حفيظ ڪنير |
| 4. | ميمري پوليس | (ناول) | يوڪو اوگاوا/اختر حفيظ |
| 5. | تازا گيت گُلابن جا | (شاعري) | حاجي ساند |
| 6. | عمر هلي گئي | (سرائڪي شاعري) | شتاب زرداري |
| | Mushtaque Saeed | (Novel) | 7.A GLANCE AT GUILT..! |

## رابطي لاءِ:

**پرڪاش ڪرمواڻي**
0333-3173584
0341-3386907



sindhsalamat.com

